سنڌي

ڪويتا ۾

ويدانت

راجستان سنڌي اڪادمي

جئپور

سنڌي
ڪويتا ۾
ويدانت

اجمير ۾ ١٠ - ١١ جولاءِ ١٩٩٣ع تي راجستان سنڌي اڪادمي طرفان ڪوٺايل سيمينار لاءِ لکيل پيپرس جو ڇپايل سنگرهه —

— ڇپائيندڙ —

راجستان سنڌي اڪادمي

هيڊ آفيس —
جي - ٧ ، سڀاش مارگ ،
سي اسڪيم ، جئپور ٣٠٢٠٠١
فون : ٣٨١٩٦٨ / ٣٨١٣٩٩

اڌيڪشيم ڪار يالي
سنت ڪنور رام بازار ،
ڪدويد سپرا ، اجمير ٣٠٥٠٠١
فون : ٢١٧٦٦

ڇپائيندڙ طرفان ٢ اکر

راجستان سنڌي اڪاڊمي طرفان سيمينار ته اڳ ۾ ٻه ٽيا آهن پر ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جي راجستان سنڌي اڪاڊمي جي چيئرمين ٿيڻ کان پوءِ هي سندس ايامڪاري جو هي پهريون سيمينار آهي.

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جي دل ۾ اها لڳن آهي ته آءٌ سنڌي جاتي جو شان اونچو ڪريان. ان اُديش سان ئي هن طرفان سيمينار لاءِ وشيه جي چونڊ به خود ڪئي ويئي پيپرس لکائڻ لاءِ ودوانن جي چونڊ به هن جي آهي. سندس اها به اڇا رهي ته اسين ليک کان هٽي ڪجهه ڪم ڪريون انڪري سنڌي عالمن کان سواءِ هن ٻين غير سنڌي ودوانن سنتن ۽ مهاتمائن کي به هن سيمينار جو مارگ درشن ڪرڻ لاءِ گهرايو آهي جن ۾ پرمک آهن نمبارڪ پيٺ جو پيٺاسن اڌڪاري شري شريجي مهاراج (هن جو درجو جڳت گرو شنڪر آچاريه جي سمان آهي) بهار مان شڪشا رشي ڊاڪٽر سوامي اکليش جي مهاراج مها منڊليشور شڪتي سنورڻ پيٺ آرا. ورلڊ ڊويلپمينٽ پارليامينٽ جو سنسٿاپڪ پرڌان ڊاڪٽر ڪي ڪي داس نئين دهلي. درڀنگا سنسڪرت وشودياليه جو اڳوڻو وائيس چانسلر آچاريه شري ڊاڪٽر پرڀاڪر مشرا ۽ ويدن جو مشهور ودوان هندي ۽ پراڳ گورنمينٽ ڪاليج جو پرمک ڊاڪٽر بدري پرساد پنچولي ۽ پشڪر پنچ ڪنڊ جو سنت

ڇپيندڙ — هندو يومي پرنٽنگ پريس ،
دوڪان نمبر ٢ ، نيو مارڪيٽ ،
ڪنوينٽ سپرا ، اجمير - ٣٠٥٠٠١
فون : ٢١٧٦٦

ڇپائيندڙ — شري اين . ڀيلاڻي سيڪريٽري
پاران راجستان سنڌي اڪادمي
جي ٧ ء سڀاش مارگ - سي اسڪيم
ڄئپور -

سال — ١٩٩٣

ڪاپيون — پنج سو   ڇاپو پهريون

قيمت — پنجاهه روپيه   ٥٠ روپيه هڪ

هي پستڪ راجستان سنڌي اڪادمي طرفان ڇپجندڙ ما
پتريڪا سنڌو دوت جي گڏيل اڪ مهينن نومبر ٩٢
جون ٩٣ تائين جي عيوض ۾ خاص وشيش اڪ جي
۾ ڇپيو ويو آهي .

هن سيمينار کي سڦل بڻائڻ لاءِ پريم پرڪاش آشرم دهلي گيٽ اجمير، سوامي برهمانند شاستري ۽ اجمير نگر سنڌي سماج، اکل ڀارتيه سنڌي سماج اجمير طرفان جيڪو سهيوگ سهڪار ڏنو ويو آهي ان لاءِ آءٌ سندن شڪر گذار آهيان.

اجمير ۾ آيل سڀني ودوانن ۽ ڊيليگيٽن جو شڪر گذار آهيان جي پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي هن سيمينار ۾ شريڪ ٿيا آهن.

نيڻن ڀيلاڏي
سيڪريٽري
راجستان سنڌي اڪادمي

اجمير ١٠- جولاءِ ٩٣

سوامي يوگانند جي مهاراج (آم والي بابا) . انهن کان سواءِ اجمير ۾ رهندڙ ويدانت ڪيسري سوامي منوهر لال جي مهاراج ۽ سوامي برهمانند شاستري جن کي به هن سماروهه ۾ سنڌو سنسڪرتي ۽ ويدانت وشيه تي ڳالهائڻ لاءِ وينتي ڪيل آهي .

سيمينار جي مقصدن تي ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي طرفان هن پستڪ جي شروع ۾ روشني وڌل آهي .

هن قسم جا آيوجن گهٽ ٿين ٿا ليڪن انهن ۾ جيڪي ڪجهه ڳالهايو ويندو يا جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي اُهو نه رڳو سنڌي سماج لاءِ پر ٻين سماجن لاءِ به راههِ ڏيکاريندڙ ٿيندو . انڪري راجستان سنڌي اڪادمي جي بانيڪارن ڪجهه وقت اڳ ۾ اهو فيصلو ورتو هيو ته سيمينار شروع ٿيڻ وقت ئي سيمينار لاءِ ودوانن طرفان لکيل پيپرن کي نه رڳو سنڌي ۾ بلڪ راشٽر ڀاشا هنديءَ ۾ به پستڪ روپ ۾ ڇپائي ڏجي . ان فيصلي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ئي هي پستڪ اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ هن پستڪ کي اوهين اڪادمي طرفان سيمينار جي يادگار سوکڙي جي روپ ۾ پاڻ سان کڻي ويندا سيمينار ۾ نه آيل ودوانن ڏانهن ڪاپيون موڪليون وينديون .

هنديءَ ۾ الڳ پستڪ ڇپائڻ جو اهو مقصد آهي جيئن اسين غير سنڌين کي سنڌي ڪوين جي مهانتا کان واقف ڪرائڻ لاءِ نموني طور اُنهن جي رچنائن مان ڪجهه ڏيئي سگهون .

هن سيمينار لاءِ جن ودوانن پيپر لکيا آهن اُنهن ڏانهن راجستان سنڌي اڪادمي پنهنجي طور شڪر گذار آهي اُجوري جي الپ راشي جو ڌيان نه ڪندي هنن پنهن جي وشيه سان خوب نباهيو آهي .


جل کان ٻاهر آيو هيو ته اُهو هيو مڌهن جو ٻرم پويتر سنڌو ديش ڏيري ڏيري جل ويو هٽندو ۽ ڀوميءَ جا ٻيا انيڪ ڀاڱا جل کان ٻاهر آيا ۽ سنڌو ديش وشال روپ ڌارڻ ڪيو اُن ڪـــي سپت سنڌو ديش ڪري سڏيو ويو .

جيڪي مون مٿي لکيو آهي اُهو هڪ سچ آهي جنهن کي اسين ڀلجي چڪا آهيون سنڌو ديش جي پراچين سيمائن جــي باري ۾ سنڌ جي اسڪولن ۾ مون توڙي مڌهن جي عمـــر وارن اهو پڙهيو هيو تـــه سنڌ جون اوائلي حدون اُتر ۾ ڪشمير تائين ڏکڻ ۾ ڪچ تائين اولهه ۾ ڪيچ مڪران تائين ۽ اوڀر ۾ قنوج تائين هيون .

توهين جيڪڏهين انهن سيمائن بابت ويچار ڪندا ته اهي سيمائون سپت سنڌو ديش جون ئـــي هيون . هڪ طرف سنڌو نديءَ ٻئي طرف جمنا ندي ۽ وچ ۾ پنجاب جون پنج نديون انهن سڀني ندين وارو کيتر سپت سنڌو ديش هيو .

سنسار جا سڀ سريشٽ گرنٿ ويد اُپنشد پراڻ سمرتيون وياڪرڻ سنهتائون آدي جيڪي به لکيا ويا آهن اُهي سپت سنڌو ديش جي کيتر ۾ رهندڙ ودوانن ئي لکيا هيا. اُن وقت سڀني ودوانن ۽ انهن سيمائن ۾ رهندڙ ماڻهن کي سنڌي ئي ڪوٺيو ويندو هيو. سنڌو تان شبد ڦير و کائي هندو ٿيو ۽ ديش کي آريه ورت يـــا هندو ديش ڪري ڪوٺيو ويو .

سنسار ۾ سڀيتا جي پهرئين ڪرڻ جو پرڪاش سنڌ ۾ ئي ٿيو هيو . موهن جي دڙي ۾ جيڪي پرماڻ مليل آهن . اهـــڙا ساڳيا پرماڻ سپت سنڌو واري پراڻي کيتر ۾ پوءِ اُهو هڙاپا هجي يا هريانا ۾، اُتر پرديش، راجستان يا گجرات ۾ هجي به مليا آهن. سنڌو سنسڪرتي سنسار جي پهرئين سنسڪرتي، آدي سنسڪرتي مول سنسڪرتي آهي پر ڪڏهين به انين سمجهڻ جي ڀل نه



ويدانت جو سنڌين مٿان اثر

سيمينار جي اُديشن تي روشني

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

چيئرمن راجستان سنڌي اڪيڊمي

ويد سرشٽي ۾ سڀ کان اُتم گيان جو ڀنڊار آهن. انيڪ ودوانن جو مت آهي ته سنڌو مهراڻ جي ڪناري تي چئن ويدن رگ ويد، يجر ويد، اٿر ويد ۽ سام ويد جو پرڪاش چئن رشين جي هردي ۾ ٿيو بعد ۾ اُن پرڪاش کي لکاوٽ جو روپ ڏنو. سڄي سنسار جي پراچين پستڪن ۾ سڀ کان وڏيڪ پراچين گرنٿ رگ ويد آهي.

سنڌي موجوده زماني جا توڙي پراچين سنڌ ۾ رهندڙ توڙي هند ۾ ۽ ٻين ديشن ۾ رهندڙ سڀ سنڌي پوءِ چاهي هو هن وقت ڪهڙي به پوڄا پدتي کي مڃيندڙ هجن اُهي سڀ ويدن سان ائين جڙيل آهن جيئن گل سان سرهاڻ.

پرڀو جي اِڇا سان جڏهين هزارين سال اڳ هن سرشٽي ۾ پرلءِ آئي هئي سارو سنسار جل مءِ ٿي چڪو هيو تڏهين فقط هڪڙو ئي منش منو مهراج بچيو هيو سو به مڇلي جي پٺي تي.

اُن پرلءِ کان پوءِ سڄي سنسار ۾ جيڪو پرٿوي جو ڀاڱو

آهيون ان جو ڪارڻ اهو آهي ته سنڌ ۾ مسلمانن جي راڄ ۾ هندن کي زبردستي اسلام ۾ آندو ويو. اڄ جو ڪي سنڌي مسلمانن جي تمام وڏي گهڻائي اهڙن مسلمانن جي آهي جن جا پوروج هندو هيا. وديشي عربن ترڪن يا ايرانين جو اولاد پنج سيڪڙو به ڪونه آهي.

مسلم راڄ کان پوء انگريزن جو راڄ ٿيو انگريزن اسلام جي نالي ۾ سنڌ کي ڀارت کان الڳ ڪيو. ۴۶ سالن کان سنڌ ۾ هلندڙ اسلامي راڄ جو مزو سنڌ جي موجوده پيڙهي جي مسلمانن چڱيءَ طرح چکي ڏٺو آهي اڄ هو محسوس ڪري رهيا آهن اسلام جي نالي ۾ هندن مٿان ڪيڏا نه اورنگزيبي اتياچار ڪيا پيا وڃن. اڄ سنڌ جو مسلمان انهن اورنگزيبي اتياچارن کان نجات پائڻ لاءِ ڇٽپٽائي رهيو آهي، سنگهرش ڪري رهيو آهي ان سبب ئي هو هيندر محسوس ٿو ڪري ته هو سنڌي آهي موهن جي دڙي جي سڀيتا جو وارث آهي. هو راجا ڏاهرسين کي پنهن جو راشٽريه مهاپرش ٿو مڃي هيمون ڪالاڻي کي آزادي جي هلچل ۾ پنهن جو آدرش ۽ عيوضي ٿو مڃي. اهڙي وقت ۾ جي ڪڏهين اسين انهن آندولنڪارين کي سنڌن سچو ۽ پراچين اتهاس ٻڌايون ڪين اهو ذهن نشين ڪرايون ته توهين پڻ اُنهن ودوانن رشين منين ۽ گانين جو سنتان آهيو جن ويدن جي رچنا ڪئي هئي او هين وندڪ سنسڪرتي جا وارث آهيو ته شايد هنن جو حوصلو اڃان به وڌي. ليڪن افسوس اهو آهي ته اسين نه فقط سنڌي مسلمانن کي سنڌس سچو ماضي ڪونه ٻڌائي رهيا آهيون بلڪ ڀارت ۾ رهندڙ هندن جو به چٽر بگاڙي رهيا آهيون.

اها هڪ حقيقت آهي جڏهن ڪي ڪير به ڀلائي نه سگهندو ۽ نه ڀلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي ته هن ملڪ جو وڏهانگو ڌرم جي آڌار تي ٿيو هيو ۽ اسين هندو هُئڻ جي ناتي

ڪجهو ته سنڌو سنسڪرتي ڪا آريه سنسڪرتي کان الڳ سنسڪرتي آهي جڏهن اسين هڪ طرف اهو مڃون ٿا ته ويدن جي رچنا ڪندڙ سنڌي مهرشي هيا ويدن جي رچنا سنڌو جي ڪناري تي ڪئي ويئي هئي تہ اُهي رچنا ڪندڙ آريه ئي ته هيا . ويد ته آرين جا گرنٿ آهن . سنڌو سنسڪرتي ئي ويدڪ سنسڪرتي ۽ آريه سنسڪرتي آهي جنهن کي اڄ ڪالهه هندو سنسڪرتي يا ڀارتيه سنسڪرتي ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو .

هڪ ٻي به پراچين اتهاسڪ سچائي اها آهي ته جڏهين ٻيا پنٿ عيسائيت اسلام وغيره پيدا به ڪونه ٿيا هيا تڏهين ڀارت جي خاص ڪري سپت سنڌو ديش جي رشين منين ويدڪ گيان جو پرڪاش سڄي سنسار ۾ ڪيو.

سنسار ۾ ويدڪ سکيائن جي ڇاپ اڄ به موجود آهي . ڪلهئي دل سان ويچار ڪندڙ ودوان ان ڳالهه کي قبول ڪن ٿا تازو دهلي مان ڇپجندڙ هندي ماسڪ پتريڪا ڪادمبني جي جون ۹۲ واري انڪ ۾ ڪوٽا جي هڪ ودوان مسلم ليکڪ شري بشير احمد مهوڪ جو هڪ ليک ڇپيل آهي جنهن ۾ هن ودوان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته قران پاڪ مٿان به ويدن جو پرڀاءُ آهي . هن ان تٿيه جي پرماڻ ۾ رگ ويد جي رچائن ۽ قران پاڪ جي آيتن جي مشابهت ڪري ڏيکاري آهي . مون سنڌس اهو پورو ليک سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پنهن جي هندو يومي ساپتاهڪ اخبار انڪ ۳۲ تاريخ ۵ آگسٽ ۱۹۹۲ ۾ ڇپيو آهي سنڌي ودوانن کي ڪيي ته هو اهو ليک ضرور پڙهن .

سنڌي سپ ويدانتي آهن ڀوءِ چاهي هو اسلام جا پوئلڳ ڇو ڪين هجن . سنڌين جي جيون جي هر هڪ پهلو مان ويدانت جي جهلڪ ملي ٿي .

ليڪن ڏک آهي تہ اسين انهن سچاين کي پلجي چڪا

سان پريم ڪن ٿا. هو پريو کي پنهن جو پرماتما يعني معشوق جي روپ ۾ ڏسن ٿا. اهو ويچار منهن جي نظر ۾ غلط آهي ڀارتيه درشن ته پريو کي پتا ۽ پتي جي روپ ۾ ڏنو آهي ۽ مڃيو آهي. اهڙا ٻيا به ڪيچ پهلو ٿي سگهن ٿا.

اسين سنڌي هندن مٿان صوفي مت جو اثر ڇوڙ بجاءِ جي ڪڏهين ويدانت جو اثر ڪري جي ڪڏهين گهوشت ڪريون ته اسين سنڌين جو وڌيڪ ڀلو ڪري سگهنداسين.

سنڌي سماج کي وڌيڪ اونچو اُٿاري سگهنداسين. سنڌو سنسڪرتي کي هندو سنسڪرتي کان الڳ ڏيکارڻ واري غلط ڌارنا کي پڪڙڻ يا سنڌين مٿان صوفي مت جو گهڻو اثر هئڻ وغيره چوڻ مان سنڌين جو ڪو ڀلو ڪونه ٿيندو. فيبروري ٩٢ ۾ ڪيندريه هندي نديشاليه جي سنڌي وڀاڳ طرفان سنڌين ۾ صوفي مت تي هڪ سيمينار ڪيو ويو هيو جنهن جي شروعات الاهو- الاهو جي اسلامي گيت سان ڪئي ويئي هڪ مسلمان پنهن جي پيپر ۾ اهو به ڏيکاريو هيو ته حضرت محمد صاحب سڀ کان وڏو پهريون صوفي هيو. آڪٽوبر ٩٢ ۾ بمبئي ۾ ٿيل هڪ سيمينار ۾ پاڪستان جي ودوان ڊاڪٽر عباسي چيو ته آدي شنڪر آچاريه هڪ صوفي سنت هيو اهو بلڪل غلط آهي.

اُن کان سواءِ آديپور ۾ سنڌو سنسڪرتي بابت پڙهيل پيپر ۾ ودوان ليکڪ طرفان ٻئي هڪ سنڌي ليکڪ جي لکيل ڪتاب جو حوالو ڏيندي چيو ويو ته آرين اچي سنڌي سڀيتا کي تهس نهس ڪيو. ڪيتري نه غلط ڳالهه آهي.

آءٌ صوفي مت جي خلاف نه آهيان منهن جي ويچار ۾ ويڪ شيل فقيرن ۽ درويشن شريعت جي بندشن کان پاڻ کي مڪت ڪري ويدانت جي ان سچائي کي اپنايو ته ايشور هڪ

ٿي سنڌ مان نڪتا آهيون هت ڀارت ۾ ٻين هندن سان رلي ملي ويا آهيون ڀارت جو هندو اسان کي هندو سمجهي ٿي اسان سان سهيوگ تڏهن ڪري ٿو پر جي ڪڏهين اسين سنڌي هندن جي چنتن کي اسلامي رنگ ۾ رنگيل ڪري پيش ڪنداسين ته اسان لاءِ هت رهڻو بدلجندو.

اسين هندو ويدانتي ويچارن جا آهيون انڪري سنڌ ۾ مسلمانن سان گهاٽي سنٻنڌ هئڻ سبب ڪيترن ٿي مسلم فقيرن درويشن جي لکڻين ۾ ويدانت جي جهلڪ ملي ٿي ان سلسلي ۾ راجستان سنڌي اڪادمي طرفان هي سنڌي ڪويتا ۾ ويدانت وشيه تي هڪ سيمينار ٿي رهيو آهي هن پستڪ ۾ ان حقيقت جي پنيراٿي ۾ مسلم ڪوين جي رچنا مان انيڪ مثال پيش ڪيا ويا آهن.

صوفي مت :- منهنجي راءِ ۾ صوفي مت ۾ الڳ ڪجهه به ڪين آهي بلڪ جيڪي ڪجهه سنائيون صوفي مت ۾ آهن اُهي سڀ ويدانت جي سکيائن جو ئي نقل آهن. الڳ ڪجهه ڪين آهن. آءٌ ودوانن کان نمرتا پوروڪ اهو پڇڻ ٿو چاهيان ته توهين ڪريا ڪري سنسار کي اهو ته ٻڌايو ته صوفي مت ۾ اُهي ڪُڻ ڪهڙا آهن جيڪي ويدانت جي سکيائن ۾ ڪونه آهن؟ جڏهن اسان وٽ اُهي سکيائون هزارين سالن کان موجود آهن اسان جي نس نس ۾ آهن اسان اُنهن تي عمل ڪندا رهيا آهيون ته پوءِ ڪجهه صديون اول شروع ٿيل صوفي مت جو اسان مٿان ڪهڙي ريت پر ڀاءُ پيو؟ آءٌ ته ويدانت جي رنگ ۾ اڳ ۾ ئي رنگيل آهيان ته پوءِ ان ساڳئي رنگ مٿان ساڳين سکيائن جو رنگ ٻيو ڪيئن چڙهيو؟ ڪنهن وشئه تي جي ڪڏهين صوفين ڀاڱ کي ويدانت کان الڳ ڪيو آهي ته اُهو ڪو سنئو وشئه نه آهي. مثال طور صوفي سنت پهرئين ڪايا سان پريم ڪري پوءِ پر پيو

ممڪن جو اٿر دهليءَ ۾ سيمينار ڪوٺائي ويئي مدراس ۾ سيمينار ڪوٺائي ويئي جڏهن مون انهن سيمينار ۾ سوال پڇيا ته جيڪي صوفي مت جون سکيائون آهن اُهي سکيائون ته اڳ ۾ ئي ويدانت جي سکيائن جي روپ ۾ اسان وٽ موجود هيون تڏهين ان سچائي کي قبول ڇو نه ٿا ڪريو؟ ان جو اٿر اهو ٿيو ته بمبئي ۾ آڪٽوبر ۹۲ ۾ ٻيو دفعو جيڪو شاهه ۽ سچل ۽ سامي تي سيمينار ٿيو اُن ۾ ويدانت جي سکيائن جو سنڌي جيون تي اٿر وشئه ضرور جوڙيو ويو ليڪن پيپر جن ودوانن کان پڙهايا ويا تن ۾ اڪاڊمي اوارڊ ونر شري گوبند مالهي ته سنڌو ڌرم کي هندو ڌرم ۽ آريه ڌرم کان الڳ ڪري پيش ڪيو ۽ اهو لکيو ته سنڌو ڌرم صوفي مت ۽ آريه ڌرم جي وچ ۾ ويجهڙائي آندي. مون جڏهن شري گوبند مالهي جي پيپر تي اخبار ۾ راءِ زني ڪندي ڪائنس کي سوال پڇيا ته هن ان جا جواب ڪونه ڏنا بمبئي سيمينار ۾ ٻه ڪنهن ٻه ودوان همت ڪري اهو سچ چوڻ جي همت نه ڪئي ته سنڌي سڀ ويدانتي آهن ويدن جي رچنا ڪري سنڌي مهاپرشن رشين منين ئي سندسار ۾ گيان جو پرڪاش ڦهلايو. بمبئي سميلن ۾ سنڌ مان آيل سچل سرمست جي درگاهه جي سجادا نشين سخي سائين ضرور سيڻي کي منهن تي ڦهڪائي ڇڏي ڏنو ته ويدانت ۽ صوفي مت هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن اڳ ۾ جنهن کي توهين ويدانت چوندا هيا تنهنکي اسين صوفي مت چئون ٿا. باقي صوفي مت الڳ ڪجهه به ڪين آهي.

اسان سنڌين کي هڪ ڳالهه ياد رکڻ کپي ته اسين ڀارت ۾ هندو جي ناتي آيا آهيون اسين پاڙ سان هندو سنسڪرتي ۽ هندو ڌرم ڪڍي آيا آهيون اسلامي سنسڪرتي کي پيار ڪرڻ وارا پاڪستان ۾ رهجي ويا آهن ان ڪري هت ڀارت ۾ اڃان به جن سنڌين کي اسلامي سنسڪرتي سان لڳاءُ هجي يا اسلامي سنڌين سان پريم هجي اُهي ڀل پاڪستان وڃن ڀارت ۾ رهي ڀارت ۾ رهندڙ

آهي سڀ ڌرم سمان آهن سڀني کي ويچارن جي آزادي هئڻ کپي رب کي صرف مسلمانن تائين محدود نہ ڪري رب العالمين ڪري ڏٺو وڃي. هر ڪنهن کي پنهنجي عقيدت موجب پوڄا ڪرڻ جي آزادي هئڻ کپي. ان سبب ڪنهن جو سر قلم نہ ڪيو وڃي. انهن ويچارن وارا صوفي سڏيا ويا. اُهي پلي سڏجن ڪهن صوفي مت مبارڪ سنڌي هندو جيڪي اڳ ۾ نہ ئي انهن اُصولن جا پابند ويدانتي هيا تعصب کان پري هيا اُنهن لاءِ ائين چوڻ تہ هنن مثان صوفي مت جو اثر آهي اهو آهي سچائي کان منهن موڙڻ - سچائي کان منهن موڙي اسين ڪي سٺا ڪين سڏباسين.

منهن جا ٢ ودوان متر آهن پنهنجي صوفي مت تي وڏيون ٿيسز لکي ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون حاصل ڪيون آهن. مون ڪانئن پڇيو تہ سنڌين ۾ صوفي مت ڳولهڻ لاءِ محنت ڪرڻ بجاءِ جي ڪڏهين توهين سنڌين ۾ ويدانت وشہ تي ٿيسز لکو ها تہ سنڌين جي وڏيڪ سيوا ڪري سگهو ها.

مونکي اهو ڏک سان لکڻو ٿو پوي تہ اسانجا ڪي ساهتيڪار متر جن جي ان سنبنڌ ۾ ڄاڻ گهٽ آهي اُهي ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين جي تصوير کي ڌنڌلو ڪري رهيا آهن سچائي کي لڪائي هو غلط ڳالهہ کي هٿائي رهيا آهن. انهن ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي تہ سنڌي اسلامي رنگہ رنگيل آهن. صوفي آهن درگاهن ۾ سنڌين عقيدت آهي ۽ هو درگاهن ۾ اڄان تائين متو ٽيڪيندا ٿا اچن مدراس ۾ ڪن سنڌين هڪ وڏي شاهي عمارت ڪڙي ڪئي آهي جنهن کي صوفي در چون ٿا. اُن ۾ سنڌ جي درگاهن جون جهلڪيون ڏنل آهن صوفي درجي چونڪي ۾ درگاهن وانگر ڪلام ۽ سجدا پيا ٿين.

بمبئي ۾ سيمينار ڪونائي ويئي تہ سنڌين مثان صوفي

پيدا ٿئي ته هي سنڌي جاتي اُها جاتي آهي جنهن جا پُوروَج
پراچين اُهي رشي مُني هيا جن ويدن جي رچنا ڪئي هئي اڄ
هزارن سالن کان پوءِ به سنڌي جاتي ويدن جي سکيائن تي عمل
ڪري رهي آهي. ان وشواس پيدا ٿيڻ تي سنڌين جي عزت ۾
چار چنڊ لڳندا. ان خيال کان ئي هن سيمينار جو آيوجن ڪيو ويو
آهي سنڌي توڙي غير سنڌي ودوان ۽ مهاتمائن کي گهرايو آهي.
جي ممڪن ٿي سگهيو ته ان قسم جو ٻيو هڪ سيمينار سنڌو
سنسڪرتي جي وشيه تي اڳتي هلي راجستان سنڌي اڪادمي
طرفان ڪيو ويندو.

اڄ جي ودوانن کي سچ سمجهڻ ۽ سچ چوڻ جي سگهه
هئڻ کپي. هن ديش مٿان نقلي سيڪيولرزم جو ڀوت سوار آهي.
اسين به هن ديس ۾ رهون ٿا. اسان کي ڊپ آهي ته جيڪڏهن
اسين سنڌين کي ويدانتي سڏينداسين ته شايد شاسڪ اسان کي
تنگ دل ۽ سمپردايه وادي سمجهندا انڪري اسين سنڌين کي
صوفي مت جي پرڀاءُ ۾ هئڻ وارا سڏي پاڻ کي سمپردايه وادي
هئڻ جي جوڙي الزام کان بچڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون. پر
ان قسم جي ڪوشش مان اسين هڪ سچائي مٿان پردو وجهي
رهيا آهيون ان جو اثر ايندڙ پيڙهين تي سٺو نه پوندو.

انڪري اڄ ته اسين ساهس ڪري سچ چئون ته اسين
سنڌي سڀ ويدانتي آهيون ويدانت جي سکيائن جو اسان جي
جيون مٿان وڏو گهرو پرڀاءُ آهي. اسان جي جاتي ۾ اڄ به سوامي
وويڪانند جهڙا رشي ۽ سنت آهن برهم ليِن سوامي ليلاشاهه،
سوامي ٽيئونرام، سوامي ڀوڄراج، سوامي چيتنانند، سوامي بسنت
رام ۽ ٻيا انيڪ سنت ويدانت جا وڏا ودوان هيا سوامي
گنگيشوراننڊ ته سڄي دنيا ۾ ويد مندرن جي استاپنا ڪرائي آهي
سوامي منوهرداس هن وقت تائين ١٣ وڏا ويدانت سميلن ڪري
چڪو آهي ويدانت جي الڳ الڳ پهلن تي سنڌي ۾ به انيڪ
پستڪ لکيا ويا آهن.

سنڌين لاءِ ڏکيون حالتون پيدا نه ڪن جتي فساد ٿين ٿا اُتي سنڌين کي انڪري نيشانو پيو بڻايو وڃي ڇاڪاڻ ته اسين هندو آهيون ۽ ٻئي طرف اسان کي اسلامي سنسڪرتي کان پري ڀاوت ڏيکاري مڪاني هندن کان الڳ ڪرڻ جي ڪوشش اُهي نام نهاد ودوان پيا ڪن.

سنڌو سنسڪرتي کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تازو هڪڙو نئون رواج اجرڪ سنسڪرتي جو اُنهن ڪڍيو آهي آريه سنسڪرتي مطابق ڪنهن به ودوان جو سنمان شال پشپ مالا شري ڦل ۽ مصري وغيره سان ٿيندو آهي ليڪن اَجرڪ سنڌ جا مسلمان گوڏ هيٺان پنهن جا گوڏهن مٿ وارا عضوا ڍڪڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن جنهن کي هندو اُپويتر وستر ڪري سمجهن ٿا اُن سان سواگت ڪرڻ شروع ڪيو اٿن. ڪيتري نه دک جي ڳالهه آهي.

هڪ ڳالهه اُنهن چند ساهتيڪارن کي آءٌ ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته توهين ڪيترو به وهلور وڃو پر سنڌ جا مسلمان هندن کي جيئڻ ۾ جاءِ ڏيڻ وارا نه آهن. سنڌو ديش جي هلچل هلائيندڙن اهو پڌرو نامو ڪونه ڪيو آهي ته سنڌو ديش ٺهڻ کان پوءِ هندن جي اوستا ڪهڙي رهندي. بنگلا ديش جو مثال اسان جي اڳيان آهي بنگلا ديش آزاد ٿيو ڀارت جي مدد سان ليڪن هينئر بنگلا ديش ۾ هندن مٿان اتياچار اڳي کان وڌيڪ آهن. بنگلا ديش ڀارت لاءِ انيڪ سمسيائون پيدا ڪيون آهن. ڇا اسين هڪ ٻيو وڌيڪ اسلامي ملڪ کڙو ڪرڻ لاءِ مدد ڪريون ۽ سنڌ ۾ رهيل هندن لاءِ مصيبت پيدا ڪريون.

آءٌ سنڌي سماج جو هڪ ننڍو سيوڪ آهيان آءٌ جتي به ڪم ڪندس يا ڪم ڪرڻ جو موقع ملندو اُتي آءٌ سنڌي جاتي جي سنمان کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪندس.

ذرا ڪلپنا ڪريو ته اڄ جي ڪٺهين سنسار ۾ اهو وشواس

ويدانت ۽ صوفي مت
سنڌي مسلمان ڪوين ۾

— ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي
اي ١٤ ديانند ڪالوني لاجپت نگر نئي دهلي ٢٤

١٩٧٠ ۾ جنوري مهني جي ٨، ١٥ ۽ ٢٧ ؛ فيبروريءَ مهني جي ٦ ۽ ٢٦ ؛ مارچ مهني جي ٦ ۽ اپريل مهني جي ٢ تاريخن تي جامعہ مليہ اسلاميہ، دهليءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ايم. مجيب سان هن ٻندي سنڌي صوفي شاعر شاهہ عبدالڪريم جي رسالي جي انگريزي انواد جي سلسلي ۾ ٻيٺڪون ڪيون، ساڻس گڏ ويهي پنهنجو اهو ترجمو سنواريو سڌاريو. هوليءَ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ واري هڪ ڏينهن هڪ واقعو ٿي گذريو.

پروفيسر مجيب جو خاص چپراسي اقبال اسان ٻنهي لاءِ چانهہ جا ٻہ ڪوپ ۽ هڪ پليٽ ۾ بسڪيٽ رکي آئي ٿي لٽڪيو بيٺو رهيو. پروفيسر مجيب کانئس پڇيو، "ڇو اقبال، ڇا ڪپيٺي؟ ائين بيٺو ڇو آهين؟"

اقبال چيو، "عبدالحق صاحب منهنجي موڪل واري درخواست منظور نٿو ڪري. مان هوليءَ جي موقعي تي چار ڏينهن وڌيڪ موڪل تي وڃڻ چاهيان ٿو" عبدالحق صاحب پروفيسر صاحب جو پرائيويٽ سيڪريٽري هو.

"پر اقبال، تو کي هولي پوليءَ سان ڇا ڏيڻو وٺڻو آهي؟.." پروفيسر کانئس پڇيو.

"حضور، مان هر سال پنهنجي ڳوٺ جي ڪرشن - راڌا ليلا ۾ ڀاڱو وٺندو آهيان." هن وراڻيو.

— وشيہ سوچي —

ساڳئي سال ۱۹۷۰ ۾، ۱۶ مئي تي P.E.N. دهلي گروپ جي ڪنوينر ماڌو سنگهه، ڊمڪ سپرو هائوس دهليءَ ۾، جتي P.E.N. جون بيٺڪون ٿينديون هيون، اتي مون کي ”آزاديءَ کان سواءِ سنڌي ساهتيه وشيه تي ڳالهائڻ جو موقعو عطا فرمايو. ان موقعي تي حاضر شخصن ۾ خوشونت سنگهه ۽ پروفيسر مجيب هئا.

مان پروفيسر مجيب جي شخصيت ۽ لکيت کان ڪافي متاثر رهيو آهيان. ساڻس منهنجي پهرين ملاقات ۳۱ مارچ ۱۹۶۱ تي رٿيل هند - پاڪستان ڪلچرل ڪانفرنس ۾ ٿي هئي. شام جو ڀارت جي راشٽرپتيءَ ڪانفرنس جي ڊيليگيٽن کي چانهه تي گهرايو هو. ڀارت مان ڄئرامداس، دولترام، ڊاڪٽر تاراچند ۽ پروفيسر مجيب ۽ پاڪستان مان اي.ڪي. بروهي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ ننڍو جهنڊ ٺاهي ويهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ گڏجي چانهه پي رهيا هئا. مان به هٿ ۾ چانهه جو پيالو کڻي اُن جهنڊ مٿان پهتس جتان ويهي رهيس ۽ سندن ڳالهيون ٻڌندو رهيس.

پروفيسر مجيب تصوف جو ڄاڻو ماڻهو هو ۽ سنڌي صوفي شاعرن ۾ پڻ سندس گهڻي دلچسپي هئي. هُن صاحب پنهنجي جڳ پرسڌ ڪتاب The Indian Muslims (۱۹۶۷) ۾ سنڌ ۽ سنڌي صوفي شاعر شاهه عبداللطيف تي پڻ گهڻو ڪجهه وزندار لکيو آهي. سندس عقيدو هو ته جيڪي ماڻهو هندن مان مسلمان ٿيا، سي پڻ پنهنجي منوورتي/ذهنيت ڪري ڀارت جا مسلمان ٿي رهيا، ڀارتي ٿي رهيا. هن پنهنجي ڪتاب جو نالو Muslims of India نه رکي ڪري The Indian Muslims ڇو رکيو؟ کيس خبر هئي ته ڀارت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي اڳوڻن طبقن جي وچ ۾ (عام

"پر تون ته مسلمان آهين." پروفيسر نڪ تي هيٺ گهڙڪي آيل پنهنجي عينڪ مٿان نهاري کانئس پڇيو.

اقبال پنهنجن وڏن کي ياد ڪري ته پوءِ جواب ڏنو، "سائين، اسين مسلمان ٿيا آهيون ته ڇا اسين پنهنجو ڌرم به بدلايو آهي؟"

اسان ٻنهي کان کل نڪري وئي. پروفيسر سندس موڪل جي درخواست منظور ڪرڻ لاءِ پنهنجي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ کي ٽيليفون تي چيو ۽ پوءِ وري اقبال ڪمري کان ٻاهر نڪتو.

در اصل، هڪ اقبال ته ڇا، گهڻن ئي اقبالن هندن مان مسلمان ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو ڌرم ڪين بدلايو آهي. ڌرم معنيٰ جيوت جي راهه، Way of Life. هندو ڌرم هندي/ ڀارتي جيون جي راهه آهي اهو religion يا مذهب جي سوڙهي معنيٰ ۾ نٿو اچي، نٿو ماپي. اقبال ڪرشن ليلا ۽ رام ليلا ۾ حصو وٺندو رهيو آهي، جيئن اسين سڀ هر عيد، گرپرب ۽ وڏي ڏينهن تي خوشيون ملهائيندا آهيون. اسين ڀارتواسي وجود جي وحدت ۾ وشواس رکندا آيا آهيون ۽ مڙني عقيدن ۾ هڪ ئي نور پسندا رهيا آهيون.

ان ڏينهن مون سان انواد ڀيٽيندي ۽ انگريزي انواد کي سنواريندي ڪافي دير تائين ويٺي هئي ۽ پروفيسر مجيب مون کي پنهنجي ڪار ۾ ڪالڪاجيءَ ۾ مون واري ديش بندو ڪاليج تائين ڇڏڻ هليو. چيائين، "هڪ استاد کي پنهنجي ڪلاس لاءِ ڪيئن به ڪري وقت تي پهچڻ گهرجي." ان وقت مان سنڌيءَ جو هڪ ادنيٰ ليڪچرر هوس ۽ هو صاحب هڪ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو. پر پوءِ به ٻنهي ۾ وجود جي هڪڙائي هئي.

جدا جدا قومين جي صورت ۾ پيش ڪيو. نه صرف ايترو، سکن کي هندن کان ڌار رکيو. هندو ڪير آهي، ان جي پرڀاشا ۾ ڪافي گهڻيون دقتن جي باوجود ائين ڪيو ويو. پنجاب جي پهرين آدمشماريءَ ۾ سکن کي هندن ۾ شمار ڪيو ويو هو، ليڪن ٻين آدمشماري جا انگ ١٩٦١ ۾ ڪرائي ويئي، ان ۾ کين هندن کان ڌار ڪيو ويو.

اسان کي خبر آهي ته ڀارت جا هندو، مسلمان، سک ۽ عيسائي هڪ ئي ڀارتي سنسڪار يا سنسڪرتيءَ جا وارث آهن. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته Habits die hard (عادتون مشڪل سان ختم ٿينديون آهن). پر ان چوڻيءَ کي اڳتي وڌائي چئي سگهجي ٿو: Psychic impression die harder (سنسڪار ٿهائين وڌيڪ مشڪل سان ختم ٿيندا آهن). هندن مان مسلمان ٿيل ڀارت جي مسلمان گهڻائيءَ جا سنسڪار ڀارتي آهن. اهي پروفيسر مجيب جي لفظن ۾ ڀارتي مسلمان آهن. اڄ ڪالهه ڀارت - پاڪستان اڻکٽ ڏانهن نظر ورائي ڏسون ته اسان کي خبر پوندي ته ڌرم / مذهب جي آڌار تي جدا راشٽر هجڻ واري انگريزن ڏاران ڪيل ڳالهه غلط ثابت ٿي چڪي آهي. ساڳئي مذهب جي گهڻائيءَ جي باوجود بنگلا ديش پاڪستان کان ڇڄي ڌار ملڪ ٿي چڪو آهي ۽ سنڌ جا مسلمان پنهنجيءَ سنڌ ۾ مهاجر مسلمانن جي ڀيٽ ۾ ڀارت جي سنڌي هندن جي وڌيڪ ويجهو هجڻ جو احساس رکن ٿا. ڌرم / مذهب جي نسبت ۾ ڀاشا ۽ سنسڪرتيءَ کي وڌيڪ مهتا حاصل آهي. ڀاشا ۽ سنسڪرتي ئي ڪنهن قوم جي صحيح ۽ سچي سڃاڻپ آهن. ان سوال تي مون پنهنجي انگريزي ڪتاب "آف گراس روٽس: ان انڊين سنڌس رائيٽنگس" (١٩٨٧) جي

ماڻهن ۾ نه) تاڻ ٽڻاءُ هوندي به، اهي ٻئي قوميتون گڏ رهي هڪ قوم ٿاهي سگهيون آهن، هڪ گڏيل تهذيب جوڙي سگهيون آهن. هن صاحب ان ڪتاب ۾ سنڌي لوڪن بابت لکيو آهي ته اهي ندي ۽ وڻن ٻوٽن ۾ وشواس ڪن ٿا. نديءَ کي پرش جو زرخيزي اصول ۽ وڻن ٻوٽن کي استريءَ جو پيدائش اصول ڄاڻي مڃتا ڪن ٿا. ساڳيو ئي جل ديوتا سنڌي هندن لاءِ اُڏيرو لال آهي ته مسلمانن لاءِ خواجه خضر آهي. اهي نديءَ ڪناري ۽ وڻن ٻوٽن اڳيان ديپ دان ڪن ٿا، ڏيئا ٻارين ٿا. "سر سامونڊي" ۾ شاهه عبداللطيف چوي ٿو:

جــا جــر جاڻون نــه ڏئي، ڏيئا ڏئي سوهي،
سڏون ڪوهه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

اهو ته انگريزن جي 'divide and rule' واري پاليسيءَ ڪري اُڻويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ته ڇا، هندن جي جدا جدا سماجي ايڪاين ۽ مسلمانن جي جدا جدا فرقن جي وچ ۾ نفاق پيدا ٿيو آهي ۽ ويدانت ۽ صوفي مت کي وڏو ڇيهو رسيو آهي. مثال طور، اوهان انگريزن جي آدمشماري طريقي تي نظر ثاني ڪريو. ارڙهين صديءَ ۾ جڏهن کان سندن پنهنجي ملڪ برطانيه ۾ آدمشماري ڪٿي وئي ته صرف هڪ دفعو 1851 ۾ آدمشماريءَ واري سوال نامي ۾ ڌرم/مذهب بابت پڇا ڳاڇا ڪئي هئي. هوئن انگريزن جي عيسائي مذهب ۾ اڻ گهڻيئي تفرقا آهن. ليڪن هند ڀارت ۾ جڏهن کان آدمشماري شروع ڪرائي، تڏهن کان ڌرم/مذهب بابت سوال تي خاص زور ڏنو. هوئن ته اسان وٽ جدا جدا مکيه چار جاتيون جدا جدا پيشيور گروهه آهن، پر هندن الهڪي

حوالي ڪري ڇڏيون ۽ ان طرح پنهنجن ماڻهن کي قتلام ٿيڻ کان بچايو. ڪيس ۾ ٻن پڇي ويا ته شاهه بيگ جو لشڪر اوستائين ڪونه بيهي رهندو ۽ سنڌ جي گادي ٺٽي طرف وڌندو. ترت ئي پوءِ هو بکر مان لڏي اچي ٺٽي پهتو ۽ ڄام کي آگاهه ڪيائين. ١٥٢٠ ۾ شاهه بيگ صحيح امڪان موجب ٺٽي تي پڻ حملو ڪيو. ترخان نامي ۾ ڄاڻايل آهي ته سندس لشڪر ٺٽي شهر ۾ ڏينهن جا ڏينهن ڦرلٽ ۽ خونريزي ڪئي. ڄام نندي جو وارث ڄام فيروز اُلان پڇي نڪتو. آخر قاضي قادن دڳاران شاهه بيگ کي خط لکڻ تي ئي اها ڦرلٽ ۽ خونريزي بند ٿي.

هاڻي، ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ ”مهراڻ“ جي ١٩٧٧ سال واري پهرئين ۽ ٻئين گڏيل شماري ۾ بيشڪ ائين چيو ته قاضي قادن جو اهو عمل غداريءَ وارو هو. ليڪن ان عمل کي پارٽي مدووگيان/نفسياتي جي پس منظر ۾ ئي ڏسڻ گهرجي. قاضي قادن کان اڳ هندن ۽ ٻوڌن پڻ ائين ڪيو هو. ڀارت جو اتهاس ٻڌائي ٿو ته هتان جي ماڻهن اڳي ڌوهين جو خون وهائڻ بجاءِ ٻڌ ڌرم ۽ اهنسا جي واٽ ورتي ۽ حملاور قومن کي پڻ وحدت الوجود جي فلسفي تحت پنهنجو بڻايو. اهي حملاور قومون هتان جون ٿي ويون. ليڪن اسان وٽ راجا ڏاهر جهڙا ويرا پرش به هئا، جن حڪومت هلائڻ جي گرامر کي چالو سڄالو هو ۽ آخرين دم تائين دشمن سان لڙائي ڪري ويرگتي پراپت ڪئي هئي. عام ماڻهن ۾ اهڙا ڳالهه ڪا اهميت واري نه هئي ته سندن حاڪم ڪير آهي، ڪٿان جو آهي ۽ سندس ڪهڙو ڌرم/مذهب آهي، جيستائين اهو حاڪم سندن نظر حيات ۽ طرز حيات ۾ دخل نٿو ڏئي. هنن سڀني لاءِ اصلي حاڪم ته ايشور آهي، ٻيا مڙيئي ڇوٽا ڇوٽا راڄ آهن. قاضي قادن

صفحن ١٩٩-٢٠٥ تي وڏيڪ تفصيل سان لکيو آهي.

انهن ٻنهي ڪتابن ۾ پروفيسر مجيب سان گهڻيئي ڳالهيون ٿينديون هيون. هو صاحب الهام- وادي ته ڪين هو ۽ ڀارت کي هڪ راشٽر ڪري مڃيندو هو. پوءِ به ويدانت ۽ تصوف جي الڳ - الڳ ڪيفيت ۾ وشواس رکندو هو. هن لاءِ پڻ هارورڊ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر اناميري شيمل جيان تصوف اسلامي رهسيه واد (mysticism) هو. ليڪن مان "رهسيه واد" اڳيان "هندو" يا "اسلامي" صفت لڳائڻ جي پکش ۾ نه رهيو آهيان ڇاڪاڻ ته منتظم مذهب (organised religion) کان مٿي اڀري ڪري ئي ڪو ماڻهو رهسيه وادي ٿئي ٿو. پنهنجي دليل جي صورت ۾ هڪ ٻي وڏي ڳالهه اها آهي ته اسلام ۾ صوفين کي شريعت جي پابند لوڪن کان دور رکيو ويو آهي، ڪين آرام ديهه مقام حاصل ٿيل ناهي.

پروفيسر مجيب لاءِ اها پڻ هڪ دلچسپ ڳالهه هئي ته مڌيه ڪال ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ناطو ۽ لڳاءُ هوندي پڻ صوفي شاعر پنهنجي عملي جيوت ۾ (ويدانت) تصوف جيئندا هئا. سنڌيءَ جو پهريون مکيه صوفي شاعر قاضي قادن سنڌ جي سمون گهراڻي جي آخري ڄام نندي جي زماني ۾ ٻکر جو قاضي هو ۽ ساڻ پاڻ ٻکر قلعي جو رکپال هو. پنهنجي وطن قنڌار ۾ بابر کان هار کائي آئل شاهه بيگ ارغون ٻکر جي قلعي تي حملو ڪيو ۽ بيقصور ماڻهن جو خون وهايو. قاضي قادن ڏٺو ته هو پنهنجي نندي لشڪر سان حملاور شاهه بيگ ارغون جي وڏي لشڪر سان مقابلو نه ڪري سگهندو ۽ اجائي گهڻي رتو ڇاڻ ٿيندي. هن پنهنجي قلعي جون ڪنجيون شاهه بيگ جي

وقت پنهنجو ملڪ وڏو آهي ته. اهنسا جي هٿيار سان ئي پنهنجو ملڪ ڏاڍي طاقتور انگريز قوم کان حاصل به ڪيو آهي. ٻين غلام ملڪن کي پڻ اهو هٿيار ڏيئي آزادي حاصل ڪرڻ جو اُتساهه بخشيو آهي.

اسان رڳو ڪتابن ۾ ئي پڙهيو، اهنسا ۽ انساني ڀائيچاري جي ڳالهه نه ڪئي آهي، بلڪ پنهنجي عملي جيوت ۾ پڻ اپنائي آهي. ويدانت ۽ تصوف اسان جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. جيڪڏهن شاهه لطيف پنهنجين سٽن سورمين ڏوارا ادوئت يا وحدت الوجود جو سنيهو ڏيئي سگهيو آهي ته ان مان ظاهر آهي ته انهن سورمين جي ۽ سنڌس پنهنجي عملي جيوت ۾ "اهو ڪجهه" هو، جنهنڪري اهڙي سنيهي جي پڌرائي ممڪن ٿي سگهي.

□

خدا جي هن ٻانڌي سنڌي شاعريءَ تي ويدانت ۽ تصوف جي اثر تي ٿورو گهڻو ڌيان جوڳو لکيو آهي. ايترو ۽ اهڙو ڌيان جوڳو، جو جڏهن هارورڊ يونيورسٽيءَ ڪيمس سال ١٩٧٩-١٩٨٠ ۾ پنهنجي انڊو-مسلم ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ پارٽي سنت ۽ صوفي شاعريءَ جي مطالعي جي سلسلي ۾ گهرايو ته ان ڪان اڳ ئي سنڌس ٽي ڪتاب "شاهه عبدالڪريم: اي مسٽڪ پوئيٽ آف سنڌ" (١٩٧٠)، "شاهه عبداللطيف: هز لائيف اينڊ ورڪ" (١٩٧٥) ۽ "سنڌي لٽريچر اينڊ سوسائٽي" (١٩٧٩) اُتان جي وديارٿين جي مطالعي لاءِ هلندڙ هئا. ازانسواءِ اُن ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر اناميري شيمل جي ان سال لائين ڇپيل ڪتابن مان ٽن ڪتابن ۾ - "سنڌي لٽريچر" (١٩٧٤)، "مسٽيڪل ڊائمينشنس آف اسلام" (١٩٧٥) ۽ "پين اينڊ گريس" (١٩٧٦) ۾ - ان ڪيتر ۾ ڪيل هن ٻانڌي جي ڪارنامي جو

جڏهن مڙني سنڌي صوفين کان اڳ، پنهنجي ڪلام ۾ "جوڳي" لفظ جو استعمال ڪيو، تنهن پڻ چيو، "راڄ تنهنجو راڄيا، ٻيا راڄ ٿي راڄ." هڪ ٻئي هنڌ وري چيائين، "لوئي ٿيندي پارچي لاک نه ڇڏي رنگ." ارڏاڻپ ڀلي لوئي ڇڄي ٽار ٽار ٿي وڃي، پر اها پنهنجو لاک رنگ ڪانه ڇڏيندي آهي.

اسان ڀارت واسين پريم ۽ اهنسا وارو پنهنجو "لاک رنگ" هر حال ۾ قائم رکيو آهي ۽ پيڙهي در پيڙهي ان جو پيغام ڏنو آهي. قاضي قادن جو ڏوهٽو (سنڌس ڏياٽي ڀيڻ فاطمه جو فرزند) ميان مير پنهنجي وقت جو وڏو صوفي ٿي گذريو ۽ سنڌس ٽڪيو لاهور ۾ هو. اورنگزيب جو هڪ ڀاءُ دارا شڪوه، هن صاحب جو مريد هو ۽ پنهنجي وحدت الوجودي خيالات ڪري پنهنجي ڀاءُ جي سازش هيٺ مارايو ويو، دارا شڪوه پنهنجي وات نه ڇڏي ۽ موت سان مشاهدو ڪرڻ پسند ڪيائين. ميان مير گرو نانڪ کان پوءِ پنجين سک گرو ارجن ديو جي چوڻ تي امرتسر ۾ سوني مندر جو بنيادي پٿر رکيو ۽ ان طرح هو صاحب مذهبي ايڪتا جو هڪ وڏو مثال ڇڏيو ۽ "سرب ۾ هڪ سائين" جو هڪ وڏو درشٽانت ٿيو. ميان مير صوفي شاعر ڪين هو، صوفي عملي ماڻهو هو، عملي جيوت ۾ وحدت جو حامي هو.

ويدانت ۽ تصوف جي وات هلندي سيني ۾ ايشور جو مشاهدو ماڻڻ واري نفسيات ڪري اسان جا وڏا نقصان ٿيا آهن. پر اهي نقصان عارضي آهن. دائمي طور اسين فائدي ۾ رهيا آهيون ۽ جڳ کي پريم ۽ اهنسا جو سبق ڏيئي سگهيا آهيون. اهنسا ڪري جيڪڏهن اسان ڪڏهن

ڪندي منهنجي تحت الشعور ۾ رهيو هوندو ته مان ننڍي هوندي روهڙيءَ ۾ پنهنجي دوست محمد سان گڏ ’وار مبارڪ‘ واري ميلي ۾ ويندو هوس. اتي هڪ هنڌ مسلمانن جي نبيءَ جو پاڪ وار رکيل آهي ۽ ان ميلي ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جا هزارين مسلمان ۽ هندو شرڪت ڪندا هئا. محمد وري مون سان گڏ چيٽي چنڊ ۽ ڪالڪا ديويءَ جي ميلن ۾ هلندو هو. انهن موقعن تي سوين دڪان کلي ويندا هئا ۽ اسين ٻار گهمي ڦري اچي گهر ٻيڙا ٿيندا هئاسين. ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ دهليءَ ۾ ٻڻ خدا جي سڀني عبادت گاهن ۾ وڃڻ ٿيندو هو. ڪيرت مهرچندائيءَ کي ۽ مون کي الاجي ڇا جي تلاش هوندي هئي جو اسين ٻئي ڪڏهن پارليامينٽ اسٽريٽ واري ديول ۾ ته ڪڏهن چانڊني چوڪ واري گردواري سيس گنج ۾ ته ڪڏهن ٻرلا مندر ۾ ويندا هئاسين. اسين ٻئي روزگار ۾ لڳل هئاسين ۽ ٻسين ۾ گهمي ٿي سگهياسين. پر پوءِ به موڪل واري ڏينهن دهليءَ جي سڙڪن تي نڪري پوندا هئاسين.

جنهن ڏينهن صبوح جو عليءَ جي موجودگيءَ ۾ سوال نامي وارو اهو واقعو ٿيو تنهن ڏينهن منجهند جو مون عليءَ واري ڪلاس ۾ سمنويه واد (syncretism) تي ڳالهائيندي شاهه عبداللطيف جي جيون مان ٻن گهٽنائن جو ذڪر ڪيو، مون ڪلاس ۾ وديارٿين کي ٻڌايو ته شاهه صاحب اٽڪا ويهن کن سالن جو هو، جو هو جوڳين جي سنگ ۾ آس پاس ملڪ ۾ رٽن ڪرڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ هنگلاج پڻ ويو. جڏهن رٽن ڪري واپس وريو ته پٽس شاهه حبيب هڪ ٻيءَ جي سڀاوڪ ڀومڪا ۾ ڪالنس پڇيو، ”پٽ،

ذڪر ڪيل هو.

مان الي هوس ته ڪنهن سوال نامي ۾ مون کان پڇيو ويو ته مان ڪئمبرج/بوسٽن جي عيسائين، هندن، مسلمانن، ٻوڌين ۽ سکن مان ڪنهن ڌرم/مذهب جي ٽولين جي سرگرمين ۾ ڀاڱو وٺڻ چاهيندس، جيئن هارورڊ يونيورسٽيءَ جي دفتر وارا انهن سرگرمين بابت مون کي وقت سر اطلاع ڪري سگهن. ان وقت منهنجي پرسان ان ڊپارٽمينٽ جو هڪ سينيئر وديارٿي علي سلطان علي آسائي ويٺو هو. سنڌس وڏا اصل ڪڇ جا هئا، ان وقت ڪينيا ۾ رهندا هئا ۽ هو پاڻ هارورڊ ۾ پڙهندو هو. هن اڳتي هلي ۱۹۸۴ ۾ ڪوجڪي دستخط "بجهه نرنجن" تي مقالو لکي پي.ايڇ. ڊي. جي ڊگري حاصل ڪئي. ان سوال نامي جو اهو سوال منهنجين اکين ۾ ڪجهه ڪنن لاءِ ٽنگجي ويو هو. عليءَ چيو، "ائين ٿي، دستوري نموني، ڇپندا آهن سيڪيولر امريڪا ۾ ان سوال کي ڪا جڳهه ناهي. جو ماڻهو جنهن مذهبي گروهه جو فرد هوندو، سو پنهنجي ليکي اُن کي ڳولهي ليندو يا اُهو گروهه کيس ڳولهي لهندو.."

منهنجي لاءِ 'سيڪيولر' هئڻ جو اهو ارٿ نه هو، جيڪو ٻين ملڪن ۾ آهي. سيڪيولرزم ڌرم نرپيڪتا ناهي؛ سرو ڌرم سم ڀاءُ آهي. مون نهاري چو ان سوال جي سامهون ڏنل عيسائي، هندو، مسلمان ٻوڌي، سک وغيره ڌرم/مذهب سان وابسته سڀني خانن ۾ 'ٽڪ' نشان لڳايا. عليءَ کي ان وقت اوس تي ٽهرس لڳو هو. پر پوءِ هڪ سال جي دوران سنڌس عجب جي اها ڀاونا ويندي رهي هئي ۽ هن مون کي صحيح سمجهيو هو.

ان وقت ان سوال جي سامهون سڀني خانن کي 'ٽڪ'

سندس مريد بڻجي ويا. شاهه صاحب کي ڄاڻ هئي ته
جيڪڏهن اسين ڪن سر ڦريل ماڻهن جي چوڻ ڪي لڳي
هڪ مذهب کي ٻئي مذهب مٿان ڪيو ته. اهي سر ڦريل
ماڻهو اڳتي هلي ان مٿان ڪيل مذهب جي ڪنهن خاص
فرقي کي ان ساڳئي مذهب کي ٻئي ڪنهن فرقي کان
بهتر قرار ڪرائڻ جي فڪر ۾ رهندا ۽ اهڙي ڪوشش ڪندا.
پوءِ نه مذهبن ۾ ٿي نه، هڪ مذهب جي فرقن ۾ پڻ، فرقن
۾ ٿي نه هڪ فرقي جي فردن ۾ پڻ انسان ذات ونڊجي
وراهجي ونڊي ويندي. پوءِ ته ان تعصب جو ڪو انت
ئي نه آهي. فرض ڪريو، اهي سر ڦريا اسان کان اهو
چوارائين ٿا ته هندو ڌرم کان اسلام بهتر آهي، ته پوءِ اڳتي
هلي اسلام اندر ئي شيعن کان سني کي بهتر چوائڻ جي
حمايت ڪندا ۽ پوءِ سني سنيءَ ۾ به ڦير ڦند ڪري
سموري انسان ذات ۾ پڻ وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڏڦير پيدا
ڪندا. شاهه لطيف سنڌ ڀونءِ جي فلسفه حيات مطابق
هستيءَ جي هيڪڙائيءَ ۾ پورن وشواس ارپت ڪيو ۽
مون ان ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر ۽ پنهنجي پيرياڻي
اناميري شمل جي انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ مضمون ”شاهه
عنايت شهيد آف جهوڪ“ (١٩٦٩) مان ڪي سٽون ڪين
پڙهي ٻڌايون. انهن سٽن ۾ ڄاڻايل آهي ته سنڌ ۾ هندو ڌرم
۽ اسلام ۾ ڪي سرحدون نه آهن. سنڌي صوفين جا
ڪيترائي هندو پوئلڳ آهن ۽ سندن پهريون مڪمل مطالعو
هندن ڏاران ئي ٿيل آهي. شاهه لطيف جي رسالي جو
”سر رامڪلي“ هندن ۽ مسلمانن جي گڏيل وراثت
جو اعليٰ مثال آهي. ان سر ۾ صوفي شاعر قرآن ۽ حديث
جي حوالن سان جوڳين جي ثنا ڪري ٿو. سچل سرمست ۽
سندس پوئلڳن پڻ وحدت الوجود جو گڻ ڳايو آهي ۽

ڏٺي هن هنڌ ۾ آهي اُهي ڪاپڙي اجايو اجايو هنگلاج وڃن!" هن وراڻيو، "هائو ابا، ڏٺي هن هنڌ ۾ آهي ته هن هنڌ ۾ آهي. جنهن هنڌ ڏٺي آهي، اُتي پڻ جوڳين نهاريو. هن ڏٺيءَ کي هنگلاج ۾ پاتو."

ايءَ پٽ جي وچ ۾ ٿيل اها گفتگو اڳتي هلي شاهه لطيف جي "سر رامڪليءَ" جي هيٺين ٻن بيتن ۾ ظاهر ٿي :

ناٿ جنهين ننڌ، تمس نه نهاريو جوڳين،
ڪي ڪُوڙيسا هيا ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ،
هو هنهين هنڌ، ٿي هنهئين وڃا هنگلاج ڏي.

✠ ✠ ✠

ناٿ جنهين ننڌ، تمت ۾ نهاريو جوڳين،
سي سويسا هيا ڪاپڙي، پر پيا پراهين پنڌ،
هو هٿو هن هنڌ، هن هنگلاجان هٿ ڪيو.

انهن ٻنهي بيتن ۾ هڪ انسان ذات جي هڪ اُپاسنا گهر / عبادت گاهه ڏانهن يا مندرن، ديولن، مسجدن ۽ گردوارن جي اڪتا ڏانهن اشارو ڪيل آهي.

شاهه عبداللطيف ڪلهوڙن جي زماني ۾ ٿي گذريو آهي. ان وقت مذهبي تعصب چوٽ چڙهيل هو. هڪ دفعي ڪن درجڻ شاهه صاحب کي رستي تي روڪي ڪائنس پڇيو، "نيٺ ته تون ڪير آهين؟ هندو يا مسلمان؟" وحدت جي وليءَ وراڻيو، "مان ٻنهي جي وچ آهيان." هن غصي مان پڇيو، "ٻنهي جي وچ؟ ڇا مطلب؟ ٻنهي جي وچ ته ڪجهه ناهي!" شاهه صاحب ڏاڍي سان جواب ڏنو، "هائو، مان ڪجهه ناهيان."

شاهه عبداللطيف جي اهڙي سدياونا پري هلس ڪري اُهي درجڻ ٿي نه سگهيا انهن جا حاڪم ڪلهوڙا پڻ

سيد حسام الدين راشديءَ جو ڪتاب "هو ڏوٿي هو ڏينهن" ڪيائي کڻي اچج، مان توکي ان مان هڪ دلچسپ ٽڪرو پڙهي ٻڌائيندس. اهو ڪتاب ٻه سال کن اڳ شايع ٿيو هو ۽ اسان جي لائبريءَ جي سنڌي ڪتابن/سنڌ بابت ڪتابن ۾ موجود آهي."

ايندڙ ڏينهن ٿي ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ هوءَ مون وٽ اهو ڪتاب کڻي آئي ۽ مون ان جا پنا اٿلائڻ پٿلائڻ کان پوءِ اهو ٽڪرو ڳولهي ڪڍيو جنهن ۾ منهنجي خيال موجب حبيب جي سوال جو جواب 'ها' ۽ 'نه' ٻنهي ۾ ڏنل هو ... 'ها' ۽ 'نه' ٻنهي ۾ ان ڪري جو ان وقت ملڪ جون حالتون اهڙيون ئي هيون. پڙهي ٻڌايو مانس، منجهس لکيل هو:

"پنهنجن وزيرن ۽ سياستدانن کان جو دل ڏکويل هئي نه رمون مڪرانيءَ جو ڪردار به اکين اڳيان اچي ويو.... بهرحال ڳالهيون ٿي ڪيون سين مرحوم نظر علي خان جون. هڪڙي پڇاڙيءَ جي ڳالهه به ٻڌائي ڇڏجي.

"سکر جي هر ٽڪاڻي ۾ روزانو شام جو ڪڻاهه پرساد ٿيندو هو. ڪيترا ئي غريب غربا اچي اتان پيٽ ڀري ويندا هئا. انهيءَ خيراتي خوراڪ ۾ مذهبي ڀيد ڀاءُ ڪو نه هو. هندو به اچي ويندا هئا ته مسلمان گداگر به. شري ساڌ ٻيلي جي ڪڻاهه پرساد سان گڏ دال، پوري ۽ ڪچڙي نهايت صاف ۽ سوادي. جيڪو ايندو هو ڪيس اڻ ميو ملندو، بلڪ هڪ اڌ پاپڙ ۽ ڪٽاڻ ذرو به مٿانئس رکي ڏيندا هئس.

"هڪ ڀيري رات جو نظر علي خان ۽ مان بسم الله ڪري ان کي واپريو، نهايت لذيذ ۽ دلپسند!....

"بس اهو ڏينهن، اهو ڏهاڙو.... ان کان پوءِ اسان جو گذارو گهڻو ڪري شري ڪڻاهه پرساد تي ٿيندو هو. ماني

ڏيکاريو آهي ته هو هڪ ابو حنيفا ۾ به آهي ته هنومان ۾ ۾ به، ويدن ۾ آهي ته قرآن ۾ به.

ان وقت ڪلاس ۾ هڪ وديارٿي پروفيسر شيمل جي ڪتاب "پين اينڊ گريس" (Pain and Grace) ارڙهين صديءَ جي مسلم ڀارت جي ٻن صوفين خواجه مير درد (Pain) ۽ شاهه لطيف (Grace) جي مطالعي جا پنا اٿلائي رهيو هو. آخر ان ڪتاب جي پنيان ڏنل ڏسڻيءَ جي مدد سان هو ان ڪتاب جي صفحي ۲۳۶ تي پهتو ۽ ان صفحي تي لکيل ڪتاب مون کي ڏيکاري چيائين، "اوهان کي ان ڪتاب ۾ ليلارام وطڻمل ۽ جيٺمل پرسرام سان گڏ ياد ڪيو ويو آهي ۽ اوهان ٽنهي کي شاهه لطيف جي بهترين ٽيڪاڪارن ۾ شمار ڪيو ويو آهي"

ان وديارٿيءَ اوچتو ئي مون ۾ سموري ڪلاس جي دلچسپيءَ کي وڌائي ٻڻ ڪيو هو؛ ان ٻڻ جي ڇانوَ ۾ مون کي گهڙيون منٺار راحت محسوس ڪئي هئي.

ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن مان ڪئنٽين جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڪافي پي رهيو هوس ته ٻه وديارٿي علي سلطان علي آساڻي ۽ حبيب مون واري ٽيبل ٽائين سري آيا. سندن هٿن ۾ پڻ ڪافيءَ جا ڪوپ هئا. مون کين پرسان ويهڻ لاءِ چيو. حبيب پاڪستان مان آيل هئي. اصل سنڌياڻي هئي، پر کيس سنڌي پوري نٿي ايندي هئي. ويهڻ سان ئي حبيب پڇيو، "مان جڏهن اڃا ڄائي نه هئس ته پاڪستان قائم ٿيو ته ڇا اوهان سمجهو ٿا ته اسان جي صحيح سڃاڻپ نفرت ۽ تشدد نه آهي؟"

مون ڪئنٽين کي ڪلاس روم بڻائڻ نه چاهيو. حبيب کي چيو، "تون سڀاڻي هارورڊ يونيورسٽي لائبريريءَ مان

گلزار" وغيره پڌرا ـ ڏسيا آهن. ليڪن انهن جي پاڙن ۾، هيٺ زمين تائين (down to earth) مٽي پاڻي، ٻاٽي ۽ اُس جي جيڪا ڪيميائي ڪشمڪش آهي ۽ جا ڪشمڪش مٿي ڏانڊي/شاخ جي سنڌرتا ۾ ۽ گلن ڦلن جي سنڌرتا سان گڏوگڏ سڳنڌ ۾ به ظاهر ٿئي ٿي، سا ظاهر ظهور نه هوندي به، ان سنڌرتا ۽ سڳنڌ لاءِ سچ پچ جوابدار آهي. اها ڪشمڪش 'ستيم' سان سڌيءَ طرح ۽ 'سنڌرم' ۽ 'شوم' سان اڻ سڌيءَ طرح ڳنڍيل آهي. ۽ اها پنهنجي پوري ڪيفيت سان ساهتيه ۾ عڪس انداز نٿي ٿئي، نٿي ٿي سگهي؛ ساهتيه ۾ ان ڏانهن ڪي ڀرپور اشارا ٿين ٿا. راشدي صاحب جي مٿي ڏنل ٽڪري ۾ به اها ساڳي ڪشمڪش بيان آهي ۽ انهن ڏينهن واري نفرت ۽ تشدد جي ڀاونا هيٺ لڪل انساني همڪڙائي ۽ ڀائيچاري ڏانهن ڪي ڀرپور اشارا آهن. ساهتيه ڀلي سولائيءَ سان چوي اسين سڌي سمنويه وادي آهيون، ليڪن عملي جيون ۾ اسان جي سمنويه واد لاءِ جوابدار پيڙهه ۾ ٻيا پاڙن ۾ اهي تاڻ تڻاو پڻ آهن. اها ڪشمڪش پڻ آهي. اسان ڪي ڄاڻ آهي نه دراوڙن ۽ آرين، ويدن ۾ مڃتا رکندڙن ۽ ٻوڌن، ويدانت جي جدا جدا سمپردائن ۾ وشواس رکندڙن هندن ۽ مسلمانن، هندن ۽ عيسائن ۽ هاڻي هندن ۽ سکن ۾ اهي تاڻ تڻاو رهيا آهن. اها ڪشمڪش هوندي به، اسان جي پاڙن ۾ ڪي اهڙا طاقتور عناصر آهن، جيڪي اسان جي مول جيون درشن ـ ادوئت يا وحدت الوجود ـ کي اظهار ڏيندڙ عملي جهوت ۾ نمودار ٿيا آهن ۽ ان ڪري ادبي ٻهچون، گلن ڦلن ۾ نمايا رهيا آهن.

اسان جي عملي جيون ۾ اهڙو ڇا ڪجهه رهيو آهي، جو اسان جي ڀارت ۾ جيڪي ڌاريون قومون آيون، سي سڀ

۽ سٽي، پئسو ۽ خرچ ڪونه ۽ بلڪ پرائشر ۾ ڏسيل پرهيز جي عين مطابق! علاوه ازين انهيءَ مينوءَ ۾ دعوت شيراز ۾ شريڪ هئي، يعني دال سڳوري، جيڪا ڪاري مرچ جو پرڪو ڏئي ڏيندا هئا! ان کان زياده نظر علي خان خدا کان ٻيو ڇا ٿي گهريو! ليڪن اهو معاملو دوستن احبابن کان بلڪل مخفي رکيو ويو. ويچارڙي ٽائيمن ڪنهن کي خبر ڪانه پئجي سگهي ته سکر جي هنن ”فرزندان اسلام“ جو جيڪي رات ڏينهن هندن تي ڏوڙيو پيا وسائين، زياده تر گذر شري سائين ٻيلي جي ڪٽاهه پرساد تي آهي!“

□

مون ڪٿون پئي هٿ ڇاٽيو آهي ته جيون ۽ ساهتيه جا پرڪارت جدا جدا آهن، روپ رنگ ۽ سڳنڌ ۾ الڳ الڳ آهن. جيون جو سمورو پرڪارت ساهتيه جي پرڪارت ۾ بيان ٿئو ٿئي، ٿئو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته ساهتيه جو واسطو ’ستيم‘ (Truth) سان گڏو گڏ ’سندرم‘ (Beauty) ۽ ’شوم‘ (Goodness) سان پڻ آهي. ساهتيه جو ظاهر ظهور روپ، ’ستيم‘ جي کيتر ۾ يا عملي جيون ۾ جيڪي ٽاڻ لڏاءُ پئدا ٿين ٿا، تن ٽاڻن لڏاوُن مان ٻاهر نڪرندڙ سلجهاوُن جي ڏانڊي/شاخ ’سندرم‘ سان ۽ ڦٽندڙ گل ڦل ’شوم‘ سان وابسته آهي. ساهتيه سڳنڌيءَ گل ڦل آهي. جن تي اهي گل ڦل ٽڙن ٿا، سي سندر ڏانڊيون، شاخون ۽ ٽڙ آهن. هونئن ته ’ستيم‘ جي ڌرتي، ’سندرم‘ جون ڏانڊيون/شاخون ۽ ’شوم‘ جا گل ڦل مڙئي پاڻ ۾ رليا مليا پيا آهن ۽ اهي هڪ ٻئي دلڪش تصوير ٺاهن ٿا. پوءِ به کين جدا جدا ڏسي سگهجي ٿو. اڪثر ساهتڪ سنگرهن جا نالا ”ساهت سڳنڌ“، ”ڪويتا ڪسمانجلي“، ”ادبي پشپ“، ”گل ڦل“، ”گيت

ڀڳتي ۽ ڪرم انهن ٽنهي مارڳن دوارا پائي سگهجي ٿو.
اهو ئي سبب آهي جو گڏيل سڀيا جي تحت اسان جي
مندرن - مٺن، ٿانون - ٽڪاڻن ۾ نراڪار پرماتما جي ڌيان
(Meditation) سان گڏوگڏ ساڪار پرماتما جي نانا روپن
جون مورتون/مورتيون (Images) به آهن ۽ ساڪار پرماتما
جي پراپتيءَ لاءِ ڀڄن ڪيرتن (Devotional Singing) به آهي.
اسين بي آواز ڌيان ۽ با آواز ڀڄن ڪيرتن ٻنهي ۾ اعتقاد
ڪريون ٿا. اسانجن انهن ٽڪاڻن ۾ پرماتما جي ٻندن
(वंदनि ۽ विदुनि) سوامي رامڪرشن، سوامي وويڪانند،
مهاتما گانڌي ۽ بي.آر. امبيڊڪر جون تصويرون به ملي
وينديون. اوهين راجيندر نگر دهليءَ جي سنڌو سماج
ڀون ۾ وڃي ڏسو، اُتي جون ديوارون انهن تصويرن سان
جهنجهيون پيئون آهن.

نه صرف ايترو، اسين شو جي سواري نندي ۽ وشنو
جي سواري گرڙ جي به آرتي ڪندا آهيون. نندي پسون
آهي ۽ گرڙ پکي آهي. پسون پکي ته ڇڏيو، اسين وڻن
ٻوٽن ۽ ڪنڪرن پٿرن ۾ به هڪ ئي ست جا لمع جو
مشاهدو ماڻيون ٿا. پپر اسان لاءِ پرميشور آهي ته ٻير به
به اهوئي آهي. شالگرام ڪارو گول پٿر وشنو جي مورت
آهي ته ٻيا پٿر به اسان جا ديوي ديوتائون آهن. سورج،
چنڊ ۽ تارن نکتر ۾ به اهائي هڪ جوت آهي.

سو، جيڪڏهن اسان وٽ مڌو آچاريه جي موجب جيو ۽
برهم ۾ ڀيد آهي ۽ اهو نظريو اسلام سان ٺهڪي اچي ٿو،
ته شنڪر آچاريه جي مول سڌانت موجب ابيد به آهي
جيڪو نظريو ڪن اشارن جي صورت ۾ قرآن ۾ موجود
هوندي به غير اسلامي آهي ۽ تصوف سان ميل کائي ٿو.

(انگريزن کي ڇڏي) هتي سمائجي ويئون؟ اهي سڀ ڀارت جي ڪنهن نه ڪنهن ڌرمي سمپرداءِ يا سدانت سان ٻاڌجي ٿهڪائي، اُن سان ميل کائي ڀارت جون ٿي ويئون. ڀارتي جيون ۾ اهڙو ڪجهه هو، جنهن ڪري ڀارتي مڌيه ڪال جي جڳ پرسڌ پنجن آچارين - شنڪر آچاريه، رامانج آچاريه، نمبارڪ آچاريه، مڌو آچاريه ۽ ولڀ آچاريه - پراچين آچار وچار جي آڌار تي پنهنجن الڳ الڳ سدانتن ۾ اهڙي سمپورڻ ڌرم درشٽي ڏني، جنهن ۾ دنيا جي مڙني ڌرمن - مذهبن، مت متانترن جي الڳ الڳ سڃاڻپ به سمائجي ٿي ويئي. اسين پنهنجي عملي جيون ۾ هر هڪ پراڻيءَ ۾ ايشور کي ڏسڻ وارا رهيا آهيون، ته هڪ ئي ايشور ۾ وشواس ڪندڙ پڻ آهيون (ارٿات سرشيور وادي ۽ ايڪيشور وادي ٻئي آهيون). آتما ۽ پرماتما جا ڀاڱ ۾ جيڪي رشتا ناتا ٿي سگهن ٿا، تن سمورن رشتن ناتن جي اوک ڊوک ۽ پروڙ اسان جي آچارين ڪئي آهي، شنڪر آچاريه موجب آتما ۽ پرماتما ۾ ڪو ڀيد ناهي (ادويت واد)؛ رامانج آچاريه موجب خاص نموني ڀيد آهي (وششٽ ادويت واد)؛ نمبارڪ آچاريه موجب ڀيد آهي به ۽ ناهي به (دويت - ادويت واد)؛ مڌو آچاريه موجب ڀيد آهي (دويت واد) ۽ ولڀ آچاريه موجب خالص يا شڌ نموني ڀيد (شڌ ادويت واد) آهي. ويدانتي ڪوي ساميءَ ۾ ڪيترن اهي پنج ئي سمپرداءِ آهن ۽ پوءِ به هو پنهنجي مکيه روپ ۾ ادويت سمپرداءِ جو آهي، اُن جي آڌار مون ساليانې مخزن "ادبي چمن" ١٩٩٢ (احمدآباد) ۾ ڪئي آهي.

انهن پنجن آچارين جي ڳالهه سڪيا ڪري ايشور نرگڻ نراڪار ۽ سگڻ ساڪار ٻنهي روپن ۾ ظاهر آهي ۽ گيان،

سامي ءَ جي سلوڪن ۾ ويدانت

ڊاڪٽر - مرليڌر جيٽلي
D-127، وويڪ وهار، نئي دهلي - ٩٥

سنڌي ڀڳتي - ڪاويه ۾ "سامي ءَ جا سلوڪ" هڪ نرالي جاءِ والارين ٿا. وچين دؤر جي سنڌي شعر ۾ جڏهن مڪيه طرح صوفي درويشن جي پريم - مارڳي ويچار ڌارا وهي رهي هئي، تڏهن موجوده سنڌ جي حدن اندر سامي پهريون سنت ڪوي پيدا ٿيو، جنهن ويدانت درشن جا ڪيترائي ويچار ڪٺي سليس سنڌي ٻوليءَ ۾ رچيل سلوڪن ۾ اُنهن کي پيش ڪيو. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته صوفي - مت جنهن جو جنم اٺين عيسوي صديءَ ڌاري عرب ۾ ٿيو، ۽ پوءِ اُهو آهستي آهستي ايران، هندستان ۽ ٻين ملڪن ۾ ڦهليو، تنهن تي پڻ ويدانت ۽ پراچين ڀارت جي ٻين درشن شاسترن جو اثر پيو آهي. ان ڪري ڀارت جي زمين تي پهچڻ بعد، صوفي - مت جي اصلوڪي روپ ۾ چڱو فرق اچي ويو آهي.

ڀارت جي جدا جدا ٻولين ۾ تيرهين - چوڏهين عيسوي صديءَ ڌاري ڀڳتي ڪاويه ڌارا جو جيڪو وڪاس ٿيو، اُنهيءَ جو زور لڳاتار ارڙهين عيسوي صديءَ جي آخر تائين هلندو رهيو. ڏکڻ ڀارت جي ٻولين ۾ ته ڀڳتي - ڀاونا سان ڀوريل رچنائون ڏهين عيسوي صديءَ کان اڳ ۾ ئي ملڻ لڳيون هيون. انهن جو سهڻو مثال تمل ٻوليءَ ۾ آلوار ڀڳت - ڪوين جون رچنائون آهن. اُتر ڀارت جي جدا جدا ٻولين جي ڀڳت ڪوين جا ڪجهه مثال هن ريت آهن :—

هنديءَ ۾ سنت ڪٻير (١٣٩٩- ١٥١٨)، تلسيداس

ادوئت ڀاونا انسان جي ٻهراڻ سوُجهي آهي، جا گهڻو پوءِ اسان جي ٽي ٻرهد ارڻيڪ ۾ بيان ٿي. اڄ اسين ان ٻهراڻ سوُجهيءَ جي صحيح هجڻ جا اهڃاڻ جيوءَ جڳت ۾ هر هنڌ ڏسون ٿا. اسان جي وگياني جڳديش چندر ٻوس ثابت ڪري ڏيکاريو ته وڻن ٻوٽن ۾ پڻ پراڻ آهي. اولهه جي ٻين وگيانين پڻ انب ۾ پرهماڻ ۽ اڻوءَ ۾ پرماڻو شڪتيءَ کي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. اڻوءَ ۾ پرماڻو ۽ آتما ۾ پرماتما ادوئت يا وحدت الوجود (Unity of Existence) جو مول سدانت آهي. جڏهن آلبرٽ آئنسٽين $E=m\times c^2$ جي ڳالهه ڪئي ۽ ٻڌايو ته Energy برابر آهي Mass X Speed of Light ته هن صاحب ادوئت يا وحدت الوجود جي تصديق چيتن ۽ جڙ پدارٿن جي ڀاڱ ۾ ٻڌائي سگهڻ واري سناتن سٽيه کي دهرايو. ان ڪري اسان وٽ هر سوُ اهائي وائي آهي.

”جت ڪت وسين تو تون.“

سامي ءَ جي سلوڪن ۾ سمايل ويچارن جو جائزو پيش ڪرڻ منهنجو مقصد آهي.

سامي ۽ سندس سلوڪ

سامي (١٧٤٣ - ١٨٥٠) جنهن جو اصلوڪو نالو ڀائي چينراءِ بچومل ڏتاراماڻي هو، سو ذات جو لنڊ هو ۽ شڪارپور سنڌ ۾ ڄائو هو. سندس جنم جي سال بابت ودوان شاملراءِ نه آهن. ڪن عالمن جي راءِ موجب ڀائي چينراءِ سن ١٧٣٠ع ۾ ڄائو هو، ۽ سندس عمر ١٢٠ سال هئي. هو اڃان جوان هو ته سوامي ميگهراج نالي هڪ براهمڻ، جنهن کي سوامي منگترام به ڪري سڏيندا هئا، سو شڪارپور ۾ هيمنداس مهراج جي مڙهيءَ ۾ اچي ٽڪيو. سوامي ميگهراج، چيو وڃي ٿو ته بهاولپور رياست جي احمدپور شهر جو رهاڪو هو. هو سنسڪرت جو وڏو ودوان هو ۽ خاص ڪري درشن - شاستر ۾ گهڻي مهارت حاصل ڪئي هئائين. ڀائي چينراءِ سندس ناماچار ٻڌي، ڪيس پنهنجو گرو بڻايو ۽ کانئس سنسڪرت جو ابياس ڪرڻ شروع ڪيائين. هن ويدن- پراڻن، ڌرم شاسترن ۽ ڀارت جي درشن - شاسترن جو گهرو ابياس ڪيو. ڀائي چينراءِ پيٽ گذران لاءِ هڪ شڪارپوري سيٺ ڀائي گنگارام جي دوڪان تي گماشتي جو ڪم ڪندو هو. هو گهڻو وقت سوامي ميگهراج ۽ ٻين سنتن جي ستسنگ ۾ گذاريندو هو. نارائڻداس بيراڳي، جنهن جو ٽڪاڻو شڪارپور ۾ هو، سو ڀائي چينراءِ جو پڪو ستسنگي هو. ڀائي چينراءِ کي چاليهن کن سالن جي عمر ۾ ويراڳ لڳو. چون ٿا ته هو پنهنجيءَ ڏهر واريءَ سان گڏ امرتسر هليو ويو ۽ ڌرم شاسترن توڙي ٻين سنتن جي واڻيءَ جو ابياس ڪرڻ ۾ پنهنجو جيون گذارڻ لڳو. اُن دؤر ۾ ئي هن ڪاغذن جي ٽڪرن تي سلوڪ لکڻ شروع ڪيا. ڪيس نالي جي لالچ ڪانه هئي. اِن ڪري هو جيڪي سلوڪ رچيندو هو، سي چپ چاپ مٽ ۾ وجهندو ويندو هو.

(١٥٢٣-١٦٢٣) ۽ سورداس (١٥٠٣-١٥٦٣)، ميران ٻائي (١٥٠٣-١٥٤٦)، ملڪ محمد جائسي (١٥٠٠-١٥٩٠) ۽ دادو ديال (١٥٤٤-١٦٠٣)، پنجاب ۾ گرو نانڪ (١٤٦٩-١٥٣٨)، ۽ ٻيا سک گرو ۽ مهاراشٽر ۾ گيانيشور (تيرهين عيسوي صدي)، سنت نامديو (١٢٧١-١٣٥١) ۽ ايڪ ناٿ (١٥٣٨-١٥٩٩)، تڪارام (سترهين صدي) ۽ گجرات ۾ نرسي مهتا (١٤١٥-١٤٨١) بنگال ۾ چيتنيه مها پرڀو (١٤٨٥-١٥٣٣) ۽ آسام ۾ شنڪر ديو (سورهين صدي) انهيءَ ڀڳتي ڪاويه ڌارا جو اثر سنڌ تي به ٿيو. سنڌي ساهتيه ۾ به وچين دؤر (١٥٢٠-١٨٤٣) ۾ جنهن ۾ شاعريءَ جو وڪاس ٿيو آهي، اُها ڀڳتي - ڀاونا سان گهڻي قدر ڀرپور آهي. پر ۽ سنڌ ۾ اسلام مذهب جو گهڻو ڦهلاءُ ٿيو ۽ سن ٧١٢ع ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد ۽ سنڌ جي گهڻي حصي تي مسلمانن جي حڪومت برپا ٿي، جيڪا سن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي حڪومت شروع ٿيڻ تائين لڳاتار هلندي رهي. اِنهيءَ ڪري هن علائقي ۾ ڀڳتي ڪاويه ڌارا جو ڀوميڪي وڪاس ٿي نه سگهيو ڀڳوان رام ۽ ڪرشڻ جي ڀڳتيءَ تي آڌارت شاعري، جيڪا اسان کي ڀارت جي ٻين ڪيترن ئي ٻولين جي ساهتيه ۾ ملي ٿي ۽ اُنهيءَ جو ڦهلاءُ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان اڳ ٿي نه سگهيو. ممڪن آهي ته اُن دؤر ۾ سنڌيءَ ۾ به اهڙيءَ ڪوتا جي رچنا ٿي هجي، جيڪا روشنيءَ ۾ اچي نه سگهي آهي.

ساميءَ جا سلوڪ نرگڻ ڀڳتيءَ جي ڪاويه ڌارا جي پرمپرا ۾ اچن ٿا. ٻين ٻولين جي سنت ڪوين وانگر ساميءَ به مکيه طور آدويت - ويدانت جي دارشنڪ ويچارن کي اپنايو آهي. پر هن آتم - گيان جي مهما سان گڏ، ڀڳتيءَ ۽ يوگ کي به اهميت ڏني آهي. پرماتما جي سگڻ، ساڪار روپ جي اُپاسنا ڪرڻ کي به هن مهتو ڏنو آهي. هن مضمون ۾ ٿوري ۾

نه سگهي آهي. هو امرتسر ۾ گذاري ويو يا پنهنجي شهر شڪارپور ۾، تنهن بابت پڪ خاطريءَ جوڳو احوال ملي نه سگهيو آهي. پروفيسر شيوارام ڀيرواڻيءَ لکيو آهي ته ڀائي چئنراءِ کي ٻه پٽ هئا، جن مان وڏي جو نالو ميگهراج هئو. مطلب ته، هن سنت ڪوي جو جيڪو جيون - چرتر معلوم ٿيو آهي، اهو گهڻو ڪري ڏند ڪٿائن تي ٻڌل آهي. هاڻي به اڃان وقت ويو نه آهي. ڀائي گهنشيامداس جي پوين وٽان جاچ ڪرڻ تي ممڪن آهي ته ڀائي چئنراءِ جي زندگيءَ جون صحيح حقيقتون معلوم ٿي سگهن.

ساميءَ جا سلوڪ گرمکي پوٿين مان اُتاري، عربي - سنڌي اکرن ۾ ڇپائي ظاهر ڪرڻ جو ڪم سڀ کان اول ديوان ڪوڙيمل ڪيو. اِنهيءَ لاءِ هن جس لهڻو. هن ساميءَ جي سلوڪن جو پهريون ڀاڱو سنه ١٨٨٥ع ۾ (پنج سو ويهه سلوڪ)، ٻيون ڀاڱو سنه ١٨٨٦ع ۾ (٧٨١ سلوڪ) ۽ ٽيون ڀاڱو سنه ١٨٩٢ع ۾ (٧٩٩ سلوڪ) ڪراچيءَ مان ليٿو ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا. اِنهن ٽنهي ڀاڱن ۾ ڪل ايڪويهه سؤ سلوڪ ڏنل آهن، جن مان ڪجهه سلوڪ غلطيءَ وچان ٻه - ٻه دفعا اچي ويا آهن. ساميءَ جي سلوڪن جو اِهو ايڊيشن پوءِ ٻه ٻه دفعا ڇپائي ظاهر ڪيو ويو آهي. اِن کان سواءِ گرمکي توڙي عربي - سنڌي اکرن ۾ ساميءَ جي سلوڪن جا ننڍا وڏا گهڻيئي ڇاپا نڪتا آهن. چونڊ سلوڪن جو انگريزيءَ هنديءَ ۾ ترجمو به ڇپائي ظاهر ڪيو ويو آهي. پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻيءَ کي گهڻو جس آهي، جنهن گهڻي تحقيق ڪري، ساميءَ جا سلوڪ جدا جدا پوٿين تان پڙهي، اُنهن جو تحقيقي ڇاپو تيار ڪيو آهي، جيڪو ٽن ڀاڱن ۾ آهي.

ڀاڱو پهريون	: سن ١٩٥٥ع	-	ڪل سلوڪ ٦٠٣
ڀاڱو ٻيون	: سن ١٩٥٨ع	-	ڪل سلوڪ ٨٥٣

چون ٿا ته ڀائي چئنراءِ کي وڏيءَ عمر تائين ٻه ڪا سنتان ڪانه هئي. ڪيس هڪ پٽ اسي کن سالن جي عمر ۾ ڄائو هئو، جنهن جو نالو هئو گهنشيامداس. هن ئي پنهنجي پتا جا رچيل سلوڪ مٿ مان ڪڍي گڏ ڪيا ۽ پوٿيءَ جي روپ ۾ اُنهن جو سنگرهه تيار ڪرايو، جيڪو گرمکي اکرن ۾ هئو.

ڀائي چئنراءِ پنهنجا سلوڪ گهڻو ڪري "سامي" نالي سان رچيا آهن. ڪن ڪن سلوڪن ۾ هن "مينگهو" يا "ڀانيٽ" نالا ٻه ڪتب آندا آهن. اِنهن نالن سان ڀائي چئنراءِ جو مطلب پنهنجي گروءَ سوامي مينگهراج سان آهي. اِها هن سنت ڪويءَ جي نهٺائي چئبي، جو هن گروءَ کي آدر ڏيڻ لاءِ پنهنجا سلوڪ سندس نالي سان رچيا آهن.

هتي ڀائي چئنراءِ "سامي" جي زندگيءَ جي صرف جهلڪ ڏني ويئي آهي. هن سنت ڪويءَ کي چالاڻو ڪئي اڃان ڏيڍ سؤ سال ٻه ڪونه ٿيا آهن، ته ٻه سندس جيون جا پورا تفصيل حاصل ٿي نه سگهيا آهن. ديوان ڪوڙومل چندنمل کلناڻي (١٨٤٤ - ١٩١٦) پهريون عالم آهي، جنهن ساميءَ جي زندگيءَ تي سنه ١٨٨٥ع ۾ پنهنجي تيار ڪيل "ساميءَ جا سلوڪ" (ڀاڱو پهريون) جي مُنڍ ۾ روشني وڌي آهي. سندس لکڻ موجب ڀائي چئنراءِ جو پٽ گهنشيامداس سنه ١٨٨٢ع ۾ پنجونجاهه کن سالن جي عمر ۾ گذاري ويو. اِن مان ظاهر آهي ته هو ديوان ڪوڙيمل جو سمڪالين هئو. عجب جهڙي ڳالهه آهي ته آهڙيءَ ڄاڻ هوندي پڻ ڪوڙيمل جهڙي سڄاڻ عالم گهنشيامداس سان ملي، ڪانئس ڀائي چئنراءِ جي حياتيءَ بابت سربستو اَحوال حاصل ڪونه ڪيو. اِن جو نتيجو اِهو نڪتو آهي جو اَڄ ڪالهه ڀائي چئنراءِ جي جيون بابت جيڪو اَحوال ملي ٿو، اُهو اڻپورو آهي، ۽ اُن ۾ ڪيترن هنڌن تي تضاد آهي. مثال طور، ڀائي چئنراءِ جي جنم جي تاريخ پڪي معلوم ٿي

ان ڪري ويدانت لفظ جو ٻيو آرٿ آهي - "اُپنشدن جو گيان" سمورو ويدڪ ساهتيه شرتي آهي، يعني اُهو آتمڪ آواز يا سنديش آهي، جنهن کي رشين منين ۽ پهتل شخصن ٻڌو آهي ۽ آنيؤ ڪيو آهي. ان ڪري سڀني آستڪ درشن شاسترن ويدن جي وچنن کي پرماڻ يا سند طور تسليم ڪيو آهي.

اُپنشدن ۾ دارشنڪ ويچار سلسليوار ۽ ڪنهن مقرر ڪيل ترتيب سان سمجهايل نه آهن. اُنهن جي وچنن ۾ ڪن ڪن هنڌن تي اختلاف يا مت- ڀيد به محسوس ٿين ٿا. ان ڪري اُپنشدن جي ويچارن کي ترتيب وار سمجهائڻ لاءِ سوتر گرنٿ لکيا ويا. اِنهن گرنٿن ۾ بادرائڻ رشيءَ جو رچيل "برهم سوتر" يا "ويدانت سوتر" مشهور آهي. ويدانت درشن جو بنياد اهو گرنٿ آهي. ان کي اُتر ميمانسا به چئجي ٿو. بادرايڻ دارشنڪ سڌانتن کي سوترن جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته اُن زماني ۾ گرو ڪلن ۾ گرو پنهنجي ششن کي زباني طريقي سان شڪشا ڏيندا هئا. وديارٿين لاءِ سوتر روپ ۾ گروءَ کان پراپت ڪهل گيان کي ياد ڪرڻ ۽ هنڊائڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي. پر انهن سوترن ۾ سمايل دارشنڪ سڌانتن جو حقيقت ۾ مطلب ڇا آهي، انهيءَ تي وقت گذرندي مت- ڀيد پيدا ٿيو. ان ڪري جدا جدا آچارين سوترن ۾ سمايل فلاسافيءَ کي سمجهائڻ لاءِ ڀاشيه يا ٽيڪائون لکيون، جن اڳتي هلي الڳ الڳ سمپردائن کي جنم ڏنو. هرهڪ سمپردايه جا شش پنهنجي پنهنجي آچاريه جي سمجهاڻيءَ مطابق چنتن ڪرڻ لڳا ۽ وهنواري جيون گذارڻ لڳا. انهن سمپردائن جو وچين دور جي ڀڳتي- ڪاويه تي گهڻو اثر پيو آهي.

برهم ۽ جيو ۽ سرشٽيءَ جي وچ ۾ ڪهڙو سمبنڌ آهي؟ برهم ۽ جيو هڪ آهي يا اُهي ٻه جدا جدا هستيون آهن؟ برهم سوتر گرنٿ ۾ اهڙن سوالن جا جواب سوتر جي روپ ۾ ڏنل آهن. اُنهن

ڀاڱو ڇهون : سن ١٩٦٧ع - ڪل سلوڪ ٨٧٤

سلوڪن جو ڪل جوڙ - ٣٣٢٧

اِنهن کان سواءِ ناگراڻيءَ چوٿون ڀاڱو به قلمي نسخي جي صورت ۾ تيار ڪيو هُو، جنهن ۾ هزار کن سلوڪ درج ڪيل آهن.

هن وقت ساميءَ جي سلوڪن جو وڏي ۾ وڏو سنگرهه ديوناگري لپيءَ ۾ آهي، جنهن ۾ ٣٣٣٦ سلوڪ ديوناگري ورڻمالا جي سلسلي موجب ڏنل آهن. اِهو ڇاپو سيٺ ماڌوداس ميگهراج ۽ سيٺ پرسرام پيارومل بمبئيءَ مان ٽن ڀاڱن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. (پهريون ڀاڱو سن ١٩٥٦ع ۾، ٻيون ڀاڱو سن ١٩٥٧ع ۾ ۽ ٽيون ڀاڱو سن ١٩٥٨ع ۾ شايع ٿيل آهي).

پروفيسر ناگراڻيءَ جي بيان مطابق وٽس ٻيا به ساميءَ جا سلوڪ آهن، جيڪي اِنهن ٽن ڀاڱن ۾ نه آهن. اِن لحاظ کان چئبو ته ساميءَ جي سلوڪن جو ڪل تعداد پنج هزار کن آهي. سنڌي ساهت جي اِها وڏي خدمت چئبي، جيڪڏهن ڪو عالم ساميءَ جا سڀ سلوڪ گڏ ڪري، تحقيقي نظر سان پرکي هڪ معياري تنقيدي ايڊيشن جي صورت ۾ ڇپائي ظاهر ڪندو.

ويدانت درشن

"ويدانت" سنسڪرت ڀاشا جو هڪ سماس آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "ويدن جو انت". هتي انت شبد جو مطلب آهي "آخري حصو". ويدن جو آخري حصو آهن "اُپنشد گرنٿ"، جن ۾ ويدن جي منترن ۾ سمايل دارشنڪ ويچارن کي الڳ ڪتو ڪري، اُنهن کي سمجهايو ويو آهي.

برهم کان الڳ نہ آهن. ان ڪري اُهي بہ نتيہ يا ست آهن. حقيقت ۾ جڳت نتيہ آهي، پر وشٽوء جي مايا سان اُهيء جي اُتپتي ۽ وناش ٿئي ٿو. مايا بہ برهم جي شڪتي آهي. ولڀ ۽ ڀڳت لاء آتم - سمرپڻ جو شرط رکيو، ۽ ٻيو سڀ ڪجهہ ڀڳوان تي ڇڏي ڏيڻ لاء چيو. هن ٻال ڪرشن جي روپ ۾ پرماتما جي اُپاسنا جو پرچار ڪيو.

اهڙي طرح ويدانت درشن جا جدا جدا سمپردايہ وجود ۾ آيا ۽ اُنهن مان شنڪر آچاريہ جي ادوئيت ويدانت درشن جو اثر نرگڻ - ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي سنت ڪوين تي گهڻي ۾ گهڻو پيو آهي. سائيء جي سلوڪن تي پڻ انهن سڌانتن جو گهڻو پرڀاءُ آهي. ان ڪري هتي ٿوري ۾ شنڪر آچاريہ جي ادوئيت واد جي ڄاڻ ڏجي ٿي.

شنڪر آچاريہ جي ادوئيت ويدانت جو مول منتر آهي -

" ब्रह्म सत्यं जगन्मिथ्या, जीवो ब्रह्मैव नापर: । "

يعني " برهم ئي ستيہ آهي ۽ هيءُ سمورو جڳت ڪوڙ آهي يا مايا جو کيل آهي. جيو آتما خود ئي برهم آهي ۽ اُها برهم کان ٻئي قسم جي نہ آهي."

جيو آتما اگيان وس ٿي پاڻ کي برهم کان جدا سمجهي ٿي ۽ سنسار کي سچ سمجهي ٿي. انهيء اگيان، ڀرم ۽ مايا جي ڦندي ۾ ڦاسي، جيو آتما هن سنسار ۾ انيڪ پرڪارن جا دک ڀوڳي ٿي. پر جڏهن جيو آتما کي سچيء حالت جو انڀوءُ ٿئي ٿو تہ " مان برهم آهيان " (अहं ब्रह्म अस्मि) ۽ هيءُ سمورو جڳت فقط پرماتما جي ليلا آهي، جنهن کي برهم وري جادوء جي کيل وانگر پرليہ وقت سميٽي ڇڏي ٿو، تڏهن سندس اگيان جو پردو ڦاٽي پوي ٿو. اگيان جي ناس ٿيڻ سان ۽ آتمڪ گيان جي حاصل ٿيڻ سان جيو آتما کي آنند جي پراپتي ٿئي ٿي.

کي جدا جدا آچارين الڳ الڳ نموني سمجهايو آهي . ان طرح ويدانت درشن جا هيٺيان مکيه سمپردايه وجود ۾ آيا :—

(١) شنڪر آچاريه (٧٨٨-٨٢٠ع) جو ادوئيت ويدانت

(ان موجب جيو ۽ برهم حقيقت ۾ هڪ ئي آهي)

(٢) رامانج آچاريه (١٠٣٧-١١٣٧) جو وششٽ ادوئيت

چت (جيو آتما) ۽ اچت (جڙ پرڪرتي) اهي ٻئي برهم (ايشور ۽ سرشٽي ڪرتا) جا وشيشڻ يعني صفتون آهن . ان ڪري اُن کان الڳ نه آهن . رامانج وشڻوءَ جي اُپاسنا جو پرچار ڪيو .

(٣) نمبارڪ آچاريه (ٻارهين عيسوي صدي) جو دوئيت - ادوئيت

جيو ۽ برهم (ايشور) ۾ ڀيد ۽ اڀيد جو سمبنڌ نت ۽ هر هنڌ موجود آهي . جڏهن جيو شرير جي بنڌن ۾ ٻڌل آهي، تڏهن اُهو ايشور کان الڳ آهي . ٻئي طرف برهم وياپڪ ۽ سروگيه (ڄاڻي ڄاڻڻ هار) آهي . پر برهم ۽ جيو جي وچ ۾ اڀيد (ايڪتا) به آهي . مثال طور ۽ وڻ مان جڏهن ڦل پيدا ٿئي ٿو ۽ تڏهن اُهو وڻ کان جدا به آهي ۽ ته اُن سان هڪ به آهي . نمبارڪ آچاريه راڌا ڪرشڻ جي اُپاسنا جو پرچار ڪيو آهي .

(٤) مڌو آچاريه (١١٩٩-١٣٠٣ع) جو دوئيت واد

جيو ۽ برهم هر حالت ۾ هڪ ٻئي کان الڳ آهن . برهم سوامي آهي ۽ جيو اُنهيءَ جو داس يا سيوڪ آهي . برهم جو فقط سگڻ روپ آهي. مڌو آچاريه وشڻوءَ ڀڳوان جي اُپاسنا جو پرچار ڪيو آهي . هن وشڻوءَ جي اوتارن ۾ رام ۽ ڪرشڻ جي ڀڳتيءَ تي به زور ڏنو آهي .

(٥) ولڀ آچاريه (١٤٧٩-   ) جو شڌ - ادوئيت

ولڀ آچاريه برهم جي شڌ ادوئيت روپ جو سڌانت رکيو . هن جي ويچار ۾ برهم ئي هڪڙو تت آهي . ٻيون سڀ شيون

سگهيون. پر برهم جو ٻيو سگڻ روپ به آهي، جنهن روپ ۾ کيس ايشور چئجي ٿو. ان روپ ۾ سندس اُپاسنا ڪجي ٿي. نرگڻ برهم ۽ سگڻ ايشور ٻئي هڪ آهن. سگڻ ايشور ئي سرشٽيءَ جو سرجڻ ڪندڙ، سرو شڪتي وان ۽ سرو وياپڪ آهي. ايشور جي اُپاسنا سان چت جي شُڌي ٿئي ٿي، جنهن کان پوءِ پرم تت جي حاصلات ٿئي ٿي. ان ڪري ساڌڪ لاءِ سگڻ روپ جي اُپاسنا ڪرڻ، فقط نرگڻ، نرآڪار پرم برهم تائين پهچڻ جو هڪ ڏاڪو آهي.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ ويدانت

سامي نرگڻ ڀڳتي ڪاويه ڌارا جو سنت ڪوي آهي. هو دارشنڪ سڌانت پيش ڪندڙ آچاريه نه آهي. ان ڪري هن جي سلوڪن ۾ سلسليوار ڪنهن خاص هڪ ويدانتي سمپردايه جا سڌانت نٿا ملن. سيني ٻولين جي سنت ڪوين پنهنجي آتمڪ انڀوَ جي اظهار کي گهڻو مهت ڏنو آهي. هنن ساڌنا جي مارگ تي هلندي، جدا جدا گرنٿن ۽ شاسترن جو چنتن منن ڪيو آهي ۽ يا ٻين سنتن - درويشن ۽ پهتل شخصن جي ستسنگ مان گيان پراپت ڪيو آهي. انهيءَ جو سڀاويڪ، سندر ڍنگ سان اظهار سندس واڻيءَ ۾ ملي ٿو. ڀائي چئنراءِ به سنتن جي انهيءَ مارگ تي هليو آهي.

جيئن ته هن گهڻو عرصو امرتسر ۾ گذاريو، ان ڪري گرو گرنٿ صاحب جي ويچار ڌارا جو به مٿس گهڻو اثر ٿيو آهي. هتي ساميءَ جي سلوڪن ۾ جدا جدا دارشنڪ ويچارن جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:—

پرماتما:

پرماتما سج وانگر ظاهر بيٺو آهي. جيڪڏهن ڪي انڌا انسان جن جي اندر جون اکيون بند ٿي ويون آهن، ۽ پرماتما

اهو آنند برهم جي ساکياتڪار ڪرڻ جو انڀؤ ٿيڻ سان ئي ملي ٿو. ان کي ئي ٻين لفظن ۾ موڪش يا مڪتي چئجي ٿو.

شنڪر آچاريه جي ويچار موجب جيو آتما کي هن جيون ۾ ئي موڪش جي پراپتي ٿي سگهي ٿي. جيڏهن ئي موڪش پد تي پهتل جيو کي "جيون مڪت" چئجي ٿو. جيون مڪت اهو اِنسان آهي، جنهن جي اگيان جو پردو ڦاٽي چڪو آهي ۽ ان ڪري اگيان مان پيدا ٿيل سندس ڀرم، موهه ۽ وغيره سڀ وڪار ناس ٿي چڪا آهن. هو برهم جو ساکياتڪار ڪري برهم نشٺ ٿي چڪو آهي. جيون مڪت جي پورب ڪال جا گڏ ٿيل ڪرم ۽ گڏ ٿيندڙ ڪرم ناس ٿي چڪا آهن. هو فقط اهي پورب ڪال جا ڪرم موت تائين ڀوڳي ٿو، جن جي ڀوڳڻ جي شروعات اڳيئي ٿي چڪي آهي. پر انهن ڪرمن جي ڀوڳڻ ۾ کيس ڪوبه هرک - شوڪ ڪونه ٿو ٿئي. جهڙيءَ طرح ڪنڀار ڏنڊي سان چڪ کي گهمائي ڏنڊو ڪڍي ڇڏيندو آهي، ۽ اُن بعد به چڪ ڪجهه وقت هلندو رهندو آهي، ساڳيءَ طرح، جيون مڪت انسان جو شرير به فقط شروع ٿيل پنهنجن ڪرمن ڀوڳڻ لاءِ جيئرو رهي ٿو. اهي ڪرم سماپت ٿيڻ کان پوءِ هو سَت - چِت - آنند برهم ۾ لين ٿي ۽ جنم - مرڻ جي چڪر کان ڇٽي وڃي ٿو ۽ ڪيولِيه - آنند جو انڀؤ ڪري ٿو.

شنڪر آچاريه جي مت موجب گيان جي پراپتي ئي مکيه اُديش آهي، ڇاڪاڻ جو اُن ذريعي ئي موڪش ملي ٿو. ڪرم، يوگ ۽ ڀڳتيءَ وغيره جي ضرورت فقط ساڌڪ جي مَن کي گيان جي پراپتيءَ لاءِ تيار ڪرڻ واسطي آهي. ان ڪري اهي منزل تي پهچڻ لاءِ ذاڪڻ سمان آهن.

برهم جي روپ بابت شنڪر آچاريه جو مت آهي ته برهم حقيقت ۾ نرگڻ ۽ نرآڪار آهي. هن کي ڪي به وصفون نه ڏيئي

اکيون کولي ڇڏي توءِ کين ايشور جو درشن ڪرائي ٿو —

ست گرو :

١. ست گر لکائي، آتم جوت اکين سان؛
بنا بادل جل جي، ورکا وسائي،
اوديا ميل اندر ۾، رهي نه رائي،
وڃائي وائي، سامي سمهيو سيج تي.

٢. عجائب اُپڪار، سامي ڪيو ست گروءَ،
ڏنو جنهن پريم پريت جو، سڄڻ پيالو سار،
پيئندڙي من پٽيو، لڏؤ لڏؤ ٿي گلزار،
دوست جو ديدار، ڏٺو دل درپڻ ۾.

موڙک انسان، اوديا يا اگيان وس ٿي، مايا کي سچو سمجهي، هن ناسونت جڳت کي دائمي ڄاڻي، مايا، موهه ۽ وشيه - وڪارن ۾ ڦاسي انيڪ قسمن جا ڏک ڀوڳي رهيا آهن. ٻئي طرف ورلا کي گرمک (يعني گروءَ جي مک ٻان نڪتل اُپديش موجب هلندڙ) اِنسان آهن، جن کي هن مانک ديهه جو قدر آهي. اُهي گرمک مَنش گروءَ جي شرڻ ۾ وڃي، ساڌن - سنتن جي سنگ جو سهارو وٺي، گيان جي جوتي پائي، پرماتما جو ساکياتڪار ڪري سچو سک يا آنند پراپت ڪن ٿا. هاڻي سوال ٿو پئدا ٿئي ته، ساڌن - سنتن يا هريجنن جا ڪهڙا گڻ آهن؟ سچا ساڌو اُهي آهن، جيڪي آپي يا خوديءَ کي ماري، سمدرسي ٿي، نشڪام ڀاو سان پروپڪار ۾ لڳا رهن ٿا. جنهن منش پرماتما جو ساکياتڪار ڪري سچو آنند پراپت ڪيو آهي، تنهنکي ساميءَ سهاڳڻ سڏيو آهي. سهاڳڻ اُهو جگياسو آهي، جنهن پرماتما روپي پتيءَ کي ريجهائي پنهنجو ڪيو آهي.

١. جنهن ريجهايو ڪنت، آءُ سهاڳڻ سا چوان،
چڙهي سکپت سيج تي، ڪيلي نت بسنت،
پائي سک بي انت، سامي سلي ڪين کي.

جي نور کي ڏسي ٿا سگهن ۽ تہ ان ڪري اُئين ڪونہ چئبو تہ، پرماتما آهي ئي ڪونہ.

پرميشر پرتک، سامي سورج جا رهي،
انڌا ڏسن ڪين ڪي، پٽي پنهنجي اک،
ڪوهہ ڪرين جهک جهک، تو در در ديوانن جا.

نرگڻ برهم، سگڻ ايشور يا پرماتما جي روپ ۾ هن سنسار ۾ آيو آهي. ان ڪري نرگڻ ۽ سگڻ ٻئي هڪ ئي پر برهم جا روپ آهن:-

١- آيو نانگر نت، ٻهک ڏري ٻازار ۾؛
ٻانپيٽ چوي ٻيائي ۽ ري، ڪيئي ويٺو هت،
پاڻ واپاري وڻج ٿيو ۽ پاڻ تارازي وٽ،
رعيت راجا پاڻ ٿيو ۽ ڪانڌر ۽ سور، سپت،
پاڻ ڪمهر ۽ آوي ٻٺيو، چڪ، مٽي، گهٽ مٽ،
پاڻ فول ڦل پٽر ٿيو ۽ پاڻ ڏار، ٻج، ٻٽ،
اندر ٻاهر دم دما، ڪيئي گپت پرگهٽ ۽
پرچي ڪوليو پٽ، پاڻ لڪائي پاڻ کي.

٢- سامي سڀ ديدار، اٿيئي عجبن جو
ڏسي ٻڌي پاڻ ٿيو، ٻولي ٻولڻ هار ۽
نرآڪار آڪار ۽ ڏاري آيو جڳ ۾.

٣- سگڻ ۾ نرگڻ ۽ ورلو ڪو گرمک لکي،
سامي جنهنکي ست گرو ۽ پاتو گيان انجن
ڪيئي ميل مڻن، سوڌو رهي سڀ ۾.

پرماتما سروياپڪ آهي "پاري ۾ پاڻي، تيئن وياپڪ وسي سڀ ۾ ۽ "خالق منجهہ خلق ۽ خالق سڀ خلق ۾."

اگياني انسان کي جڏهن سچو درويش يا ستگرو ملي ٿو ۽ تڏهن هو سندن اگيان جي پردي کي دور ڪري، هڏن جون

پرماتما جي درشن جي اِڇا رکي، اُنهيءَ جو ئي سمرڻ ڪرڻ ۽ ڌيان ڪرڻ آهي ڀڳتي يا عبادت.

جگياسوءَ ۾ ڀڳتي ۽ گيان ٻئي گڏ هئڻ کپن. مان ڇا آهيان، آتما ڇا آهي، ۽ پرماتما ڇا آهي، - اِنهيءَ جي ڄاڻ کي سچو گيان چئجي ٿو. **"گيان ورائي گت، ڪنهن جي ٿئي ڪين ڪي."** گيان ڪانسواءِ مڪتي ڪانه ملي سگهندي. جيڪو گياني آهي، اُهو ئي پرماتما جي نرمل جيوتيءَ جو پنهن جي اندر ۾ ساکياتڪار ڪري سگهندو. اُهو ئي پرم مڌر ڌونيءَ کي پنهنجي اندر ۾ ٻڌي سگهندو. جنهن پنهنجي اندر ۾ آتمڪ جيوتي يا روحاني روشني ڏٺي آهي ۽ انحد ڌوني (خدائي آواز) جي جهنڪار ٻڌي آهي، تنهن کي اُن وقت جيڪو آنند پراپت ٿئي ٿو، اُن کي "برهم آنند" چيو ويو آهي. انهيءَ آنند جي اَنڀوءَ کي ساڌڪ واڻيءَ رستي ورڻن ڪري ٻڌائي سگهڻ ۾ اَسمرٿ آهي. شرير جي اندر ئي برهم جو ساکياتڪار ڪرڻ تي برهم آنند جي پراپتي ڪيئن ٿي ٿئي، اِنهيءَ جو ورڻن ساميءَ توڙي ٻين سنتن ڪوين يوگ شاستر جي فلاسافي موجب ڪيو آهي. شرير جي اندر جدا جدا چڪر (منزلون) آهن. هر هڪ چڪر کي پنهنجو پنهنجو ديوتا آهي ۽ جدا جدا قسمن جا آواز ۽ پرڪاش آهن. يوگي جنهن چڪر جو ڌيان ڪري ٿو، اُنهيءَ چڪر جي ديوتا جو ڪيس درشن ٿئي ٿو، اُنهيءَ چڪر جي ڪيس جيوتي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ ڌوني ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. برهم يا پرم آتما جو ساکياتڪار يوگيءَ کي جنهن چڪر ۾ ٿئي ٿو، اُنهيءَ کي ساميءَ ۽ ڪن ٻين سنتن **"دشم دوار"** نالو ڏنو آهي. شرير جي اندر چڪرن، آوازن ۽ روشنين جو جدا جدا سمپردايه وارن الڳ الڳ نالن سان ورڻن ڪيو آهي، پر حقيقت ۾ ڳالهه هڪ ئي آهي.

برهم آنند پراپت ٿيڻ تي منش پنهنجو پاڻ کي پلجيو

١. سهاڳڻ سائي، ڪانت جنهن جي ڪڇ ۾،
ممتا ميل اندر ۾، رکي نه رائي،
سامي سدائين، پاڻي منجهه پني رهي.

سهاڳڻ جي پد تي پهچڻ لاءِ پهريون شرط آهي چت جي شڌي يا اندر جي پوترتا. من شڌ تڏهن ٿيندو جڏهن ممتا مرندي ۽ من مان هٺ، اڀمان ۽ خودي ناس ٿيندا. جيستائين آپو يا خودي ساڌڪ جي من ۾ آهي، تيستائين هو پرماتما کي پائي نه سگهندو. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار - اهي منش جا پنج دشمن آهن. انهن کي جيتڻ کان سواءِ ئي من پوتر ٿي سگهندو. من جي شڌيءَ لاءِ ڪوڙ، ڪپٽ ۽ پاکنڊ کي تياڳي، هميشه سچ ڳالهائڻ ۽ ست پرشن جو سنگ ڪرڻ به لازمي آهي.

سامي چوي ٿو ته پرماتما رڳو ڳالهين ڪرڻ سان يا ويد شاستر پڙهي مها ودوان ۽ مک گياني بڻجڻ سان پراپت ڪونه ٿو ٿئي. پڙهڻ سولو تڏهن آهي، جڏهن جڳياسو اُن موجب رهت به رهي، يعني جيڪو گيان پرايو اٿس اُن تي عمل به ڪري. ڪٿڻيءَ جي مٽ کان ڪرڻيءَ جي هڪ رتي به وڌيڪ آهي. ڪرڻيءَ يا رهت سان گڏ ساڌڪ ۾ پريم جو هجڻ به ضروري آهي:—

پڙهي پرڏو جن، تن ورق ورائي ويڙهيا،
هڪڙو اکر پريم جو، محڪم رکن من،
اندر باهر آتما، سامي سم ڏسن،
بيا سڀ بات بکن، سڀئي منجهه سمجهه ري.

عشق ۾ پتنگ جيان پاڻ پچائڻ کان سواءِ محبوب جو وصال ڪون ٿي سگهندو. پريم يا عشق سان گڏ يڪتيءَ جو هجڻ به ضروري آهي.

لوڪ ۽ پرلوڪ جي سڀني جون خواهشون ڇڏي، هڪ ئي

جي اَثر کي ڪڍيو آهي. پر هن ڳمان سان گڏ ڀڳتيءَ ۽ پريم - ڀاونا ۽ جوڳ کي به گهڻي اهميت ڏني آهي. اِنهن ويچارن تي مٿس ويدانت جي وشنو سمپردائن جي آچارين جو گهڻو اَثر آهي. اِنهن ويچارن کي ساميءَ جدا جدا سلوڪن ۾ بار بار پئي دهرايو آهي. هتي مثال طور ڪجهه وڌيڪ سلوڪ پيش ڪجن ٿا:—

(١) آتما اَوناشي آهي يعني اُها ڪڏهن به ناس نٿي ٿئي:-

١. جاڳيو جاڳائي ۽ اَپروک لکايو آتما ۽
ڇيديو ڇيديو نه وڃيءَ پون نه سڪائي ۽
جل نه ٻوڙي، ڌرتي نه ڌٻي اڳن نه جلائي ۽
نڪي ڪال کائي، پرڪاشي سڀ کي،

٢. نڪي جيءَ مري، نڪي اُچي گرڀ ۾،
نڪي ٻڏل جل ۾، نڪي اڳن جري،
رهي اَليپ آڪاس جان، توڙي روپ ڌري ۽
سنتن سهي ڪري، ساک ڏني ساميءَ چئي

اِهن سلوڪن سان ڀيٽيو شريمد ڀڳوت گيتا جا هي شلوڪ:-

नैनं छिन्दन्ति शस्त्राणि नैनं दहति पावक:,
न चैनं क्लेदयन्त्यापो न शोषयति मारुत: ।
अच्छेद्योयम् अदाह्योयम् अक्लेद्योऽशोष्य एव च,
नित्य: सर्वंगत: स्थाणुरचलोऽय सनातन: ।

شرير جڙ پرڪرتي لوهه مثل آهي ۽ جنهن کي آتما چمبڪ وانگر هلائي ٿي. اِن ڪري شرير ۾ اِنسان کي موهه رکڻ نه گهرجي:—

چمبڪ چلائي، جيئن جڙ لوهي کي،
تيئن آتما ديهه کي ڪارج ڪرائي ۽
سمجهي ڏس ساميءَ چوي، منهن موڙهيءَ پائي ۽
ممتا مٽائي ۽ سدا ماڻي سانت سک.

هن سلوڪ ۾ سمايل ويچارن تي ڪين اُپنشد جي شلوڪن

وڃي . هن کي دنيا جي تہ ڇڏيو ۽ پر خود پنهنجي شرير جي بہ سمڪ نٿي رهي . اِنهيءَ اوستا کي سماڌي يا ٻي خوديءَ جي حالت چيو ويو آهي . اِنهيءَ اوستا ۾ پهچي، پرماتما سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جي آنند کي ساميءَ ۽ ٻين ڪيترن سنتن مڪتي يا نرواڻ سڏيو آهي .

اِن طرح ڏسبو تہ ساميءَ جي ويچارن تي الڳ الڳ ويدانت سمپرداين ۽ دارشنڪ ويچار ڌارائن جو اثر پيو آهي . نرگڻ نرآڪار برهم جي سروپ جو ورڻن ڪندي هن گهڻي قدر شنڪر آچاريہ جي ادوئيت ويدانت جا سڌانت ڪنيا آهن، دشٽن جي وناش لاءِ ۽ ڌرم جي وڪاس لاءِ نرگڻ برهم جو سگڻ روپ ۾ اوتار ڌارڻ ڪري هن لوڪ ۾ اچڻ وارو ويچار شريمد ڀڳوت گيتا تان ورتل آهي . پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڌيان، سماڌي ۽ چت جي شڌي ۽ ساڌنا جو طريقو سنتن گهڻو ڪري پتنجليءَ جي يوگ شاستر ۽ ناٿ پنٿ جي جوڳين توڙي ٻڌ ڌرم جي سڌن جي ويچارن مان پريرڻا ڪڍي ورڻن ڪيو آهي . ڀڳتي ڀاونا جي گهرائيءَ تي وشنو ويدانت سمپرداي جي آچارين ۽ آڳاٽن ڀڳتن جو اثر آهي .

هتي ٿوري ۾ ساميءَ جي سلوڪن ۾ سمايل ويچارن جو سار ڏنو ويو آهي . ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ بار بار پئي چيو آهي تہ "ويدن جو ويچار سو سنڌيءَ ۾ سڻايم." هتي "ويدن" جو مطلب آهي "ويدانت" يعني "ويدن جو درشن، اُپنشدن جو گيان." جيئن پهرين ڄاڻايو ويو آهي تہ ساميءَ ڪنهن هڪ خاص ويدانت سمپرداي جا ويچار نہ ڪنيا آهن، پر هن پنهن جي آتم انڀو جو اظهار ڪندي، جدا جدا سمپرداين ۽ سنتن - مهاتمائن توڙي ڀڳتن جي واڻيءَ مان بہ ڪيترائي نُڪتا ڪنيا آهن . اُنهن ۾ برهم، جيو آتما ۽ سرشٽيءَ جو سٻنڌ سمجهائيندي هن خاص طور شنڪر آچاريہ جي "ادوئيت ويدانت" فلاسافي

ڄاڻائيندي چيو آهي تہ:—

عشق عقل آهين، ٻئي پر پکيءَ جا
آنيءَ جي آڪاس ۾، گر گم پهچائين
يا
عشق ۽ عقل، ٻئي ساڌن سم جا،
ساڌي لهہ، سامي چوي آتم پد عمل،

(٣) مايا، ايشور جو رچيل جادوءَ جو کيل آهي، جنهن جيو آتما کي ڀلائي ڇڏيو آهي. ساميءَ اِنهيءَ مايا کي گهڻن ئي روپن ۾ ورڻن ڪيو آهي. جيئن تہ:—

١. ڪئي خلق اَنڌي، مايا موهہ مت سان،
مرگهہ ترشنا جي جل ۾، وڃي سڀ وهندي،
ورلي ڪنهن گرمکہ لڌي، ڪرپا ساڻ ڪنڌي،
ٻانيڻ جنهن ٻڌي، ڦنجئي ڪيا وس پاڻهنجي.

٢. ڏورون هٿي ڏنگہ، ناري ڪاري نانگڻي،
موڪہ مٺا ڪيترا، سامي ڪري سنگہ،
نيارو رهي نپ جان، ڪو محبتي ملنگہ،
جل ۾ جل ترنگہ، لئہ ڏنو جنهن لکہ سان.

مايا جي اِن کيل ڪري ئي جيو آتما جي روپ ۾ پرماتما پاڻ کي ڦاسائي ٿو يا اَنيڪ روپن ۾ ظاهر ٿئي ٿو:—

حيرت اَئون ڀاسي، اَچي هڪ اَچرج تي،
سامي ڄاڻي پاڻ کي، اَبناسي ناسي،
ڪپڙيءَ ۾ آڪاس پيو، ڦاهيءَ ري ڦاسي،
پاڻيءَ ۾ پياسي، ٻري ٻپوٺو مت ري.

(٤) پرماتما جي اِن ڦهلايل مايا جي وس ٿي، جيو آتما ۾ اَوديا يا اگيان پيدا ٿئي ٿو. اِن ڪري هو پنهنجي مول روپ کي نہ سڃاڻي، هن فاني سنسار جي اَنيڪ ٻنڌنن ۾ پاڻ کي ڦاسائي ڇڏي ٿي:—

جو اُثر آهي، جنهن ۾ چيل آهي ته هيءَ آتما ڪارج ۽ ڪارڻ
پاڻ آهي. پورڻ آتما مان ئي سڀ جهان اُپجي، نپجي ۽ لين
ٿئي ٿو. پري کان پري ۽ اوري کان اوري آتما ئي آهي جا
سڀ کي سڌ ڪري ٿي. اِها ڌيان ۽ يوگ جي وسيلي هردي
اندر سورمن پاتي آهي.

(٢) آتم گيان پراپت ٿيڻ کان سواءِ انسان جي ممتا ۽ موهه
۽ اگيان ناس نٿو ٿئي. پر اِن سان گڏ منش ۾ ڀڳتي ۽ پريم
ڀاونا جو هئڻ به ضروري آهي:—

١. بنا آتم گيان، ممت نه مٽي من جي،
توڙي سڀ ساڌن ڪرين، پڙهين ويد پران،
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي اُئين چيو.

٢. ڇهه، اٺارهن چار، ڳالهه چون ٿا هڪڙي
ڀڳت ڪر ڀڳوان جي، نانا پرم نوار.

٣. پريم بنا پرڪاس، ڪنهن کي ٿيو ڪينڪي،
اُئين چوي ٿو نامديو، ڪبير ۽ روداس،
ڪري ڏس ڪلپت ري، سامي لِنن اڀياس،
ته چيتن چد آڪاس، پرگهٽ ٿئي پاڻهين.

پريم ۽ ڀڳتيءَ جي مهما ڳائيندي ساميءَ ڀاڳوت پراڻ مان
به مثال ڪنيا آهن. جيئن ته —

١. مڌر مڌر مرلي، ڪان وڄائي مک سان،
ٻڌي گوپي گوار جي، سامي سرت ڀلي،
اوديا ڳنڍ کلي، ڏسي منهن محبوب جو.

٢. وڏي وڏائي، سامي ڄاڻ ڀڳت جي،
نيچ اوچ ٿيا ڪيترا، ڪري ڪمائي،
ٻيڊ، چمار جو لاهو، پيچارا نائي،
جنهن لنو لائي، سي سڀئي سڌ ريا.

لن ڪري ساميءَ آتم گيان ۽ ڀڳتي ڀاونا جي ساڳي اهميت

جڏهن لڌي لڪ سان، آتم پد جي راهه،
پائي پرماتم کي، ٿيا بي-غم بي-پرواهه،
سامي رهن آچاهه، ساڪي ٿي سرشار ۾.

(۷) سامي ڪن سلوڪن ۾ يوگ ساڌنا موجب چت جي شڌيءَ جو بيان ڪيو آهي. انهيءَ طرح من شڌ ٿيڻ بعد ئي ساڌڪ آتم گيان جي پراپتيءَ طرف وڌي سگهي ٿو:-

۱. ڪليو بيحد باغ، آنهيءَ جي آڪاس ۾،
سامي گل سڀ رنگ، پيکت جوڳ ونراڳ.

۲. هاهو ۽ سسو آهي سڀ سرير ۾،
منجهس موتي مونيڪا، پن پرن منجهه پسو،
پائي منهن مڙهيءَ ۾، انهيءَ واٽيءَ منجهه وسو،
سوئي هاهو سڀ سسو، سوئي موتي مونيڪا.

۳. نين ناسڪا ناپ، سوڌيو جڏهي گرگيات سان،
سو سامي نانا پرم ۾، ڪري نه جيءَ خراب،
پاتائين پرچي ڪري، انهيءَ آتم لاڀ،
جم جو حرف حساب، واري واصل ٿي رهيو

پيٽيو هٺ يوگ پرديپڪا جو هيءُ شلوڪ:-

श्रवण पुट - नयनयुगल - घ्राणमुखानां तिरोधनं कार्यम् ।
शुद्धसुषम्नासरणौ स्फुटममलः श्रूयते नादः ॥

يعني يوگي جڏهن ڪنن، اکين، نڪ ۽ مک جي اندرين کي باهرين پدارٿن کان هٽائي، انترمک ٿي ڌيان ڪري ٿو، تڏهن هو سشمنا مارگ ۾ نرمل ناد اُرٿات اَنحد ڌونيءَ کي ٻڌي ٿو.

(۸) ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ ڪيترين ئي اُپمائون، روپڪ وغيره ويدانت درشن گرنٿن تان کڻي استعمال ڪيا آهن.

١. سڀ کي نچائي ٿو، اوديا پوت پرم جو،
بدا ڦاهيءَ ڦند جي، ٿو پل پل پٽائي،
منتر نه منجهي کنهن جو، رهيا ٻلي ٻل لاهي،
ستگر ڇڏائي، ته سامي ڇٽي ڏکه کون.

٢. سامي ڪيڏي جن، اوديا ميل اندر مون،
سي نرمل سنسار ۾، سدا اليپ رهن،
ڇيڙيءَ ۽ ڪنچڙ ۾، سم روپ ڏسن،
لڏو لڏو رس پين، آتم پد اپار جي.

٣. اڻ هوندي پولي، وڏو جيءُ پرم ۾،
جئن ڪستوري ناڀ ۾، مرگهه ٻاهر ڦولي،
اوديا پٽ کولي، سامي ڏسي ڪينڪي.

(٥) هي سارو جڳت ناسونت آهي.

١. ڪوهه ڪرين ايمان، ڪايا مايا ڪل جو،
استر رهيو ڪونه ڪو، مير ملڪ سلطان،
سمجهي ڏس سامي چئي، آئي فاني جهان،
پائي آتم گيان، ڪلپت ڪي اندر مون.

٢. آئي سڀ آڀاس، جڳت هي جڳديش جو،
جئن سورج چنڊ ۾، سامي سدا پرڪاش،
ڪري ڏس ڪلپنا ري، نئن منجهه نواس،
ته چيتن چد آڪاس، حاضر ڏسين هت ۾.

(٦) گرمک يعني آتم گياني منش جيون مڪت بڻجي وڃي ٿو.

١. سدائين مهمان، گرمک جاڳي پاٽ کسي،
ڏٺو جڏهن گر گيان سان، فاني سڀ جهان،
ڪايا مايا ڪل جو، رکي نه ايمان،
پائي پد نرباڻ، سامي رهي سڀاءَ ۾.

٢. سهسين ڪن صلاح، ته گرمک سڪه گروءِ جا،

جڏن گھاگھر لوڙ جي، پرت هلي پاڻي،
سنڌ ۾ سماڻي، موٽي موتي ٿين ڪي.

اِنهن مثالن مان صاف ظاهر آهي ته ڀائي چندراءِ (ساميءَ) ويدانت گرنٿن، اُپنشدن، شري ڀڳوت گيتا، پراڻن وغيره جو گهڻو اَڀياس ڪيو آهي. هن سنتن - مهاتمائن جي واڻيءَ مان به گهڻو ئي گيان حاصل ڪيو آهي. گرو گرنٿ صاحب ۽ دشم گرنٿ جي گيان کان به هو گهڻو ئي پرڀاوت ٿيو آهي. اَهڙن اَنيڪ سرچشمن جي اَمرت جون هن جيڪي ٻُڪون ڀريون آهن، تن جو اَثر سندس رچيل سلوڪن ۾ جاءِ بجاءِ ڦهليو پيو آهي. اِن مان اِهو به ظاهر آهي ته ساميءَ ٻين سنتن وانگر جدا جدا متن ۽ سمپردائن مان پنهنجي آتمڪ اَنڀوَ سان گڏ گهڻيئي ويچار ڪڻي، ساڌڪ کي ساڌنا جو مارگ ڏيکاريو آهي.

اُنهن جا ڪجھ مثال هن ريت آهن :-

١. رهن منجھ جهان، سدا اَليپ ڪنول جان ۔

٢. توڙي ٻوڙن ٻوڙ، تان ٻي ڪيول ڪنول جان سدا.

٣. سڀ ڪي ٻوڙايو، پريم پساچ لڳي ڪري،
ٻڌي ناد ڪنن سان، مرگھ ٻوڙي آيو،
وٺي واس ڪنول جان، ڀونئر لپٽايو،
سامي سمايو، پتنگ جوت ڏسي ڪري ۔

٤. اندر ٻاهر نڀ جان، ڀڳوت هڪ پاسي،
جئن گهٽن ۾ آڪاس، تئن ساکي ڏسي سڀ ۾ ۔

٥. رهن منجھ سرير، اَسرير آڪاس جان،
جئن اَليپ آڪاس، تئن رهن بديهي ديھ ۾ ۔

٦. گرمک جي گادي، اَنل جان آڪاس ۾ ۔

٧. راتيون ڏينهن رڙي ٿي برھ ڪارڻ پيءَ جي،
جئن ڪارڻ سئيت جي، سپ ورلاپ ڪري،
چڪوي ڪارڻ چڪور جي، سڏڪي ساھ ڀري،
پساس نه مٽي مينهن جي، بنا نير مري،
تڏهن جيءُ ٺري، سامي مِلي سپرين ۔

٨. اَٺهوندو سنسار، ڪلپت ڪري سڌ ٿيو،
جيئن سپني ۾ سڌ ٿيو، نانا وڌ وهنوار،

٩. جئن ڪاٺي ڪاٺي گهٽ، تئن عشق لڳو ارواح کي،

١٠. ڏانور جئن ڀاٽ ڪي، ڦند ري ڦاسائي،
منهن مڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪين ڪي ۔

١١. سوئي سنت ڀڳت، سوئي ڀڳت گيان وان،
مرگھ ترشنا جي جل جان، ڏٺو جنهن جڳت ۔

١٢. ويدانتي واٽي، ٻڌي جنهن ٻاڻيٽ چئي،
تنهن مورت محبوبن جي، جاڻ ڪئي جاٽي،

برهم ڇا آهي؟ برهم جي وياکيا ڪهڙي آهي؟ برهم سرشٽي ڪيئن جوڙي وغيره وغيره.

سنسڪرت ۾ ڪنهن به ڳالهه کي ٽن روپن ۾ ڇيو ويندو آهي. پرٿم پرش جنهن کي انگريزي ۾ ٿرڊ پرسن، مڌيم پرش يعني سيڪنڊ پرسن ۽ اُتم پرش يعني فرسٽ پرسن چيو ويو آهي. ان مطابق برهم کي ڄاڻڻ لاءِ ويدانت جا ٽي مکيه سوتر ٻڌايا ويا آهن:— پرٿم پرش ”سروم خلودم برهم“ (1) يعني سنسار جي سڀني شين ۾ برهم يعني حق موجود آهي.

مڌيم پرش ۾ ٻيو سوتر آهي ”تت توم اَسي“ (2). اُهو تون آهين. يعني تو ۾ برهم آهي. تون برهم آهين ۽ اُتم پرش ۾ ٽيون سوتر آهي ”اهم برهم اَسمي“ (3) مان برهم آهيان. ”اناالحق“ مان حق آهيان. اهي ٽيئي سوتر اُن ايشوري سَتا لاءِ چيل آهن جيڪا هر شيءِ ۾ موجود آهي.

هاڻي انهن سوترن جي اُپٽار اُپنشدن ۾ ملي ٿي. برهم يعني اُها ايشوري سَتا ڪهڙن صورتن ۾ جهلڪا ڏيئي رهي آهي يا اها قدرتي طاقت ڪيئن محسوس ڪئي ويئي. اُن ڪي به ٿوري ۾ ڄاڻڻ غير ضروري نه ٿيندو. الڳ الڳ اُپنشدن ۾ (4) ۾ الڳ الڳ لفظن ۾ اُن سَتا کي بيان ڪيو ويو.

رگويد ۾ ڄاڻايو ويو ته اُهو پرماتما پرش ئي ساري جڳت ۾ وياپت آهي. ”پرشه ايويدم سرو جڳت“ (5)

1 "सर्वम् खल्विदम् ब्रह्म"

2 तत् त्वम् असि = तत्वमसि

3 अहम् ब्रह्म अस्मि = "अहंब्रह्माऽस्मि"

4 उपनिषदनि

5 "पुरुष: एवेदम् सर्वम् जगत्"-ऋग्वेद म-10, अ 7, सू. 90-2.

ॐ

سنڌي صوفي فقيرن جي شاعريءَ ۾ ويدانتي ويچار ڌارا جي جھلڪ

ڊاڪٽر موھن لعل شرما

P-16 پرتاپ نگر دھلي - ٧

سنڌي صوفي فقيرن جي شاعريءَ ۾ ويدانتي ويچار ڌارا جي جھلڪ ڏيکارڻ کان اڳ اهو ضروري آهي ته اسان کي اھا عام ڄاڻ ھُجي ته ويدانتي ويچار ڌارا ڇا آهي ؟

وشو جي ساھتيہ ۾ ٻا ڌارمڪ گرنٿن ۾ اھا صاف چٽو آهي ته ويد سڀني گرنٿن کان جھونا آهن ۽ انھن لاءِ چيل آهي ته اھي ديو واڻي يعني ايشوري واڻي آهي ۽ اھا ايشوري واڻي هر پرڪار جي گيان سان معمور آهي . ويد آهن گيان جو ڀنڊار ، روحاني گيان جو ڀنڊار ، سنسارڪ گيان جو ڀنڊار ، سنگيت جي گيان جو ڀنڊار ۽ ڪئن ڌارمڪ ڪريا ڪجي اُن جي گيان جو ڀنڊار .

انھن ويدن کي سمجھائڻ لاءِ انھن جي صحيح معنيٰ سمجھائڻ لاءِ انھن جي وياکيا ڪئي ويئي اُپنشدن ۾ جنھن کي اڳتي ھلي چيو ويو ويدانت يعني ويدن ۾ سمايل تت . اُپنشدن کانپوءِ شاسترن ۽ پراڻن جي رچنا ڪئي ويئي اھي سڀ ويدن جي تتون جي اُپٽار آهن ، سمجھاڻي آهي ۽ ان کي نالو ڏنو ويو آهي ويدانت اھا آهي ٿوري ۾ ويدانت جي وياکيا .

ھاڻي اهو ڏسڻو آهي ته ويدانت جي ڪھڙن تتون تي سنڌي صوفي فقيرن پنھنجو اظھار ڪيو . فلسفہ ۾ مول تتوُ آهي

واڻي کان ڇڏي آهي بلڪ اهي تنهن ازخود انهن جي واڻيءَ مان پرگٽ ٿا ٿين.

سنڌي صوفي فقيرن ۾ ڪجهه فقير وڌيڪ مشهور ٿيا انهن جي واڻيءَ ۾ نئي اهي تنهن ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي اُهي آهن :— قاضي قادن ۾ شاهه عبدال ڪريم بلڙيءَ وارو شاهه لطيف ڀٽائي، سچل، روحل ۽ مراد بيدل ۽ بيڪس.

قاضي قادن اُن هڪ برهم جي اُپٽار ۾ چوي ٿو :—

”واحد هنڌين دائرن ۾ هيڪڙيو هيئي،
جنهين جان جدا ڪئي ۾ پسندا سيئي.

(بيت ٢٤، ص ١٢)

يا

عين قصر در لڪ ۾ ڪوڙين سهسين ڪڙڪيان،
جان ٿي ڪرين پرک، تان ٿي سڀڻ ساهان.
(بيت ٣١، ص ١٦)

برهم پاڻ ئي هر رنگ ۾ موجود آهي.

پاڻي واڻي رنگ ۾ پاڻو واڻ رتاس (بيت ١٠٣ ص ٥٣)
رنگيندڙو ئي پاڻ ڏٺي سڀئي رنگ سنداس،

اُن هڪ حق کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي (بيت ٦، ص ٥٩)

”لا لاهيندي ڪن ڪي، ”لا“ موهي ناهه،
بلا ري پريان ڪت نه ڏسي ڪي ٻو.

هو. اُن حق کي ئي هر وقت پيو ياد ڪري ٿو :—

لوڪان لکو صرف، من مطالع سپرين
سوئي پڙهندو سو پڙهان، سوئي سو حرف (بيت ٢، ص ٥٨)

”قاضي قادن“ هيرو نکر

شاهه عبدال ڪريم بلڙيءَ وارو ته اُن هڪ برهم کي ٿو

برهم ارڻيہ کو اُپنشد ۾ چيو ويو ته

"ايڪ ميوسته نيهه نانا آست ڪنچن" (1) يعني اُهو هڪ برهم ئي سته آهي ۽ اُن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي .

ڪٺو پنشد ۾ ٻڌايو ويو آهي ته

"ايڪ ستٿا سرو ڀو تانترااتما، روپم پرتيروپو بهور چ" (2) اُهو هڪ برهم سڀني جيون- آتمائن ۾ وياپڪ آهي ۽ هن جا هڪ ۽ انيڪ روپ آهن .

شويتا شويت اُپنشد ۾ چيل آهي ته

"ڀوڪتا ڀوڳيم پريرتام چ متوا، سرو ڀرو ڪتم ترودم، برهم ايتت" (3) يعني اُهو برهم پاڻ هي سڀ ۾ وياپت آهي، هو وستو ٺاهيندڙ به پاڻ آهي، وستو به پاڻ آهي ۽ کائيندڙ يا واپرائيندڙ به پاڻ آهي. ٽنهي روپن ۾ اُهو برهم پاڻ موجود آهي.

اهڙيءَ چٽيءَ سمجهاڻيءَ بعد ڪجهه به باقي نه ٿو رهجي وڃي ته برهم ڇا آهي . ان ڪري برهم هڪ آهي، اُن کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، هو سڀ ۾ وياپڪ آهي، اُهو حق هر جاءِ ۾ حاضر آهي .

اها آهي ويدانت جي سمجهاڻي . ان جي روشنيءَ ۾ هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته سنڌي صوفي فقيرن پنهنجي شاعري ۾ ان تتوُ کي ڪيئن ڏيکاريو آهي . اهو شروعات ۾ ئي صاف ڄاڻائجي ته فقيرن کو اِنهن تتوُن کي سامهون رکي پنهنجي

---

1. "एकमेव सत्, नेह नानास्ति किंचन:" । बृहदारण्यक उपनिषद 4,4, 19.

2. "एक स्तथा सर्व भूतान्तरात्मा, रुपं प्रतिरुपं बहुरच: ।
कठोप निषद् 2,2,9 ।

3. "भोक्ता भोग्यं प्रेरितां च मत्वा, सर्वं प्रोक्तं त्रिविधं ब्रह्म मेतत्" 1, 12, श्वेताश्वेत उपनिषद.

عاشق اناالحق، آکيو پيو آکيءِ
هادي عبدل حق حرف هدايت هي ڪيو
مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان آهي تئن سمجهين.

- سچل جو ڪلام: خود شناسي

اهي لفظ اُهو ئي ٿو چئي سگهي جو جنهن اُن حق جو جلوو پنهنجي اندر ۾ پسيو آهي. اها روحاني آخري منزل آهي.

روحل فقير به ويدانتي ۽ صوفي ويچار ڌارا جو فقير آهي هن جي هنديءَ ۾ به جهجهي شاعري ملي ٿي. هن به پنهنجي روحاني سفر ۾ ٻئي ڌارائون وهايون آهن :—

پورڻ برهم ڪهين، تون ئـي سوئي،
تجهه بـن دوسرا، نـاهي ڪوئـي.

هي ويچار ويدانت جي تتو تتومسي तत्वमसि ءَ طرف اشارو ٿا ڪن. يعني سڀ ڪجهه تون ئي آهين. تون ئي برهم آهين.
شاهه عبدال لطيف ڀٽائي به ان تتو ڏانهن اشارو ٿو ڪري:-

تون حبيب، تون طبيب تون دارون ڪـي دردن،
تـون ڏئين، تـون لاهئين، ڏاترا کي ڏ کـندن،
تڏهين ڦڪيون فرق ڪن، جڏهين امر ڪريو اُنـکي.

شاهه جو رسالو
(ـ دا ـ ا ـ ب ۴ ـ ص ١١ ـ سريمن ڪلياڻ)

ان ئي تتوءَ کي بيدل فقير به هئن ٿو ڏيکاري :—

آکڻ دي ڪائي گل نهين، جو تون جت ڪت آپ
وڪاوندا هي
بجلـيءَ وانـگر جهلڪار وڪـاوت،
آپ تـون آپ ڇپاوندا هـي

ياد ڪري :-

تون چئه الاه هيڪڙو، وائي ٻي م سک،
سچو اکر من ۾، سوئي لکيو لک.

(تذڪره لطفي ص ١٩٦)

شاهه لطيف پنهنجي سڀني ۾ سرس آهي، هن جي وائي هرهڪ نقطي تي ملي ٿي. هن کي هر هنڌ اُن برهم جو پرڪاش ٿو نظر اچي برهم کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي :-

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چوڏس چناڻو   شاهه جو رسالو
مڙهين ڪاڪ ڪڪوريءَ، مڙهين لڌاڻو   (دا ٩-ب-٦ ص ٦٦
راڻو ۽ راڻو رءِ راڻي ٻيو ناهه ڪو.   سر مومل راڻو

پاڻ هي پسي پاڻ کي، پاڻهي محبوب
پاڻهي خلقي خوب، پاڻهي طالب تن جو

[دا-ا-ب ١٥ ص ٣ سر ڪلياڻ]

برهم هنڪي جدا جدا صورتن ۾ پسجي رهيو آهي. پر اُهو هڪ برهم ئي آهي. هو پاڻ ئي سڀ ڪجهه آهي :—

پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سڃوئي حال، منجهائي معلوم ٿئي.

[دا-ا-ب ١٦-ص ٢ سر ڪلياڻ]

سچل ”سرمست“ ان حق جو بيان اُتم پرش يعني فرسٽ پرسن ۾ گهڻو ڪيو آهي. هو ڪلهنئي آواز ۾ چوي ٿو ته مان برهم آهيان (अहं ब्रह्मास्मि) ، ايشور ئي سدا جو ورنن ان طريقي سان به ويدانت ۾ اچي ٿو. سچل جي وائي اهو اظهار هنن ٿي ڪري :-

⚜ پلا بيڪس ان حق جي جلوي کان پنهنجو پاڻ کي
ڪيئن نٿو پري رکي سگهي. هو ته هر روپ ۾ پنهنجي رب-
محبوب جو درشن ٿو ڪري :—

سم وجه الاه، آکڪي، آپي آپ هويا اظهار
١. سر پر ڪلنگي، مکه وچ مرلي، رونددا زارون زار
الانسا سري وانا سره، برهه دا چا يس بار
سهسين ويس ڪري بيرنگي جانب جيءَ جيار
بيڪس هرگز ٿيءُ نه ماندو، نيڻ وسندا نار.
(روپ جوگي ڪافي 63، ديوان بيڪس ص 42)

مراد فقير به ان نقطي کي هيئن ٿو بيان ڪري :

چوراسي لک پڃري دي وچ هڪو بولڻ هارا،
تنهن نرمل نوري طوطي دا، ڪو انت نه پارا،
پانتو پانت بوليندا بولي، روپ وان سڀ نيارا،
ڪاوي پيوي موجان ماڻي، ڪو ته مراد بيچارا.
(ب 4، ص 157، ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام -
مراد فقير)

هو چوي ٿو :—

سير ساڳر هيڪڙو، لهرين لک هزار،
تون نجي هن تار مون، پلي ويهه پچار،
مرجيو مراد آئي، پڇهي ويهه پاتار،
تان نائين نيڻ نهار، ته مڇين ٿي موتي لهين.

(ب 8، ص 104، ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام -
مراد فقير)

شاهه لطيف ڀٽائي ته اُن حق کان سواءِ هر هنڌ اونداهه ٿو
ڏسي :—

سهسين سڄڻ اُڀري چوراسي چنڊن،
باالله ري پرين، سڀ اونداهي پانڌيان.

- سي حرفي ديوان بيدل بيڪس - هرچاڻي ڳدومل ص ۳۷"
" آن برهم آهيان اِن سوتر کي هيئن ٿو چوي :-

سر اسرار حقيقي آهيان، صورت ڪر انسان
فرش اُتي ٿو ڪبر چوايان، عرش اُتي رحمان
نور واري اوتار ۾ ڪيڙم، عالم تي طوفان
جسم کي اولي ڏنم ڏيکاري، آهيان جان جهان
ذات صفات کان آهيان نيارو، نڪو آهيءَ نشان
بيدل سير سڀوئي منهنجو، لا مڪان مڪان.

(ڪافي بيدل، سارنگ ص 135 ديوان بيدل)

شاهه عبدل لطيف ڀٽائي به ان تتو کي د ٻيل آواز ۾ ٿـو ظاهر ڪري :—

پيهي جـا پـاڻ ۾ ڪيـم روح رهاڻ
ته نڪو ڏونگر ڏيه ۾ نڪا ڪيچڻ ڪاڻ
پنهو ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا.

روحل فقير جي روح به ان پرڪاش جو اظهار ٿي ڪري:-

آتم درسي آتم ديکي، وُ اُن بن اور نه ڪوئي پيکي،
سب منهن ديکي اپنا روپ، تان کي مت هي اننت اَروپ.

روحل جو ڪلام

اُهو برهم سڀني روپن ۾، جدا جدا صورتن ۾ موجود آهي ان ويدانت جي سوتر کي به سنڌي صوفي شاعرن پنهنجي پنهن جي واڻيءَ ۾ هيئن ظاهر ڪيو آهي :-

مراد فقير چوي ٿو ته

چڙهـي چيٽن رنگ لنڊ لنڊ ۾ لالـي
خاوند رءِ خالي، شئي ڪا هو تـه ڏسان،

بيدل چوي ٿو :—

اونهي هن اسرار جو جن تي ڪلهو در
جاڏي ڪن نظر، تاڏي پسن پرکي

(وحدت نامو 24، ص 83) ديوان بيدل بيڪس

سڀني نقطن مان صاف ظاهر آهي ته اُن پرم برهم سرشٽي جوڙي؛ اُن واحد مان ئي هيءَ وحدت و جود ۾ آئي. اُن قادر هن ڪائنات کي جوڙيو.

هاڻي انهن ويدانتي نقطن تي سنڌي صوفي شاعرن پنهن جو اظهار هيئن ڪيو آهي:

قاضي قادن چوي ٿو:-

پاڻي واڻي رنگ ۾ پاڻو واڻ رتاس،
رنگهندڙو پاڻ ڏٺي، سڀي رنگ سنداس.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو

⚜ وحد تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻيءَ م ڀل،
هو هلا چو هل، ٻـا الاهه سندو سڄڻـن.

يـا

⚜ ايڪ قصر در لک ڪوڙيـن ڪڙس ڳــڙکيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تهڏانهن صاحب سامهون

سچل سرمست جو اظهار آهي ته:-

پاڻي جامو جمعت جو آيو منجهه جهان
جزي جاء هت ڪئي، ڏس فائق جا فرمان
جيڪي ڏسين ڏيهه ۾، سو آئي منجهه انسان
نسورا نيشان، سچل سڀ سرير ۾.

روحل چوي ٿو ته

چيتن ايڪ اکنڊ هي، سڀ گهٽ رهيو سماء
مايا سون مل جڙ ٿيو، شڌ سروپ نه پـاء

مراد فقير جي واڻي آهي ته

الاهه ال عالمين، سارا هيان سبحان

ٻوري ۾ ائين ڪٿي چيُو ته سنڌي صوفي فقيرن اُن پرم برهم لال جي لالَئي هر هنڌ، هر شيءِ ۾، هر جيو ۾ ڏٺي ۽ اهو ئي اُچاريو سرو کل ودم برهم يا ايڪسو تٿا سرو ڀوتانترآتما روپم پرتيروپو ٻهشچ.

يعني هر شيءِ ۾ برهم آهي يا اهو هڪ برهم سڀني ڀوتن جيون ۾ وياپي رهيو آهي ۽ هنجا الڳ الڳ روپ آهن.

سرشٽي

فلسف جو ٻيو نقطو آهي هيءَ ڪائنات ڪيئن جڙي، سرشٽي ڪئن وجود ۾ آئي، اصل سرشٽي، هيءَ جهان ڇا آهي، وغيره وغيره.

ان بابت ويدانت ۾، شويتا شويتر اُپنشد ۾ چيل آهي "مايا سرجتي وشو ميتت" (1)

اُن برهم مايا سان هن سرشٽيءَ کي جوڙيو.

ويدانت جو هڪ ٻيو سوتر آهي "ايڪو اهم ٻهه سيام" (2) يعني مان هڪ هيس ۽ گهڻي ٿيڻ جي اڇا ٿي ان ڪري مان سرشٽي جوڙي.

هڪ ٻيون سوتر به وجود ۾ آهي "ڀوه" (3)

ان جو مطلب آهي ته اُن پرم برهم کي اها خواهش ٿي ته مان پنهنجو پاڻ کي انيڪ روپن ۾ ڏسان ان ڪري هن چيو "ڀوه" يعني ٿي جنهنکي انگريزيءَ ۾ "بي" (4) چئبو آهي.

---

1 " माया सृजते विश्वमेतत् " श्वेताश्वत रोप निषद 4, 9

2 एकोऽहम् बहुस्याम

3 " भव " = भव:

4 ' Be '

مارو تنڏائين من ۾ پيئڙ ! پاڳي آيو .

(سرمارئي ب 4 ، دا-ا- ص 269)

سرشٽيءَ بـابت جيڪي مٿي اِشارا ملن ٿا اُهي اهـو ڏيکارن ٿا تہ ويدانت ۾ سمايل ويچار ڌارا سنڌي صوفي شاعرن جي شاعريءَ ۾ جهلڪا ڏيـئي رهي آهي . سامي چنڊراءِ لـنڊ جيڪو خاص طرح ساميءَ جي نالي سان مشهور ٿيو آهي تـنهن هڪ وشو ستيہ (يونورسل ٽرٿ)(1) ڏانهن صاف اِشارو ڪيـو آهي . هو صاحب چوي ٿو تہ سڀئي گرنٿن ۾ ، سڀئي ڪوين ۾ اُهو سچ ٿو ٻولي :—

ويد پراڻ قـران ڪوي ، سڀئي ۾ هڪ سوت
سمجهي ڏس سامي چئي ، لائي من مجبوت .
جيئين آڪاس گهٽن ۾ تيئين سڀ ۾ ساکي پوت
ڪو آتم رت اوڌوت ، سمجهي هن سڱن ڪـي .

ساميءَ تہ ويدن جي واڻيءَ کي هڪ ستيہ ڏيکاريندڙ واڻي ٻڌايو آهي :—

ويدن جـي واڻي سار لـکائي سڀ کـي
لـڌي ڌاڻ خوشيءَ جي ، ڪنهن پريتم پراڻي
ڪنهنکي سـي ڪيڏکي ، اُکھ کهاڻـي
موج ملي ماڻي ، ٻـاڻ وراڻي ٻـاڻ مان .

1. Universal Truth

—❖—

"اهم تت ست" ॐ तत्सत्

—❖—

جڏهن قادر ڪن فيڪون سان جوڙيو سڀ جهان
خلافت خلق جي ۾ ڪيائين آدم تي احسان
تڏهن ۾ وڌو روح رحمان ۾ من روحي مراد چئي .

ڀلا بيدل چپ چو ٿو رهي هو ۽ تنواري ٿو :-

بشريت دا ڪر بهانا ۾ آپ ٿيا اظهار ۾
پهر قبائي رنگ بيرنگي ۾ ڪردا نقش نگار ۾
صورت سارا سير اوهندا ۾ نور حسن نرواد ۾
نيڻان دي وچ اُنهان سو هٽادي رمز ويکو رهوار
وچ سهالي چاڪ سڏاوي ۾ صاحب تخت هزار
احدا احمد آپ سڏايس ۾ نالا شمس عطار ۾
بيدل سمجهي ڪوئي سالڪ ۾ وحدت دا اسرار

(ڪافي روپ ڌناسري ص 120 ديوان بيدل بيڪس)

سچل سر مست صاف هيئن ٿو چوي :—

سچو سائين هيڪڙو ۾ ناهي شڪ گمان
پنهنجو تماشو پاڻ ڏسي ٿو ۾ صورت منجهه انسان ۾
ڪاٿي پڙهي پو ٿيون ۾ ڪاٿي پڙهي قران ۾
حيرت ۾ حيران ۾ پنهنجو وڌائين پاڻ کي .

(وحدت ب ٣ ص 37 سچل سر مست جو
چونڊ ڪلام : ڪليات آڏواڻي)

شاهه عبدال لطيف ڀٽائيءَ اِن سچ کي هيئن ظاهر ڪيو آهي .

چئي ڪن فيڪون ۾ خلقيا روح خداء ۾
ڳڏ جت ڳڏران هو ۾ جڙ لڳي تنهن جاء ۾
مون تو هين سين آهه ۾ اُها ساڃاء سپرين .

(سرمارئي ب 3، دا-ا- ص 269)

فيڪون فدا ڪري ڪهيائين سين ڪن ۾
تعظيما تمام ڪري ۾ پوء پڇر پسائين پن ۾

اوم

ڪوي ڪشنچند ٻيوس ۽ ويدانت

ليکڪ : سرڳواسي ڊاڪٽر ڪرل ڦلريجا "روشن"

برهانپور (م - پ)

ويدانت جي وصف (وياکيا) (پنجڪڙو)

انتم باب ويدن جو ويدانت
آتما ايشور جڳ جو بيان
برهم وديا جو ملي ٿو گيان
انتم باب ويدن جو ويدانت.
(روشن)

ويدانت آهي ڇا ؟

هن پيپر جو مرڪزي خيال آهي ويدانت. تنهن ڪري مؤل وشيه تي ويچار پيش ڪرڻ کان اڳ ڀريائين اهو واضع ڪرڻ لازمي آهي ته ويدانت آهي ڇا؟ ڇو ته مؤل وشيه جو آڌار به ويدانت ئي آهي. پيپر جي شروعات ۾ ئي ويدانت جي وصف (وياکيا) کي پنجڪڙي ۾ پيش ڪري ويچار کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

ويدانت سنسڪرت لفظ آهي. ويدانت جي لغوي معنيٰ آهي ويدن جو انتم ڀاڱو يا حصو (اپنشد وغيره) جنهن ۾ آتما، ايشور جڳت وغيره جي اوک ڊوک ڪرڻي آهي. اڌياتم: برهم وديا.

ويدانت جو مؤل مقصد آهي انسان پاڻ ڳولهي لهي. پاڻ کي سڃاڻي ته هو ڪير هيو، هينئر ڪير آهي ۽ اڳتي هلي هو ڇا ٿيندو؟ سچ جي کوج ڪرڻ لاءِ ويدانت آمده ڪري

سهائڪ ڪتاب سنڌي — सहायक किताब

1. ڪنبڙي وارن جو ڪلام : لطف الله بدوي
2. قاضي قادن جو ڪلام : هيرو ٺڪر
3. تذڪره لطفي : لطف الله بدوي
4. ديوان بيڪس : گدو مل هرجاڻي
5. ديوان بيدل : گدو مل هرجاڻي
6. رسالو سچل سرمست : عثمان علي انصاري
7. روحل جو ڪلام : رگهو مل موٽواڻي
8. شاهه جو رسالو : ڪلياڻ بولچند آڏواڻي
9. سچل سرمست جو چونڊ ڪلام : ڪلياڻ بولچند آڏواڻي

— موهن لال شرما
5 - 8 - 92

۽ ڏکايل جهڙا ودوان ڪوي ۽ فيلسوف شاگرد ميدان ۾ آيا جن
پنهنجي ڪامل گروءَ جي ٻڌايل راهه کي روشن ڪيو ۽ ويدانت
وشيہ تي عام فهم ۽ سرل ٻوليءَ ۾ ويدانت تي بہ رچنا ڪئي.
ائين جوت مان جوت ٻرندي رهي، شاهہ سچل ۽ سامي جي
صوفي يا ويدانتي ويچار ڌارا جو اثر عام جي دلين تي ٿيو.
انهن جي رچنائن کي مندر ۽ مسجد ۾ سک ۽ شرڌا سان پڙهيو
ويو جيئن ڀارت ۾ ڀڳتي ڪال ۾ تلسي، ميرا ۽ ڪبير وغيره جي
واڻيءَ جنتا جناردن جي دلين کي موهيو.

ويدانت پراچين ۽ انادي

سنڌو ديش ۾ ويد ۽ ويدانت پراچين ۽ انادي آهن. ويدانت
۽ ڌرم جو اٽوٽ سنٻنڌ آهي ويدانت ڌرم جي راهه روشن ڪري
ٿو ۽ ڌرم ويدانت تي عمل ڪرڻ جي سکيا ڏئي ٿو. ويدانت
۽ ڌرم ٻنهي جي ٻن پرن سمان آهن جن جي مدد سان انسان
زندگيءَ جو سفر سولائي سان پورو ڪري سگهي ٿو ويدانت
وهنوار ۾ وڏي مدد ڪري ٿو. ويدانت جيون ۾ سچي راحت ۽
آنند ڏئي ٿو. ويدانت ويدن جو انتم حصو آهي.

ويدانت جي خصوصيت

ويدانت ۾ برهم، جيو، مايا، جڳت، گيان، مڪتي، پرڪرتي
ادويتواد، اهم برهما اسمي، ايڪو برهم، سوهم
آتما، آتما پرماتما ۽ آتما جو پرماتما سان سنٻنڌ جي اپٽار ٿيل
آهي.

ٻيوس ۽ ويدانت

در حقيقت ٻيوس ويدانت وشيہ تي ڪو خاص يا الڳ
پستڪ ڪونہ لکيو آهي جيئن سنڌ (شڪارپور) جي سامي
صاحب جن جدهن جو خاص وشيہ ئي ويدانت هو. هو ويدانت جي

ٿو. ويدانت صاف آئيني وانگر آهي. جنهن ۾ انسان پنهنجو مشاهدو ماڻي سگهي ٿو. پنهنجي اندر جهاتي پائي سچ (حق) جو ديدار ڪري سگهي ٿو. روحاني راز جي رهبر، شاهه صاحب پڻ وحدت تي روشني وجهندي پاڻ سڃاڻڻ جي سمجهاڻي سسئي جي زباني ڏني آهي:—

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچن ڪاڻ
پنهو ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

سامي صاحب پڻ ويدانت جو رهسيه ۽ دوست جو ديدار ڪرڻ لاءِ من اندر ليئو پائڻ جي راهه سلي ٿو:

سڀ جي اندر آهي، پريم پدارٿ رام ڌن،
سامي ڏسي ڪونه ڪو، مٺهن مڙهيءَ ٻانڀي،
سنگر لڪائي، تنهن ڏسي پد ڪين سان.

ويدانت جي اُتپتي: سنڌو يونءَ ۾ ويدن جي رچنا

جڏهن ته ويدانت جي اُتپتي ويدن مان ٿي آهي ۽ ويدن جي رچنا سنڌو يونءَ تي سنڌوءَ جي پوتر ڪناري تي ٿي هئي، آرين، رشين منين جي واڻيءَ ۽ ڪر ڪملن دواران ٿي، ويدن منترن جي اُچارڻ، هون يگيه، آراڌنا ۽ اُپاسنا ۽ ويدن جي مهما ڳائي، ڪئي وئي. سنڌو ندي جي جهر جهر ڪندڙ منڙين ڇولين ۾ ويدانت جو پوتر سنديش ٻڌڻ ۾ آيو.

انهن رشين منين جي ونڊڪ سنسڪارن سبب سنڌڙي جي پوتر مٽي جي ذرڙي ذرڙي ۾، سنڌين جي نس نس ۾ ويدانت جو پر زور اثر ٿيو. انهن پوتر سنسڪارن جي وايو منڊل تر موڙتي شاهه، سچل ۽ سامي. ان بعد ”بيوس“ ڪوي جهڙو فيلسوف پيدا ٿيو، جنهن جي محبت ۽ سکيا جي بدولت هري ”دلگير“

وچي مڙندا هئا ۽ وحدت جي واٽ جهونگاريندا هئا.

شاعر يا ليکڪ اڳين بزرگ شاعرن جي لکڻين يا ساهتيه کان متاثر ٿيندو آهي. شري هري دلگير "بيوس جو چونڊ ڪلام" ۾ ڄاڻايو آهي :—

"بيوس" گرو رابندرناٿ ٽئگور جي ڪوتا تي عاشق هو. خاص ٽئگور کي پڙهڻ لاءِ هو انگريزي سکيو، جو ان وقت سنڌ ۾ ٽئگور جي رچنائن جا انگريزي انواد ئي موجود هئا. گرديو جي ڪوتا رس کي ٻڪ ڀري پيتائين ۽ ٻين کي پياريائين. ٽئگور جي ڪلام ۾ اپنشدن جي گونج آهي. بيوس خود به اپنشدن جو خاص ابياس ڪيو هو. هو اپنشدن جي راهه جو پانڌيئڙو هو. سندس زندگي عملي گيتا هئي.

دلگير صاحب ٻئي هنڌ ڄاڻايو آهي :—

بيوس شاهه جو شيدائي آهي. لالن لطيف لاءِ سندس عقيدت "شاهه" جي ڪوتا جي سٽ سٽ مان ٽپڪي رهي آهي :-

شعر آهي شاهه جو، خود زندگي اسرار آهه،
شاعري پوشاڪ مان پيغمبري اظهار آهه.

ويدانت ڪيسري، ويدانتي مرگيهه وڏي واڪي، ڏنڪي جي چوٽ تي چون ٿا ته ويدانت جو مول مقصد آهي پاڻ ۾ پيهي پاڻ سڃاڻڻ، اپائيندڙ هار جو جلوو ۽ جلال هر هنڌ نمايان آهي ڪائنات جي ذرڙي ۾ دوست جو ديدار نظر اچي رهيو آهي. فقط ڏسڻ واري اک (ديد) جي ضرورت آهي. سائنسدان پڻ ان خيال جا آهن ته هرهڪ جيو جوت سروپ آهي ۽ هيءُ جڳتر، جوت جي ليلا آهي.

"بيوس" پڻ شعر بيوس (پور) ۾ چٽي طرح ڄاڻائي ٿو :—

رهسيه (مرم) جو ڄاڻو ۽ وڏو ودوان هو. هن ويدانت وشيه تي اونهو اڀياس ڪيو هو ۽ ويدانت وشيه کي آتمسات ڪيو هو. هن کي ويدانت جو انڀوُ مرشد جي مهر ۽ صحبت مان حاصل ٿيو هو. انڪري ساميءَ ويدانت وشيه تي باريڪبينيءَ سان اُپٽار ڪئي آهي. هن گروءَ مهما جو اظهار رچنائن ۾ چٽيءَ طرح ڪيو آهي ۽ مرشد جي عزت ۾ تخلص پڻ گروُ جو ڏنو اٿائين.

بيوس جي ويجهي ۽ پياري شاگرد شري هري ”دلگير“ ”بيوس جو چونڊ ڪلام“ (ساهتيه اڪادمي طرفان ڇپايل) ۾ بيوس ۽ سندس ڪوتا جو نظريعو پيش ڪندي قبوليت ڏني آهي:—

ائين به ناهي ته ”بيوس“ ساميءَ وانگر سنڌيءَ ۾ ويدن جي واڻي سڻائي آهي. اڳتي هلي هن ائين به ذڪر ڪيو آهي:-
”بيوس“ اُپنشدن جو سچو شائق آهي، جي اُپنشد ڀارتي سنسڪرتيءَ جي آتما آهن. هن پنهنجين ڪيترين ڪوتائن ۾ خاص ڪري ”ساموندي سپون“ جي پڙ ر (غزلن) ۾ (شاعراڻي) انداز سان، اُپنشدن جو آلاپ آلاپيو آهي.

ائين برابر آهي ته هن اڳين شاعرن وانگر پراڻيون، صوفياڻيون ۽ ويدانتي ڪهاڻيون ڪم ڪونه آنديون، پوءِ به بيوس جي رچنائن ۾ ويدانتي ويچار ۽ ويدانتي نقطا لماڪا پائيندا نظر اچن ٿا. خاص ڪري سندس انتخاب ”شعر بيوس“ (ص - ٧) ۾ سپون ۽ قولداني ۾ ويدانتي ويچارن جي گهڻو تڻو پلٽ پلٽان ڪئي آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته شاعر يا ليکڪ سدائين پنهنجي ماحول کان متاثر ٿيندو آهي. ”بيوس“ تي به ان جو گهرو اثر ٿيو. ان وقت ساري سنڌ ۾ ساڳيو ماحول هو. صوفي مت جي وڏي مڃتا هئي. اڪثري صوفين جي اوتارن تي ڪيترائي هندو

ٿرم ڀهاڙ، نديءَ ۾ نمايان آهي پر ”بيوس“ کي اها سونهن (حسن) باغ بهار ۾ سرس نظر اچي ٿي. مثال:-

هر اُٺي ۾ گرچ جلوو آهه تنهنجي جوت جو،
پر سدا بيوس سچٽ ۾ بهتر ڏٺي.

(ش - ب)

آتمڪ سوجهه ٻوجهه ٿي ته ويدانت آهي عقل جي اُلجهن سان ويدانت جي حاصلات ڪونه ٿي سگهندي آهي ويدانت جو دل ۽ دلبر سان گهرو سنبنڌ آهي. عقل انسان کي دوست جي ديدار کان وانجهي ڇڏي ۽ انسان لاچار ٿيو پوي. مثال:-

چشم روشن مان گهريو ۽ تو ڏنو چشمو تڪو،
مونکان مؤران، هيءَ مٺا منظور معذوري نه ٿي.

(ش - ب)

ويدانتي، سنسار جي ٻاهرين ڏيک ويک (فاني) تي ريجهي رهڻ جي صلاح نٿو ڏئي. هيءَ سنسار جي مايا، ممتا ۽ موهه مرگ ترشنا جي جل جيان آهي يا رڃ ۾ جل جو آڀاس جيان آهي. بيوس دلدار سان دل ملائڻ جي سڪيا تو ڏئي محبوب سان تند تار پريت جوڙڻ جي صلاح ٿو ڏئي. جڏهن پريم جو ناتو چرم سيما تي پهچندو آهي يعني عاشق ۽ معشوق ملي ٻئي هڪ ٿيندا تڏهين انڊ وڏائي جو ڀيد مٽجي ويندو آهي. ”بيوس“ پريم جي مارگ ۾ اچان به وڪ اڳتي وڌائي آهي. هو پرماتما (پريتم) کي مخاطب ٿيندو چوي ٿو ”محبوب منهنجي بدولت ته تنهن جي سٽا بلند آهي. منهنجي ناس ٿيڻ سان تون پڻ خطري ۾ اچي ويندين.

مان رهان جي تو اندر ٿو، تون به مون ۾ ٿو رهين،
مون بنا تنهنجو رهڻ پڻ آهه خطري ۾ جناب.

(ش ب)

لالن لقاءُ تنهنجو هر جا نظر اچي ٿو،
توکي ڏسان ٿو، آڏو دشمن اگر اچي ٿو.
(ش - ب

ويدانت روحاني راهه سلي ٿو. پاڻ کي سڃاڻڻ جي رمز ڏئي ٿو. نئين ديد ڏئي ٿو. اُها ديد جنهن سان ساکي (ڏسڻ وارو) جو مشاهدو ڄاڻي سگهجي ٿو. پر شرط اهو آهي ته دل جو آئينو صاف (نرمل) هجڻ ڄڳائي. صاف آئيني (درسني) ۾ ئي پنهنجو چهرو چٽو نظر ايندو آهي. "بيوس" روز مره ۾ ڪم ايندڙ وستي جو مثال ڏيئي سمجهايو آهي ته صاف ڪپڙي تي ئي رنگ پڪو ۽ چٽو چڙهندو آهي.

صاف دل تي رنگ روحاني چڙهي چمڪا ڏيئي،
ٿيو اچي ڏوتل لهڻي تي رنگريزي مزو.
(ش - ب)

بيوس جو ٻاهرين دنيا جي عڪس (نظاري) کان هٽي، اندر لڪل سچ (حق) تي وڌيڪ وشواس آهي. دل اندر جهاتي پائڻ سان من جي اندر سمايل وڪار، انڌڪار يا ڏنڊ مڃجي ٿا وڃن ۽ من اُجرو يا نرمل ٿئي ٿو. مثال :-

ظاهر ڇڏي ڪڻي ڪجي باطن جي نظر،
پنهنجي اندر مان پاڻهي ڏکجي ڏکار ويو.

"بيوس" قدرت ۾ دلبر جي جهلڪ ٿو پسي. هُو گرديو ٽُگور جيان قدرت جي حسن (سونهن) جو شائق آهي ۽ ڪائنات جي هر ڇر پر ۾ سڄڻ جو مشاهدو ٿو ماڻي. هن ڪوي ٽُگور کان اُپنشد (ويدانت) جي پريرڻا حاصل ڪئي آهي. مثال :-

سونهن ۾ صورت سڄڻ جي ٿي سراپا سر ڏني،
هر هنڌان مصري منيري مون ڇڪي ڇوڏر ڏني.

بيوس چوي ٿو ته سڄڻ جي سونهن جت ڪت آهي. ٻر

ٿو ڪري، هن جو گيتا ۽ اُپنشدن ۾ ذڪر ۽ وشواس آهي. گيتا به
اها سکيا ڏئي ٿي ته آتما امر آهي. موت انسان لاءِ پراڻو چولو
بدلائي نئون چولو پائڻ جي برابر آهي. "پيوس" جو
پنر جنم ۾ پورڻ وشواس آهي. هن لاءِ موت هڪ راحت آهي:-

جنهن جي پردي ۾ ٽڪل شام سمهي ٿئي ٿي صبح،
موت روليءَ ٿي اچي رات سا رحمت بڻجي.
(ش - ب)

ويدانت چوي ٿو ته محبوب تنهنجي اندر ۾ وسي ٿو جيئن
ڪستوري هرڻ مرگ جي نافي (دن) ۾ هوندي آهي پر هو ان
جي سڳنڌ کي ٻاهر ڳولهيندو آهي. تيئن دنيا جو ٻاهريون سڀ
پسارو (مان) برهم جو عڪس آهي:-

ڳل ڳچيءَ پيل هار جو، پاڻيءَ اندر پاڇو ڏٺم،
سچ ڇڏي ۽ پاڇي پٺيان، پيو مفت واهڙ ۾ وهڻ.
(ش - ب)

دلبر جو ديرو ته دل ۾ آهي. پر ان ۾ سنساري ترشنائن ۽
اڇائن اچي واسو ڪيو آهي. دل ته محبوب جو مندر آهي. ان ۾
پراوا (سنساري خيال) اچي رهيا آهن. خودي ۽ خدا ٻئي دل
۾ ماپي ڪونه سگهندا:-

دل اندر جي گپت ڪوٺيون، سي ڪري گروي ڏٺم،
پنهنجي پريتم جي مندر ۾ ٿيو پراون جو رهڻ.
(ش - ب)

عشق جو ڇهاءُ به انوکو آهي. ان ۾ ڪيميائي (ذاتو) تاثير
آهي. خودي (آپو) جي نقاب هٽڻ سان خدا جو مشاهدو ماڻي
سگهجي ٿو. فرق فقط هڪ نقطي جو آهي. جيئن لوهه، پارس
جي ڇهاءَ سان سون ٿيو پوي تيئن خودي مٽجي خدا جو روپ
ٿي وڃي:-

برهم درشن (ايشور جي ستا) ايڪ (هڪ) مان انيڪ ايڪو هم بهوسيامي، وحدت مان ڪثرت ڏانهن اِشارو ڪري ٿي بيوس وستو درشيه پيش ڪندي سمجهايو آهي ته هڪ آئيني ۾ نظر اُچلائڻ سان هڪ روپ جي بدران انيڪ روپ نظر ايندا. هو ڏسي ٿو پر سمجهي نٿو سگهي. مثال :—

درسنين ٻن جي وچان، ديدن جئين درس ڪيو
ايڪ مان ڏسندين انيڪي. ٿيون متعجب لاجواب.

ڪنهن چيو سائين محبوب ڪيئن ملندو؟ يا ڪو چوي ته ڪير مان مڪٽ ڪيئن ملندو؟ ان لاءِ پهريائين وشواس لازمي آهي. اِها پڪ ڪرڻي آهي ته محبت سان محبوب ضرور ملندو. جيئن ڪير ۾ مکڻ موجود آهي پر ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي تيئن ايشور جي ستا ته سنسار ۾ وياپڪ آهي پر هو ساڪار روپ ۾ نظر ڪونه ٿو اچي. ”بيوس“ راز ٿو سلي ته محبت ڪي مانڊاڻي ڪري من ۾ مانڊاڻ وجهبو، ته ان مان محبوب ملندو. مثال :-

ڪير - ڪيتر ڪي ولوڙڻ سان مڪڻ محب ملي،
ٿو ملي ء محبت ڪي جي مانـداڻ ڪري.

انمت برهمانڊ جو رچيندڙ لامڪان آهي پر هو وسي ٿو هر هنڌ حاظر ناظر آهي پر هر طاقت جي چڪر کان ٻاهر آهي. انمت آهي. لامحدود آهي. جهڙيءَ طرح عنقا (سدائين اُڏامندڙ هڪ خيالي پکي) جو ڪٿي به آکيرو ڪونه ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح سرجڻهار به هرهڪ حد (سيما) کان ٻاهر بيحد آهي.

دائري امڪان کان تون لامڪان ٻاهر رهين،
آهه آکيرو نه ڪنهن ٻي جاءِ عنقـا واسطي.
(ش - ب)

جمت انسان موت کان ٻچي ٿو. بيوس موت جو سواگت

سو سچو تون ٻو هجي ، سو ڀل امله موتي لهي .

(ش - ب)

ويدانت آتما پرماتما جو درشن ڪرائي ٿو . ايشور کي مطالق نور يعني امر جوتي ڪري سڏيندا آهن . ايشور کي ڪو رنگ روپ ڪونه آهي . هو فقط نور آهي . آتما جي اندر امر جوتي ٻري ٿي . اگرچ مؤت سهڻ سبب آتما جڏهن ڪوش يا ديهه جي اندر ٿي سا وقت به وقت پيئي بدلجي پر پاڻ سدائين امر جوتي جي روپ ۾ قائم رهي ٿي :-

آتما روپي اندر ۾ ٿي امر جوتي جڳي ،

ڪوش ڪهڙا پيا بدلجن، مؤت ٿي مٽي سهي .

(ش - ب)

ويدانت ، آتما ۽ پرماتما جي سنبنڌ جي سمجهاڻي چٽيءَ طرح ٿو ڏئي . آتما ۽ پرماتما جي ملڻ ۾ مايا جو پڙدو ئي رڪاوٽ آهي . ”بيوس“ پڻ ان حقيقت سان سهمت ٿيندي تصديق ٿو ڪري ته مست مايا جو اثر جڻ هڪ اجگر آهي . جوڳ ، ڀڳتي ۽ گيان ۽ سماڌيءَ کي به ڏنگي ڇڏي ٿو :-

جوڳ ، جپ ، تپ ساڌنا ، ڀڳتيءَ ، سماڌيءَ گيان ۾ ،

ٿو ڏنگي هي مست مايا جو اجگر ڪٿي .

(ش - ب)

ويدانت ڪثرت ۾ وحدت جي فلسفي کي درشائي ٿو . نانا روپن برهم ۾ ائين مليل آهن جيئن سڏ ۽ پڙاڏو . سڏ ۽ پڙاڏو پڻ ته ٻه ايندا آهن پر ”بيوس“ ٿو سمجهائي ته سڏ ۽ پڙاڏو جي وائي يا آواز ۾ ڪو به فرق ڪونه آهي . جو ته جهڙو آواز ڪبو اهڙو ئي ٻڌبو . ٻنهي ۾ تفاوت رڳو اهو آهي ته پڙاڏو سڏ کان پوءِ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي (سڏ ڪن کان پوءِ سخت ديوارين سان ٽڪر

پرت سپرش سان ۽ خودي مٽجي خدائيءَ ۾ اچي،
ڪيمياگر قرب آهي ۽ لوھ لاءِ پارس پهڻ.
(ش - ب)

بيوس محبوب جي ملڻ لاءِ دنيا جي ملڻ لاءِ دنيا جي درد کي لاڙمي ڄڻو سمجهي. ويدانت چوي ٿو ته برهم ۾ پرم آنند آهي. جيئن آتما کي برهم سان ملڻ لاءِ دنيوي (سنساري) رڪاوٽون آڏو اچن ٿيون:-

ڪاٺ آهي خود خوشيءَ جي، انت آنند جو نہ آهہ
درد دنيا ۾ ڪٿي هل دوس - در جي واسطي
(ش - ب)

ويدانت چوي ٿو ته آتما ۽ پرماتما سان ملڻ لاءِ بيتاب رهي ٿي. آتما ۽ پرماتما جي وحدت (هيڪڙائيءَ) ۾ انتهہ آنند آهي. بيوس ٻاڻ سان سمر ڪٽڻ جي صلاح ٿو ڏئي ۽ چوي ٿو ته جن هيڪر بحر وحدت جي لهرن جو لقاءُ ماڻيو، سي ڪڏاري ڏانهن موٽڻ جي نہ ڪندا:-

بحر - وحدت ۾ وڃي جي وير ويرن ور چڙهيا،
سي ڪندا سعيد وري ڪڙو ڪپر جي واسطي.
(ش - ب)

ويدانت روحاني راز ٿو سلي ته پرماتما جو درشن لعلڻ جو لقاءُ سڀ دل جي اندر آهي. من روپي مهراڻ ۾ سچو ٿو ٻـو (سچ جو شائق) غوطو ماري اصل موتي (روحاني، املهہ شيون) حاصل ڪري سگهي ٿو. پرڀات وقت گيان جي پوتر ندي وهي ٿي. ان وقت سچو ٿو ٻو هنجي سو ٻل ٽٻيون هڻي (اونهو وڃي) ۽ اصل موتي هٿ ڪري:-

گپت گنگا گيان جي ٿي امرت ويلي وهي،

پرڪاش ۾ سنسار جو سارو لقاءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ پاڻڪن کان سوال ٿو ڪري :-

ٿو ٻڪي پردي پٺيان ڪنهنجو لقاءُ؟ سمجهي چئو.
سرت آڏو ٿو پوي ڪنهنجو سماءُ؟ سمجهي چئو.
(ش - ب)

بيوس اڳتي هلي پاڻڪن کان بيو سوال ٿو ڪري ٻج ۽ وڻ جو مثال ڏئي ايڪ مان انيڪ ۽ وحدت کان ڪثرت ڏانهن اشارو ٿو ڏئي ۽ ويدانت جي رهسيہ جي حمايت ٿو ڪري :-

وڻ وڏي ٻج مان ٿيو ۽ سنگہ ڏاڙي مان ٻڌيو،
ٿا ڪٽي مان ڪيئن ٿين، ڪنهنجي ڪل؟ سمجهي چئو.
(ش - ب)

بيوس قدرت جي ليلا ۽ ڪلا ۾ وڏو وشواس ٿو ڪري. ساري وس جو پالڪ ۽ پوشڪ پرماتما جي سرشٽي (ليلا) کي ڏسي حيران ٿو ٿئي. ايشور ۾ عقيدو ظاهر ڪندي پاڻڪن کان سوال ٿو ڪري :-

ٿو جمڻ سان ٻار از خود کير ڏانئڻ کي لڳي،
کير جمندي ڪيئن ڏئي ٿو اي سکيا؟ سمجهي چئو.
(ش - ب)

"بيوس" سونهن (حسن) جو شائق هو. سونهن ٻيہ سڀ وانگر سروياپڪ آهي، هر هنڌ آهي، هر چيز ۾ آهي ان ڪري هر چيز پوڄا جي لائق آهي. جي ديد (ڏسڻ واري اک) آهي تہ هر جاءِ (هر هنڌ) دوست جو ديدار ٿيندو. هي سرت (سمجهہ، ٻڌي، وويڪ) آهي تہ جتي ڪٿي ٻيج ٻي ٻيج (ثواب) آهي.

سونهن، سڀ هر چيز ۾، هر چيز پوڄا يوگ آهہ،
ديد لاءِ ديدار هر جا سرت لاءِ هر جا ثواب.

ڪائي پونتي مونندو آهي) جنهن ڪري سڄ ڪان الڳ ٻڌبو آهي. هيءَ ڪثرت (يعني هي ٻي انداز نام ۽ روپ) ٻه وحدت ئي آهي. فقط اها ڳالهه باريڪي سان تپاسڻي آهي.

سڄ پڙاڏو آهه ساڳيو، پر ٻڌڻ ۾ ڇو ٻه ٿيا؟
سمجهه سان سوچي سهي ڪر، آهه وائيءَ ور ڪٿي؟
(ش - ب)

ويدانت چوي ٿو ته ”جيو“ آتما ۽ پرماتما جي شادي اصل کان رچيل آهي. سرو شڪتيوان پرماتما آتما سان ملڻ لاءِ منتظر آهي پر هوءَ شڪتي جي آڌار تي نه پر عاشق جي صورت ۾ پريم ونڊڻ ٿو چاهي. آتما روپي سجڻي جي در ڪولڻ لاءِ واجهائي ٿو. هوءَ ٻاهرين سنسار ۾ سونهن ۽ سڳنڌ جون آنند مرليون وڄائي آتما کي پريم سان موهي ملڻ لاءِ هرڪائي رهيو آهي:-

سرو شڪتيوان ٿي هت در نه ڳڙڪائڻ گهري،
حاڪميءَ ۽ عاشقيءَ ۾ فرق بيوس ڦير آ.
(ش - ب)

ويدانت جي اها گهوشڻا آهي ته انسان، پرماتما جو پاڻ روپ آهي. فقط ڏسڻ واري اک (ديد) کپي. پرماتما اکين جي ماڪين يا پنبڻين ۾ ٿو وسي. فقط ان ديد ۾ مايا جو پردو ٿيو اچي ان کي هٽائڻ ۾ دير آهي. بيوس جي واڻي ٻه ائين ٿي چوي:-

ويس ويجهو ونين ۾ ٿوءِ ٻرين! پردو وري ڇاجو؟
ٻطين خود پران پراڻن جو، وچون ويڇو وري ڇاجو؟
(ش - ب)

ويدانت جي واڻي سان سهمت ٿي بيوس ٻه چوي ٿو ته ساڪي (ڏسڻ وارو) پردي جي پٺيان ويٺو آهي. جنهن جي

زيور پل انيڪ هجن پر انهن جو اصل روپ ته سون آهي. بيوس جو به ساڳيو ويچار رچنا ”قدرت وارا“ ۾ پيش ڪيل آهي.

ملڪ مڙيوئي مندر آهي
آڳو سڀ جي اندر آهي
ڏيهن منجهه ڏنارا - قدرت وارا

ويدانت ۾ جيون جي فلاسافي سمايل آهي. بيوس جي نظم ”مکڙي جي بيتابي“ ۾ جيون جي سموري فلوسوفي سمايل آهي. اها فلوسوفي جنهن ”بيوس“ کي ڪشش ڪيو ۽ جنهن هن جي جيون کي پاليو ۽ تاتيو. انسان ايشور وٽان آيو آهي ۽ وري ان وٽ ٿي ڪيس وڃڻو آهي. جيو آتما پرماتما (برهم) سان ملڻ لاءِ بيتاب آهي جيئن نديءَ، سمنڊ ۾ سمائڻ لاءِ منتظر هوندي آهي. آتما پنهنجي نج سروپ ۾ سمائڻ لاءِ بيتاب هوندي آهي. بيوس جو ويچار ”مکڙي جي بيتابي“ ۾ ڏسو:—

سرهي سڳنڌ آهيان - ٻاهر اچڻ ٿي چاهيان،
هيءُ ڪوٽ ڪيئن ڊاهيان، پردي جو پٽ لاهيان
ڪڏهين بهار ايندو؟
ڪوپيو خلاص ٿيندو؟

ويدانت ۾ جيو آتما جي پرماتما سان ملڻ جي ابلاشا جو ذڪر ڪيل آهي. ”بيوس“ هن حقيقت کي نظم نديءَ ۾ چٽيءَ طرح سمجهايو آهي:—

آسا رهي اندر ۾ سمنڊ ۾ وڃڻ جي،
پنهنجي پراڻي گهر ۾ ساهي وڃي ڪٽڻ جي (ش. ب.)

بيوس ويدانت کي جيون ۾ آتم سات ڪيو

ڪوي ڪشنچند کتري بيوس جو جيتوڻيڪ ويدانت

(ش - ب)

انيڪتا ۽ ايڪتا ويدانت جو سڌانت آهي. "بيوس" جو ٻه ساڳيو ئي خيال آهي. چوڏهين جو چنڊ پاڻ کي پنهنجي اکه سان ڏسي، پاڻ کي اکه جي اکه سمجهي ته ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ ۽ ڏيک هڪدم ختم ٿي وڃن ۽ انيڪتا مان ايڪتا ٿي وڃي اک پنهنجو پاڻ کي ٻه ڏسي، ته ڏسڻ جو کيل سماپت ٿي وڃي.

— ڏٻڌي پسي ٿي، هوُ تا آهي هيڪڙو (شاهه)

پر ٻدر جي پاڻ کي بيوس اکين جي اک پسي،

ختم ٿئي ڏسندڙ، ڏسڻ، تنڪال تنهائي اچي.

(ش - ب)

بيوس ايڪ مان انيڪ، ايشور ۽ سرشٽي جي رچنا جو پيو حيرت ۾ وجهندڙ مثال ڏئي پاڻکن کان سوال ٿو ڪري. آئيني جي سامهون آئينو رکي نهارڻ سان بي انتها عڪس (پاڇا-ديدار) نظر ايندا.

درسني کي درسني جي سامهون رک ۽ نهار،

ايڪ مان ڪئن ٿو ٿئي بي انتها، سمجهي چئو.

(ش - ب)

ويدانت ۾ برهم جو ديدار ساري سرشٽي جي ڪڻ ڪڻ ۾ نمايان آهي. هر هنڌ سرجڻهار جو واسو آهي. جيئن گهٽ (دلو ۽ مٽڪو) ۾ آڪاس جي آڪرتي (جوت - جهلڪ، روپ) ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جنهن کي ويدانت ۾ گهٽ آڪاس چيو ويندو آهي ساڳيءَ جڳهه تي گهڙا ڪيترا ئي هجن. سڀني ۾ آڪاس جي آڪرتي (آڀاس) ساڳيو هوندو آهي. پر آڪاس تہ هڪ آهي. اسٿت آهي. مٽي ساڳئي آهي پل مٽي جا گهڙا يا آڪرتيون ڪيتريون ئي هجن پر آهن هڪ مٽي جو روپ ئي سون جا

ڪنهن جي دل ڪونه ڏکوئي . هن انساني پنج ويرين کي پنهن جي وس ۾ ڪيو هو . مايا جي ڏيک ويک ۽ ترشنائن جو هن تياڳ ڪيو هو . هو انسان ذات جو نه ڇا پسو پکين جو به سچو دوست ۽ همدرد هو .

هن جي زندگي جي شام جيتوڻيڪ ناساز طبيعت ۾ گذري هئي پوءِ به هن دکن سان صلح ڪيو هو . انهن کي ايشور جو وردان سمجهي شڪر ۽ صبر سان ڀوڳيو ۽ هن موت جو به سواگت ڪيو ۽ مٿس جيت حاصل ڪئي .

ڪوي بيوس شايد پنهنجو تخلص اهو انڪري چونڊيو جو هو فطرتي نماڻو هو . هو ايشور جي اپار سٽا اڳيان هو "بيوس" هو . هن اوچ آدرشن اڳيان سر جهڪايو هو . اها هن جي مهانتا هئي . هن سچ ۽ حق جو مشاهدو ماڻيو هو ڇو ته هن ويدانت جو ڏوڙهو اڀياس ڪيو هو ۽ صحيح معنيٰ ۾ هن ويدانت جو ساڪشاتڪار ڪيو هو .

"بيوس" سنڌي ساهت جي آڪاس جو هڪ چمڪندڙ ستارو هو . سنڌي گلشن کي گلاب جي گل جيان خوشبوءِ ڏئي ان کي معطر ڪيو ۽ پنهنجو نالو امر ڪري ويو .

خاص وشنو ڪونه هو ۽ نه هن ڪو وڏو گرنٿ لکيو هو پر هن
اڻ سڌي نموني جيڪي به پنهنجي رچنائن ۾ پاٺڪن کي
ويدانت جو ڳوڙهو گيان ڏنو آهي ۽ ويدانت جو رهسيه سمجهايو
آهي. ويدانت تي ٿورو لکي به گهڻو ڪجهه ٻڌايو آهي. هن کي
داد ڏيڻ بنا رهي نٿو سگهجي. اهميت مقدار (ڪوانٽٽي) کي
نه پر خاصيت (ڪوالٽي) کي ڏني ويندي آهي. هن مال ۽
رومال جي خيال کان ويدانت تي گهڻي روشني وڌي آهي.

ويدانت لفظ يا ان جي وياکيا ڪٿي به نه ڄاڻائيندي هن
پاٺڪن کي ويدانت جو اونهو ۽ امر سنديش جنهن نموني سرل
سپڪ ٻوليءَ ۾ ڏنو آهي. سنڌي جڳت هن جو احسانمند آهي.

ڪوي ڪشنچند جو تخلص برابر بيوس هو پر هُو پاٺڪن
کي ويدانت تي عالي درجي جي ويچارن، ان ۾ سمايل ڪومل
ڀاونائن، سنن گڻن بدولت وس ۾ ڪري ويو آهي.

بيوس جي رهڻي ڪهڻي ۾ سمانتا هئي. هو سچو
ويدانتي هو. هن جيڪي به ويدانتي ويچار ڏنا آهن. ان تي
هن پهريائين پاڻ عمل ڪيو هو. هن پنهنجو سارو جيون
ويدانت جي اصولن تي پوئواري ڪرڻ ۾ گذاريو. سادي
رهڻي ۽ اوچ ويچار سندس مُول مقصد هو.

”بيوس عالي درجي جو فيلسوف، ودوان ۽ ڀڳتي
شخصيت جو ڌڻي هو. پوءِ به هو لهڻو، نماڻو، پر سڪ درسي
۽ علمبردار هو. هن جو پراڻي ماتر سان پريم هو.

هن جو ڌرم ۾ اٽل وشواس هو پر هو انڌ شرڌالو يا هٺ
ڌرمي ڪونه هو. هن ويدانت ۾ ڌرم جو درشن ڪيو. ويدانت
جي سکيا کي ڌيان ۾ رکي ساڪي سرجڻهار جو دل اندر درشن
ڪيو. صحي معنيٰ ۾ هُو ويدانتي هو. هن من وچن ۽ ڪرم سان

آهي . ڇو تہ ايشور ڄمڻ مرڻ جي چڪر کان آجو آهي ، پر آتما جيان ايشور بہ اسانجي اندر ۾ ديرو ڄمائي ويٺو آهي ۽ اُن جو درشن ڪرڻ لاءِ وڪار ناس ڪجن ، دونهي کي دور ڪجي ، اندر اُجالو ھجي ۽ من مندر ھجي . اھو ڇئيءَ طرح سمجھڻ لاءِ گيتا جو آڌياءَ ٢ شلوڪ ٦٢ کان ٦٥ تائيسن ڪنٺ ڪرڻو آهي . نہ تہ ڀٽائي گھوٽ چوي ٿو تہ -

خودي ۽ خدا ، ڪيئن ماپندا من ۾ ،
ٻن ترارين جاءِ ، ناهي ھڪ مياڻ ۾ .

سوامي ڀوڄراج صاحب تہ برابر چٽ چيو آهي تہ :-

جلي ٿيا ڪروڙ اڳي ۾ ، ڪيئن ھٽ ڪونہ ڪارا ،
ترڪ جو دوار ڏيکاري ٿي . توکي ترشنا تنھنجي .

(٢)

سنڌيءَ پنھنجي سمجھ ۽ سياڻپ ، ساڃھ ۽ سوجھيءَ ، علم ۽ عقل ، اُدم ۽ اُورچائيءَ سان شيئهن کلهي چڙھيو آهي ۽ سنڌ ۾ ويدن جي وديا کان دور رھندي بہ ھو ويدانتي آهي . ڪيس ڄاڻ آهي تہ ھي سچا سائين ، مون ۾ آھين تون - مٺان تنھنجو ئي توکي لڳي . ھيءَ ڇا ! پنھون ٿيس پاڻ ، سسئيءَ کي ڇو سڌ ٿيا؟ شاھہ صاحب چوي ٿو :-

سائر سا سھڻي ، سائر پڻ سوئي ،
آهي نجو ئي ڳجھہ ڳجھاندڙ ڳالھڙي .

اِھو صاف ٿيو تہ انسان ايشور نہ آهي پر ايشور اُن ۾ آهي ، آهي اَصل اَلڳ پر تاڃي پيٽي جيان دلمل ٿيا پيا آھن . درشن ملندو جي پنھنجي اندر جي خودي ختم ڪندين تہ گيتا جو گيان ملندءِ تہ اھنڪار ۽ ايشور ڪيئن ملندا ۽ ماپندا من ۾ ، ڇو تہ ٻن ترارين جاءِ ناهي ھڪ مياڻ ۾ . لن ڪاڻ پوري ڀڳت تي پھر ڏرڻو اَٿئي تہ اَھنڪار (مان - مان) جي اَگياننا کي اَلوپ ڪر .

هندو توڙي مسلم ڪوين ۾ ويدانت

پرنسيپال موتيلال لڇيرام ڀنڊاڙي ٽائلر ٽائون امريڪا

اهم برهم اسمي آهي ويدن جي واڻي آئوا ويدانت جو وياکيان. آهي مون ۾ برهم. پر ڏٺيءَ جو درشن ڪندي ڪندي اول اندر ڪر اُجالو، وڪار جي اسم غائب ڪر ته پريو پائيندين ۽ معلوم ڪندي ته برهم سڀ ۾ سمايو پيو آهي ۽ هو هر دي ۾ آهي حاضر. سر سان ساک ڏيندي ته مان ٿي تيرٿ ۽ مندر ۽ مون ۾ آهي گروءَ جو گهر. اسانجي پوتر مک مان ڇٽي مٺڙ آواز نڪرندو ۽ ايندو ته —

تون ٻي تون ٿي، مان ٻي تون ٿيان،
پاڻ وڃائي توکي پايان، توکي پائي پاڻ وڃايان،
پاڻ ۾ پاڻ گنوايان، توکي ڳنهن پر پايان.

ڇو ته تون آهين آتما جو پرم آتما (پرماتما) جو جزو، انگ يا اُنش آهين پر تون خود پرماتما نه آهين. ساڳئي وقت مذهبجا سنڌي اها ڪٿ ۾ ڪائو ۽ ڪلپنا ڪر ته ڪرتار تو ۾ سمائجي سگهي ٿو ۽ اِها هام هڻي، سگهين ٿو ته انسان ڪڏي ايشور نه ٿئي ۾ ڇو ته اِنسان ايشور نه آهي. پر اِنسان ايشور کان جدا به نه آهي. شري مد ڀڳوت گيتا ۾ ڪرشن ڀڳوان چوي ٿو ته :—

پراڻويءَ تي جنهن پير ڀڏاريو،
سو آخر پريوءَ کي پيارو ٿيندو ضرور،
ليڪن اسانجي آتما آهي امر.

اِنڪري هرڪو (هندو) وري سنساري سفر ڪرڻ ايندو به ضرور. هيءَ جڳ آخرين ججمينٽ آهي نه انسان ايشور ا—

کائيندڙن لاءِ، ڪلڪتي جو ڪوين جو ڪرتار.
فتحچند شرما (پروس) چوي ٿو:—

ڪيئن موڙي لهن ماڳ، اڙيل اوت اهنڪار ۾
جنهن سڪ سان ور نہ سيويو.
ور هوندي چاڻ ڏهاڳڻ

اُهي اهنڪاري، ايشور کان ڀاڻ ڪيترا ڪوهہ پري آهن. اُهو ڪرتار ڪري ڪٿ، پر اها ٿي پڪ تہ ڏينهن ۽ رات ۾ ايترو فرق نہ آهي، نڪي اُتر ۽ ڏکڻ قطب ۾ ايترو مفاصلو آهي، جيترو هنن ٻن نارن ۾ تہ، مان ڀڳوان آهيان ۽ ڀڳوان مون ۾ سمايل آهي. پر انهن جا پردا ڪيي اُنجو درشن ڪرڻو آهي. ڪير مکڻ نہ آهي پر ڪير اندر گهڻ ۽ مکڻ سمايل آهن جي ولوڙي، اُدم ڪري ڪڍيا آهن. تون ڪرتار نہ آهين پر ڪرشن تہ توکي چقمق جيان پيو چڪي، ڪشش ڪري. ڪوي هري دلگير چوي ٿو تہ:—

هو تہ تنهنجي سڏ سڻڻ واسطي ويٺو سڪي،
سڪ مڇهان سڏڙو ڪري، هڪوار ٻاڏائي تہ ڏس.
ٻيڪڙيل نڪي آهہ، نہ اهي بند در دلدار جو،
قرب ملن تنهنجو ڪڙو هڪوار ڪڙڪائي تہ ڏس.

تہ متان ڀلجي ڀلائي ٻہ ڀاڻ کي ڀڳوان سمجهين پر تون هڪ ڀيرو ڏانهن ڪٿ تہ هوءَ ڏهہ پير ڪٽي ايندو اسان وٽ.

وامن آهي ويجهي، پر سياڻا سڏي.
هڪوار واجهائي تہ ڏس.

(۴)

جي توهان ان الحق آهيو تہ اُئين سمجهو تہ توهان، سنساري سفر جي سڀاس ۽ تياڳ جي منزل تي پهچي ويا آهيو، جنهن لاءِ

گيان جو ڳس وٺ تہ ويدن جي وديا انوسار آدرم جي چڪر کان پار پئي موکش جي پراپتي ڪندي ۽ منش چولي جا فرض پاليندي.

تہ اِن لاءِ اول پاٺ پڪو ڪر تہ سڀ ڪر ايشور کي ارپڻ ۽ پلئہ پڪڙ پريوءَ جو. چيو تہ سامي چوي ٿو تہ:-

هر ڀيءَ بنان همراهہ ، ڪنهنجو ڏنو ڪونڪو .
ڪايا مايا ڪل تي ، مورک ڪن ويساهہ .
سدا اليپ اچاهہ ، رهي سمت سڀاو ۾ .

انا الحق- منصور کي ملهيو مؤت جو اِهو آلاپ، سنڌس اندر مان اُٿيو ٿيو تہ مان آهيان حق- حقيقت، سچ، سچو سائين، پر ڀو پرماتما. ليڪن جي تون خود ڀڳوان آهين تہ ڀيائي جو ٻيج تو ۾ ڪٿان آيو، پر ڀو تہ اوگڻن کان اڄو آهي ۽ تو ۾ مون ۾ تہ ڪام، ڪروڌ، لوڀ موهہ ۽ آهنڪار جي آڳ جلي رهي آهي. (آل آهي آرٽيڪل- اي- اُئن ۽ دي جيان) پر تون تہ پاڻ کي انسان نہ، پر پنڊ پرماتما ڪيئن ٿو سڏين ۽ جي آهين تہ مرين ڪيئن ٿو چو تہ ايشور امر آهي. جي تون سچو سالڪ آهين تہ ٻيا ڪير؟ ڪٿان آيا. ڪٿي ويندا ۽ جي اُهي بہ ڀڳوان آهن تہ دنيا ۾ گهڻا ڀڳوان آهن، جڏهين ويدانت جي واٽي آهي تہ ڀڳوان هڪ آهي. آسين جي ايشور جو انگ آهيون تہ سچو نہ آهيون ۽ پورن پر ڀو نہ آهيون ڇا؟ تہ ڇا پاءُ يا اڌ ڏٽي آهيون.

حقيقت اِها آهي تہ پرماتما آهي پارس جو لوهہ کي (اسان کي) پارس نہ ڪندو پر وڪار ڪيون تہ چوويهہ ڪئرٽ سون ڪندو. پر پارس ڪيول پر ڀو ئي رهندو. ڀلي گياني، ڌياني، ساڌ ٻڻجون پر مالڪ جي مهما ۽ پدوي سدائين اوچي تي اوچا ڀڳونت جيان رهندي. پاڻ کي ڀڳوان سمجهي يا سڏائي. پاڻ کي ڙڳڙو آهي. نہ ماڳہ لهن نہ منزل تي پهچن. اهڙن اونڌهہ ۾ غوطا

ڪي آڳوتر ڪرڻو ٿي آهي ۽ پوءِ پاڻ نڳڻو آهي تہ سچي صوفيءَ جا سبق ۽ ڀاڻ پڪا ڪري رهيا آهيو ليڪن ويدانتي ڪوي. ڪلڪتي جو ٻروس چوي ٿو تہ :-

مور نہ مان مان ڪن ، جن ٻروس پسيو پاڻ ۾ ،
پهچي سنگر سامهان ، نسُرڻي ٻول ٻدن ،
ڪايا ، مايا ، ڪٽنب تي- ڪڏهن ڪين ڪڏن ،
مٺي چاهت تن ، پائي سات سڌن جو .

(٥)

سچل جي مکہ مان ويدانت جي واٽي ۽ واڻي نڪتي ۽ هن ڳجهہ ڳجهاندڙ پاشا ۾ هن طرح پاشٹ ڏنو تہ :-

هندو مومن ناهيان ; آءٌ جو ئي آهيان ، سو ئي آهيان ! ڏسو تہ سچل ڪيڏو نہ اونهو ٿو وڃي ۽ توهان ٻروليي ٻڌي ويندا تہ سچل آهي اوم يا سمجهي ٿو تہ اوم آهيان . اوم تت ست (گيتا اڌياءُ ١٧ شلوڪ ٢٣) سان تہ پرٿويءَ جو آرنڀ ٿيو . اِن ڪاڻ جيترو اونهو آڀياس ڪندا ، اوترو اُنهو ٿيندو تہ ويدانت وديا ۾ اُهو سڀ ڪجهہ آهي جو صوفي مت ۾ آهي، بلڪ اُنکان گهڻو گهڻو وڌيڪ ۽ جتي تصوف جي پڇاڙي آهي ، اُتان ويدانت جو آرنڀ ٿئي ٿو ۽ جيڪي مجازي عشق صوفيءَ ۾ آهي ۽ نہ هندن گهر جي . سو ويدانتي وديا ۾ نہ آهي . جي پاڻ پريو هجون تہ هوند اِئين نہ چئون تہ :-

ڏمر جي تہ بہ ڏئي، پرچي تہ پيت پري
شاهہ تہ هن طرح بہ خلاصو ڪيو آهي تہ :-

جيئن ڏاند نہ ٻنج ، تنهي بہ تنهنجو آسرو ،
پوءِ اُپارين سڀ ، اول ڏين اُنهن ڪي .
ڪوي ڪن ٿا پوتر پيار جو ورڻن ، جتي وسي ٿو پرماتما

ارجن وري ڀــ ڀڳوان کــان سمجهاڻي گهري ۽ وينتي ڪري ارجن کي چيو :—

هــي مها ٻاهو ! سڀني جا سچا سوامي ، سڀني ۽
اي ڪيشي جا قاتل، منهنجي ٻڌيءَ کي ٻڌاءِ .
تــ تياڳ جو تت ڇا آهي ؟ سنياس جو ست ڇا آهي ؟
اُنهن جـــو ا و نهو اپياس ۽ مونکي اوس ڪرڻـو آهي ؟
(گيتا - اڌ ياءَ ١٨ ، شلوڪ ١)

جــي تون ڀڳوان آهين تہ هي منزلون ڇا لاءِ . تون تــ حقيقت تي پهچي وڃين تہ اول مجازي منزل ماڻڻ لاءِ پاٺ کي پليت ڇو ڪرين ؟ بيدل ۽ بيڪس کي ڪنهن ۽ ٻين ٻارن سان ڇوڪري ٻـــازي ۽ زالن سان موج مستي ڪرڻي پيئي ۽ پنهنجي گهوٽ کــي حڪيم جــي حيثيت ۾ مجازي عشق جو کيل کيلڻو پيو . اِها ويدانت جي واٽ نــ آهي ، بلڪ اُن جــي اُبتڙ آهي ڇو تـــ ويدن موجب سرير آهي سندر مندر ، جتي مالڪ جــي مورتي براجمان ڪرڻي آهي .

آهي ڪا توهانجي گهر ۾ ڪا زائفان ؟ ماءُ ۽ پيٽ ، سپتري اُتوا ڌرميتني ؟ سرير جي رنجهہ ڪمجهہ تہ ڏاتار جو ڏاجو آهي جـو چت چاهي يا نہ ۽ پر قبول ڪرڻو ئي آهي . ڪن کي ڪو سريرڪ روڳ ، اهڙو چنبيل آهي جو جسمن ڪپڙ يءَ ۾ ڪٽا آهن تيسين چڱڀلا ئي آهن . توهان لِن مرض لاءِ گهرايو ڊاڪٽر ۽ اُهو توهانجي نياڻيءَ جي تپاس ڪندي ، هٿ چراند ڪري يا عشق آلاپ ڪري ۽ جيئن شاهـــ لطيف ڪيو ! ڇو تـــ ڪيس مجازي عشق ڪرڻـو ئي هئو ، نہ تہ سچو صوفي ٿي نہ سگهي ها . توهان اهڙي ڊاڪٽر جـــو ڪهڙو قيمون ڪچڙمبر ڪيندا ۽ سو توهان سوچيو ، پـــر ان الحق جو آواز ڪنهن مان ڪڍڻ لاءِ توهان کــي تصوف جــي قاعدن ۽ قانون موجب عشق بازي ڪري ، سرير

گھٽ نڪو وڌ .

ديا ڌرم جو مول آهي . رگ ويد (١٠- ١٣٧- ١) جي واڻي آهي ته :-

उत देंवा अंहितं देवा उत्तंय था पुनं : ।

اُنجو اَثر ڪوين تي ايترو ٿيو آهي جو ڪتاب لکيا اٿن . ڪو ٻو ٻو هڪڙي جو ٻيون ڏيئي پرک ڪري ڇو ته ڌرم ڪرم جو بنياد ئي ويد آهن . ڪرم ٿيئري جو اَثر ته شاهه تي ايترو پيو جو چيائين :-

ستا اُٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نه ملي .

اِها آڪاڻي به عام آهي ته شاهه ڀاڄيءَ واري جو هوڪو ٻڌو " سڻا، ڀالڪ، چوڪا " ته ششن کي سمجهاڻي ڏنائين ته اُٿو. ڪرم ڪريو . جو ڀلڪ ستو (سمهيو) سو چٽو (چڪيو) . ڪلجڳ ته آهي ڪرم يوگ ۽ اُنجي مهما گيتا ۾ ڳائي ويئي آهي . گيتا آهي ويدن جو تت، ست ۽ آسان لاءِ ويدن جو ليٽيسٽ روائزڊ ايڊيشن ڇو ته ڪرشڻ ڀڳوان، گيتا (آڌياءُ ١٥، شلوڪ ١٥) ۾ چوي ٿو :-

مون ٺاهيا آهن ويد ۽ مونکي ويدن جي وديا جو گيان ،
مان ئي ويدانت، مان آهيان اُها وديا ڪيج نه اُن ۾ ڪو گمان .

ويدن جي اِها به وديا آهي ته ڀڳوان آهي ٻي انت - نه اُن جو ڪو روپ ۽ نه ڪو رنگ . يجر ويد (٣٢ - ٣) رشي چون ٿا :-

न तस्यं प्रतिमा ड श्रांस्ती

پرٿويءَ تي پيار جي ڀت تي هلو ۽ ڌڪار لاءِ ڌڪار هجي

اوم جي آواز ۾ ٻ اُهائي سرهاڻ ٻ سڳنڌ ان مان اُچي ٿي. اُچو ته عاشق ٻ معشوق جو ڇيد ڪريون.

عاشق = ع ا ش ق

معشوق = م ع ش و ق

ٻنهي ۾ عشق اُٿوا پيار ڪامن آهي ٻ باقي رهيو اوم جو ايشور جو نالو آهي ۽ ڀڳوان جي مکه مان (گيتا اڌياءُ ١٧، شلوڪ ٢٣) هي شبد نڪتا آهن، جن هو اُڳه به ورنن ڪيو اٿم:-

"اوم تت سمعه" پيار سدا شبد ٿي ٻ

اهو پريم آهي برهم ۽ نالا سندس اُهي.

ساڳيءَ طرح اِها ويدانت جي وزدم سمايل آهي طالب ٻ مطلوب ۾

طالب = ط ا ل ب

مطلوب = م ط ل و ب

وري به اوم ٻ ڪامن طلب - چڪ، سڪ ۽ پيار جي آهن ويدن جا پاٺ. هت رڳو سنڌي ڪوين ڏانهن اشارا ڪجن ٿا. ٻر غير سنڌي ڪوين جا حوالا ڏيا ته گرنٿ اُهي پوندو. اِن اُپياس لاءِ من جو ميل ڪيو. پاٺ ڪي پوتر رکو. ويهين صديءَ جي پهرئين اَڌ جو عالي سنڌي شاعر شري ڪشنچند (بيوس) چوي ٿو:-

روپ نه مالڪ ٿو ڏسي، ڏسي دل جا تاڪ ٻ

اندر اُجالو ٿو ڪپي ۽ بيوس رنگ نه پوشاڪ.

(٦)

ويد آهن وديا ٻ ويدانتزم آهي ويدن جي اَمولڪ واڻي، مکيه سکيا اِها به آهي ته سمان آهن سڀ ۽ سائين جي نظر ۾ نکو

(۱۲-۱-۲۲) ۾ هن طرح ورنن ڪيل آهي.

वय तुभयें बलिहते स्याम ।

اِنجو اَثر، اسانجي شاعرن تي گهڻو پيو آهي. ڪشنچند بيوس چوي ٿو:-

اُهي مائر پلي مرڪن جي ٻارو تن کي لولي ڏين،
تہ صدقي ديس تان، تن من ڪري جهڙي نہ ٻي خدمت.

اِن طرح ويدن جي اَثر هيٺ اَچي. ڪيترين ڪوين پاڻ موکھو آهي ۽ قلم سان ديس جي چاڪري ڪئي آهي، ڪرشن ڀڳوان بہ آرجن کي گيتا (اڌياءُ ٢، شلوڪ ٣٣) ۾ اها صلاح ڏني آهي تہ:-

ڌريون پيار ڌرم يڌ، ان کان منهن نہ موڙ،
پنهنجي فرض ۽ منش جيون جي ٻيڙي نہ ٻوڙ.

(۹)

उत देवा श्रावहितं देवा उत य-या पुत :

هيءَ آهي رگ ويد جي سکيا تہ ڪريل کي کلهو ڏي تہ تو جيان، اي وديا جا ساگر، هو بہ چڙهي ٻوي ان لاءِ اَول آهنڪار ڇڏ. سوامي ڀوڌراج جو وچن آهي:-

سيني جي ڪيل سوڙهہ سوري، سڀ ۾ ڏس تون نور،
نديو هجي يا اُتم ڪوئي، محبت سڀ سان ڪر منظور.

مٿي ڏيکاريو ويو آهي تہ ديس تان پاڻ قربان ڪرڻ جا پاٺ پڪا ڪرايا ويا آهن ۽ ويدن ۾ اهو آديش، اُصول ۽ آدرش ڏنل آهي تہ:-

वयं तुच्यं बलिशत: स्यामा

اِن جو اَثر سرڳواسي بلديو تاراچند ڳاجرا (گمام) تي ايترو

۽ جيڏانهن نظر نگاهه اُتي پاڻيءَ جو وايو منڊل. اُنهن ڪري-و ۰ اٿر ويد (٣-٣٠-٣) ۾ چيل آهي

मा भ्रता भ्रातरं द्विक्षान्मा

(٧)

ساميءَ جا شلوڪ ته آهن ئي ويدن جي واٽي ۽ ويدن جي وياکيا ڪندي چوي ٿو ته :-

بنان آتم گيان ۽ ممتا مٽي نه من جي،
توڙي سو ساڌن ڪرين، پڙهين ويد پران،
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي اِئين چيو

دک آهي دارون ۽ دک کي سمجهڻ لاءِ، ويدن ۾ ڪيتري چرچا ڪيل آهي شاهه تي ب. انجو اٿر ٿيو ۽ چيائين گهور ڀيا سک دکن ري - ڪوي چوي ٿو :-

سک سپنا، دک بدبدا، دونو هئه مهمان،
اُس ڪو آدر ديجئي، جو ڀيجي ڀڳوان.

گرو بنا گت ناهي ۽ گروءَ جي مهما ته ويدن ۾ هر هنڌ ڳائي ويئي آهي. ڪلڪتي جي ڪوي شرما تي اُنجو هي اٿر ٿيو آهي :-

رهبر بن راهي، ڀلجي پئڪي راهه ۾،
جن رهبر ساٿي سفر ۾، تن ڪنجي سڻائي،
تن پاتي منزل ماڻ ۾، سنمع ڀاڻائي،
پوءِ ٻي ڪا اوٽائي - پروس پسن ڪانڪا.

(٨)

اٿر ويد جو اُپياس ڪبو ته ديش ڀڳتيءَ جا سبق سٽبا ۽ اِئين سمجهندا ته ڪر ڪيتر جي پڌ ڏسي رهيا آهيو. هڪ شلوڪ

[١٠]

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي - راجستان سنڌي اڪاڊمي جو چيئرمن اوچ ڪوٽيءَ جو ودوان آهي. ڊرامڪ کيتر ۾ ۽ شيئهن ڪلهي چڙهيل اڳوان آهي. دل گهريو ڪيرون لهڻي جو، هر نظر ڪسان هيءَ تز وشيء چوندي آٿس. مان سندس ويچارن سان سؤ ٽڪا سهمت آهيان. سچائيءَ جي کوج ڪيئس. هانو آن آدرش کي نظر ۾ رکي هي ليکڪ لکيل آهي.

ڊاڪٽر نانڪرام جا شبد ته ”صوفي مت جو پرچار، سنڌي جاتي کي اوچو ڪونه اُٿاريندو، هندُئين سان هندائٽ گهرجن، مسلمن ۾ مڙهٽ گهرجن، اندر ۾ اُڪرٽ گهرجن ۽ سهڻي ۾ سانڊيٽ گهرجن. ويدانت جو نه آنمح نه پار. ليکڪ ۾ ته کي چونڊ ماڻڪ موتي ڪڍي رکيا آهن. جي پڙهندڙن ۾ اُمنگ ۽ اُتساهه اُتپن ڪن ته وڌيڪ اڀياس ۽ کوجنا ڪريون.

اٿرويد (٣-٣٠-٣) جي هن شلوڪ سان پوڄه وجهون ٿا جو ڪوين ڪلنت ڪيو آهي ته پرماتما جي ڀاشا آهي پيار، سو ڌڪار ڪنهن کي به نه، جو ته دنيا جا سڀ ماڻهون ڀاڄ ۾ ڀائر آهيون.

मा भ्राता भ्रातरं दीक्षान्मा

ڏيو جو شاهڪار ڪويتا ”نمستي اي ڀارت“ لکيائين. سنڌ س
ڪويتا مان ويدن جا وچن جهٽ ليا پيا پائين. لکي ٿو:-

رشين ۽ منين جي، تون آ پاڪ ڀومي،
اُجر ۽ امر ٿئي نشان تنهنجو قومي،
ڪيا پيدا تو رام ۽ ڪرشڻ پيارا،
انوکا، نرالا، جڳت کان نيارا.

ويدانتي دلپت ڪوي، **اهم برهم اسمي** جو ڳوڙهو
گيان سپڪ، سوادي ۽ سليس سنڌيءَ ۾ هن طرح سمجهايو آهي.

”**دلپت**“ دائم دوست جو، دل اندر ديرو،
پرين پسي پاڻ ۾، جي مَن ڇڏي ميرو،
لاهي جوڳي جيءَ تون، چوراسي ڦيرو،
تان نات ڏسين نيڙو، جي مهن هٽي مهراڻ ۾.

سچو ڌارمڪ ساگر، جهٽ گهاگهر ۾ سمايو اٿس. اِئين نٿو
چوي ته مان ڏٺي آهيان، پر ڏٺي مون ۾ آهي، جنهنجو درشن
اندر اُجالو ڪرڻ سان ڪري سگهبو. پرم آتما جو آهي هن
ديهيءَ ۾ گهر ۽ اهو آهي نرگڻ اناڊي امر (گيتا اڌياءُ ١٣م شلوڪ
٣١) پر اُن پرڀوءَ کي پائڻ لاءِ، درشن لاءِ، ويدن جي هر هنڌ
گهرج آهي. پوڄا ڪريو، سمرڻ ڪريو ۽ اُنجو اٿر آسان جي
لکل لال ڪوي، شري تولارام ميگهراج ٻيلاڻي (عاجز) تي
آهڙو اونهو گهاءُ ڪيو جو چيائين:-

اُٿي آڌي رات اور - اريچن سان ايڪ ٿي،
سدائين سجاڳ ٿي - سهڪ سمرني سور،
سگها توڙي ٿيڻا - ٻيائي ٻدڻن ٻوڙ،
”**عاجز**“ جوڙي جوڙ - جيءَ پنهنجو جڻن سان.

ڪيترا سنڌي عالم عربيءَ ڏانهن راغب ٿيا. اُن هوندي به سنڌي پٽن ۽ چارڻن سنڌي شعر کي محفوظ رکيو. سمن جي دور جي ماموئي فقيرن جا ڪي بيت ملن ٿا. سومرن ۽ سمن جي دور ۾ ڪيترائي سنڌي شاعر ٿيا هوندا مگر ملڪ جي سياسي ۽ تواريخي حالتن سبب ان دور جو هڪ اهميت وارو سنڌي شاعر ملي ٿو سو آهه قاضي قادن.

एको ब्रह्म द्वैत न अस्ति

قاضي قادن سمن جي صاحبيءَ ۾ سنه ١٤٦٣ع ڌاري سنڌ جي بکر شهر ۾ ڄائو. ١٥٢٠ع ۾ سمن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ارغونن جي حڪومت قائم ٿي. شاهه بيگ ارغون ۽ جنهن سنڌ ۾ ارغون حڪومت جو بنياد وڌو، سو ٻن سالن کان پوءِ گذر ڪري ويو. ان بعد شاهه حسين ارغون حاڪم بڻيو. شاهه حسين ارغون قاضي قادن کي بکر ۽ اُن جي پسگردائيءَ جو قاضي مقرر ڪيو. قاضي قادن پنهنجي دور جو عالم فاضل ۽ درويش دل شاعر هو. سنڌيءَ جي نقادن قاضي قادن کي صوفين جي صف ۾ شمار ڪيو آهي صوفي پريم ساڌنا کي اهميت ڏين ٿا ۽ ويدانتي گيان مارگ کي مهتو ڏين ٿا. قاضي قادن جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ محسوس ڪجي ٿو ته هن شاعر جي بيتن ۾ نج ويدانت جا ويچار سمايل آهن. ويدانت موجب "ايڪو برهم دوتيه نه استي" هڪ برهم جي ستا کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪين آهي. شاعر قاضي قادن به ڏٺيءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:-

واحد هنڌين دائرين هيڪڙو ميڙي،
جنهن جان جدا ڪئي پسندا سيئي.

قاضي قادن جي هن بيت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ويدانت سوتر جي جهلڪ ملي ٿي ته هر جڳهه هڪ ئي مالڪ موجود آهي پر

سنڌي مسلم شاعرن جي شاعريءَ ۾ ويدانت

ڊاڪٽر ديال "آشا"

سنڌ ۾ سوين شاعر ٿيا جن سنڌي شاعريءَ جي باغ ۾ رنگت پيدا ڪئي. وقت به وقت سنڌو نديءَ جي بدلجندڙ وهڪرن سبب ڪيترا شاعريءَ جا بوٽا لڙهي ويا ته ڪي ڌارين حاڪمن جي حملن روپي طوفان سبب پارون پٽجي ويا. ان ڪري قديم سنڌي شعر مڪمل ملڻ مشڪل آهي.

سنڌي ڪوجنيڪ ڊاڪٽر گربخشاڻي دولترام پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته اٺين عيسوي صديءَ ۾ عربن جي حڪومت ۾ سنڌ ۾ سنڌي شعر چوڻ وارا هئا. انهن مان هڪ شاعر عربستان ۾ بادشاهه يحيٰي خان جي دربار ۾ ويو، جتي سنڌيءَ ۾ شعر ٻڌائڻ سبب کيس هڪ هزار دينار انعام طور عطا ڪيا ويا. ان مان ثابت آهي ته اهو سنڌي شعر اعليٰ درجي جو ۽ اهميت وارو هوندو! ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي شعر عربن جي ڪاهه کان به اڳ ارتقائي منزلون طئه ڪري چڪو هوندو.

محمد بن قاسم سنه ٧١١ع ۾ سنڌ جي راجا ڏاهرسين کي شڪست ڏيئي سنڌ ۾ عرب حڪومت قائم ڪئي. جنهنجي اثر ڪري عربي ٻوليءَ جو واهپو سنڌ ۾ ٿيو ۽ عربستان جي تهذيب جو ڦهلاءُ پڻ ٿيو. عرب عالمن جي آمد به سنڌ ۾ شروع ٿي.

تصوف جي اثر جي باوجود به ڪن سنڌي مسلم شاعرن جي شاعريءَ ۾ ويدانت جي ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي. انهن مان ڪي صوفي شاعر آهن. جن جي شعر ۾ تصوف ۽ ويدانت جو سهڻو ميلاپ آهي. اِهي صوفي درويش شاعر سُر سفر ڪندي ڪيترن سنتن جي صحبت ۾ آيا ۽ اُنهن جي خيالات کان ڪي قدر متاثر ٿيا. ان ڪري انهن شاعرن جي شاعريءَ ۾ ويدانت جي ويچارن جو پر ڀاءُ سو ڀاويڪ آهي. ٻيو ته سنڌ اُها پوتر ڀومي آهي جنهن جي سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ويدن جي رچنا ٿي ۽ اُن ڀوميءَ جو اثر سنڌي شاعرن تي هُئڻ به سو ڀاويڪ آهي.

شاعر قاضي قادن کان پوءِ سيد شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو قابل ذڪر شاعر آهي جنهنجي ڪلام مان پڻ ويدانت جي ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي. شاعر شاهه عبدالڪريم سنڌي جيون ۾ هڪ نئي جاتب جو جلوو جمال پسندي سالڪ ڪي صلاح ڏيندي چوي ٿو:-

وائي ٻي م ٻل ۽ مران موران ڀڪاڻ ۽
بلا سنڌو سڄڻين ۽ هو هلاچو هل ۽

ويدانت سوتر "ايڪو برهم دوتيه نه استي" جي جهلڪ شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ ملي ٿي. برهم ست چت آنند روپ آهي. شاهه ڪريم ساڳيو خيال پيش ڪندي چوي ٿو:-

تون چؤ الله هيڪڙو وائي ٻي ۾ سڪ ۽
سچو اکر من ۾، سوئي لکڻو لڪ.

برهم سويم پرڪاشي آهي ۽ هر هنڌ وياپڪ آهي. اسانجي اندر به اُهو ئي ود يمان آهي. سنڌ ۽ روشنيءَ سان ئي سنڌس دويه درشن ڪري سگهجي ٿو:-

اُن کي اُهي ئي ڀسي سگهندا جي پنهنجو وجود وڃائيندا. ويدانت موجب برهم اننت آهي، سرو تر وديمان آهي. اگياني منش اُن جي پراپتيءَ لاءِ ٻاهر ڀٽڪي ٿو، اُهو ته سندس من ۾ ئي موجود آهي. اِهو خيال پيش ڪندي شاعر قاضي قادن چوي ٿو:-

نه سو لاهو نه سرو نه اُروار نه پار،
موڙهو وتين تن کيءِ سومن منجهه نهار.

شاعر قاضي قادن ساري ڪائنات ۾ سڀني جيون ۾ هڪ ئي محبوب جو مشاهدو ماڻيندي چوي ٿو:-

عين قصر در لک ڪوڙين سهسين ڪڙڪيان،
جان ئي ڪرين پرک تان ئـي سڀ سامهان.

هن سرشٽيءَ روپي محل ۾ مالڪ موجود آهي. ان سرشٽي ۾ ڪروڙين جيو جنتران محل جا در دريون آهن. انهن معرفت محل ۾ نهاريو ته هڪ پرماتما ئي نظر ايندو.

ويدانت ۾ آتم گيان جي اهميت آهي. پاٽ پڇاٽڻ سان ئي برهم کي ڄاڻي سگهبو. قاضي قادن اِهو ويچار پيش ڪندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو:-

ڦهرين پاٽ پرک، پرين پرکڻ ساڪڙا،
در پئي سوئي رک، جتان ڏکا نه لهين.

پاٽ پڇاٽڻ لاءِ سالڪ کي ڦهرين پاٽ وڃائڻو پوندو ۽ پوءِ جيءَ ۾ جهاتي پائڻ سان دوست درشن ٿيندو:-

ڦهرين پاٽ وڃاءِ، پاٽ وڃائي سوامڪي،
من اندر منهن پاءِ، توئي اندر سپرين.

مسلم حڪومت، مسلم تهذيب، عربي فارسي ٻولين ۽

اسين سڪون جن کي سي تان اسين پاڻ ۾

گروءَ آکيو ”مان برهم آهيان“ تڏهن شش پڇيو ته مان ڪير آهيان. گروءَ وراڻيو ”تت توم اسي“ تون به اهو ئي آهين شاهه صاحب اهو خيال پنهنجي شعر ۾ پيش ڪندي چوي ٿو:-

پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سيوئي حال منجهان ئي معلوم ٿئي

”سروي ڪلو اندم برهم“ ويدانت سوتر جو عڪس به شاهه صاحب جي ڪلام ۾ آهي، سڀ ۾ هڪ مالڪ موجود آهي.

سو هي، سو هو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهه، سو ويري سو واهرو،
سو پکي سو پڃرو، سو سر سوئي هنج،

مومل به آخر محسوس ڪري ٿي:-

راڻو ۽ راڻو ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪي

فقير صاحب ڏنو فاروقي ارڙهين صديءَ جو شاعر مخلوق ۽ مالڪ ۾ ڪو تفاوت نٿو سمجهي:-

آدم آهه چوڻ ۾ نه ته آهي پاڻ الله،
سر پراڻو ساهه، صاحب ڏني صحيح ڪيو.

شاعر فاروقي صاحب اندر ۾ ئي ڏٺيءَ جو ديدار ڪري ٿو:

صحيح سڃاتم سرتيون دل ۾ آهي دلدار،
ڪاڪيون آهي قلوب ۾ ڪيچ ڏٺي ڪو هيار.

فقير عنايت چوٻو پٽ ارڙهين صديءَ جو شاعر هو. مذهب

سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏانهن ۽ سوئي مـن وسـي ؛
تهن سنـدي سوجهـري، سوئـي سو پسجي.

ويدانت سوتر "تت توم اسي" جو عڪس پڻ شاهه ڪريم جي شعر ۾ ملي ٿو.

پاڻ ئي سلطان، پاڻ ئي ڏي سنيهڙا،
پاڻ ڪر پاڻ لهي، سڃاڻي پـاڻ.

"اهم برهم اسمي" ويدانت سوتر جي جهلڪ به هن شاعر جي شعر مان ملي ٿي. سالڪ پاڻ سڃاڻڻ بعد ئي ان قسم جو آلاپ آلاپي ٿو:-

اسين ڪون جن ڪي سي تان اسين پاڻ،
هاڻي وڃ گمـان ۽ صحيح سڃاتو سپريـن.

سنڌ جو سرمور ممتاز شاعر عبداللطيف ڀٽائي پڻ ويدانت جي ويچار ڌارا کان متاثر نظر اچي ٿو. سندس ڪلام ۾ تصوف ۽ ويدانت جي ويچارن جـو سنڌر ميل آهي. ويدانت سوتـر "ايڪو اهم بهو سيام" مان هڪ آهيان اُن مان ڪيئـي روپ ڌاريا اٿم ۽ يعني هڪ برهم مان ئي سڄي سرشٽيءَ جي اُتپتي ٿي آهي ۽ اُهو برهم ئـي ساري سرشٽيءَ ۾ موجود آهـي. سڄو پسارو اُن هڪ ۽ حق جو آهي. شاهه لطيف اِهو خيال هيٺ ڏنل بيت ۾ ظاهر ڪندي چوي ٿو:-

وحد تان ڪثرت ٿي ڪثـرت وحدت ڪل،
هڪ حقيقي هيڪڙو، ٻـولـي ٻـي م ڀل ؛
هوُ هلاچو هـل، ٻـا الاهه سندو سڃڻيـن.

"اَهم برهم اسمي" جي جهلڪ شاهه صاحب جي شعر مان ملي ٿي. مان برهم آهيان. آتم گهان پراپتيءَ کانپوءِ ئي سالڪ ان سٽيءَ جو پاو ڪري ٿو. شاهه لطيف چوي ٿو:-

ڪلام ۾ بہ ويدانت جي فيلسوفي ملي ٿي ويدانت سوتر آهي " सर्वं खलिवदं ब्रह्म " سڀ ۾ هڪ برهم آهي سچل سائين بہ ساڳيو خيال پيش ڪندي چوي ٿو :

سوئي اندر سوئي ٻاهر ۾ سوئي تنهنجي چولي
تو ۾ مون ۾ هن ۾ هر جا، سچو سچ ٿو ٻولي

سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ ويدانت سوتر " تت توم اسي " " तत्वमसि " تون اهو آهين، ارٿات تون سويم برهم آهين سچل سائين بہ ساڳيو خيال پيش ڪندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو :—

تون ئي مالڪ ملڪ جو ٻانهو ٻانءِ م پاڻ،
صورت منجهہ سڃاڻ، پاڻ پنهنجو پاڻهي.

انسان اگيان سبب پاڻ کي ڌڻيءَ کان الڳ سمجهي ڪيس پڪاري رهيو آهي. سچل سائين اهڙي شخص کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ تون خود الله آهين صرف پاڻ پڇاڻ.

پاڻ پنهنجو پاڻهي صورت منجهہ سڃاڻ
الله الله ڇو چوين پاڻ ئي الله ڄاڻ

اسلام موجب بندو ۽ الله الڳ الڳ آهن پر ويدانت موجب برهم ۽ جيو هڪ روپ آهن. سچل سائين حقيقت شناس ٿي ويدانت جي ويچار جي تائيد ڪري ٿو تہ بندو ۽ الله هڪ آهن. مذهب جي روايت موجب ائين چوڻ بہ گناهہ آهي پر سچل سچ چوڻ کان هٻڪي ڪين ٿو ۽ آکي ٿو :-

جان نہ چوڻ جهڙي ۾ سامان چوان ڪيئن،
قصو آهي هيئن ۾ هي ۽ هو هڪ ٿيو.

ويدانت موجب جيو برهم روپ آهي جئن پاڻيءَ جو قطرو

جي اصولن موجب خدا الڳ هستي آهي ۽ بندو الڳ ۽ حضرت محمد پيغمبر آهي. مگر شاعر فاروقي صاحب سڀ ۾ هڪ ۽ حق ڏسي ٿو:-

احمد، الله، لطيف، هڪو ڄاڻج هوت

شاعر جو ويدانتي نظريو سندس شعر مان ظاهر آهي. هو هر جاءِ پرينءَ کي پسي ٿو:-

هو هر جا هڪڙو، جـاڏي ۽ تاڏي

جيو اوديا سبب ڏٺيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاهر ڳنڪي رهيو آهي. شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:-

تنهنجو تو ۾ پرين، ٻاهر ڪين نهار

خواج محمد زمان صاحب به سڀ ۾ سائين جـي صورت پسي ٿو:-

سڀ ٻچر ٻري جي، سڀ هوت حضور

ارڙهين صديءَ جو درويش فقير روحل ٻنهنجي دور جو اعليٰ شاعر هو هن صاحب سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪلام چيو آهي. سنڌي ڪان وڌيڪ هنجو هندي ڪاويه ملي ٿو جنهن ۾ نبج ويدانت جا ويچار سمايل آهن. ٿي سگهي ٿو ته هن صاحب سنڌيءَ ۾ ڪافي شعر چيو هجي مگر لـکت روپ سندس ٿورا بيت ملن ٿا. هي صاحب به هڪ برهم جي ستا ۾ وشواس رکي ٿو.

رب مڙيوئي هڪڙو تنهن ۾ ڦند نه ڦير

شنڪر آچاريه موجب جڳت مٿيا آهي. ساڳيو خيال روحل فقير پيش ڪندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو:

ڇڏي جو ٿو جڳت وڃي روحل رنگيج رنگ ۾

سنڌ جو سونهارو صوفي شاعر سچل سرمست پنهنجي دور جـو اعليٰ شاعر هو، درويش هو، روحانـي رهبر هو. سندس

اهميت وارو آهي. اُن ۾ نهج ويدانت جا ويچار ملن ٿا. فقير غلام علي ويدانت سوتر "تت توم اسي" جو خيال پيش ڪندي سالڪ کي صلاح ڏني ٿو :-

ٻه خبرهي ڏسج پاڻ ۾، آهي ڪونه ٻيو،
تون ڳولهين ٿو جنهن کي ساڳيو آهين سو.

جنهن مالڪ جي تون جستجو ڪرين ٿو سو تون خود پاڻ آهين اها ڳالهه سمجهه، انهيءَ ڪر ته توکان سواءِ ٻيو ڪي ڪين آهي.

صادق فقير سالڪ کي سمجهائيندي چوي ٿو ته سڀن ۾ هڪ مالڪ موجود آهي.

سو سڀوئي سبحان، جو تو چت نه ڄاتو

فقير دريا خان پٽ روحل سائين جو فرزند هو. هن به والد وانگر سنڌي ۽ هندي ڀاشائن ۾ ڪاويه رچنا ڪئي. سندس هندي ڪاويه مان ويدانت فيلسوفيءَ جي جهلڪ ملي ٿي. سندس سنڌي بيت تمام ٿورا آهن. اُنهن مان به ويدانتي ويچارن جو عڪس ملي ٿو :-

درياخان پر جهان پاڻ ۾ ته آهه هڪوئي هڪ

شاعر درياخان به چوڌاري هڪ برهم پسي ٿو. شنڪراچاريه جي مت موجب مايا جيو ۽ برهم جي وچ ۾ رنڊڪ آهي ۽ صوفين جي ويدانت موجب ڌڻي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ شيطان رنڊڪ آهي. درياخان پنهنجي بيت ۾ شيطان جو نه، پر مايا جو ذڪر ڪري ٿو.

ڏسي الکه اکين سان، ٿيا سدا خوشحال
ڪايا مايا ڪل جو ڇڏيائون سڀ خيال.

ڀاڱيءَ جو روپ آهي. سچل سرمست ٻـــيءَ ساڳيو خيال پـــيش ڪندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو:-

قطرو ڀاڻ نہ ڀانئيج عاشق! سارو ئي تون بحر سڏاءِ،
ٻئي جهان هڪو ڪر ڄاڻين جلوو تنهنجو جـاءِ بجاءِ،
سچو آهين سر سبحاني، ظاهر جو تـون نـــانءُ وڃاءِ.

بحر پرماتما جو ۽ قطرو جيو آتما جو پرتيڪ آهي. ويدانت جا ويچار سچل سائين سليس نموني سمجهايا آهن. جيو بـــرهم مان ئي پيدا ٿيو آهي ۽ وري اُن ۾ ئي لين ٿي وڃي ٿو. سچل سائين چوي ٿو:-

بحر اُتان جا لهر اُڀي ٿي، موٽي ٿيـــو مهراڻ
سچل سائين خود شناس ٿي ويدانت جي واڻي ٻولي ٿو:-
سچو سو سبحان پـــر آدمين ليکي آدمي

فقير روحل سائين جي پرمپرا جو شاعر مراد فقير بہ نہ صرف ويدانت جي ويچار ڌارا کان متاثر آهي پر ويدانت جي شبداولي بہ استعمال ڪئي اٿس. فقير مراد استعارن ذريعي روحاني رمزون سليندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو:-

چاڪي **چت** مراد ڪر گهاڻو من گهمـاءِ،
ساري **سرت نرت** جا ڏينهڪ ڏاند وهاءِ
تہ تاري کڍ تن مون، سرهہ صاف پيڙاءِ،
تهان پوءِ تون لاءِ، لـڳين تيل لقاءَ جو.

مـــراد فقير پڻ پنهنجي مرشد روحل فقير جيان سڀ ۾ هڪ مالڪ جو مشاهدو ماڻي ٿو:-

ڀت ڀت وائي هيڪڙي، سڀ راڻو ئي راڻـو

شاعر غلام علي سائين روحل جو فرزند هو. هـــن صاحب سنڌي ۽ هندي ٻولين ۾ شعر چيو. سندس هندي ڪاويہ وڏيڪ

محمد مالاڻي بہ ساڳيو خيال پيش ڪندي چوي ٿو تہ جيئن پاڻي بحر ۽ نهر، اڀيا ڪنهن ڦانءِ ۾ ساڳيو آهي تيئن ڏٺي بہ جدا جدا روپن ۾ موجود آهي.

حقيقت پاڻي صورت مڙئي ڦانءِ،
نکر ڦانءُ وکرو نہ پاڻي پيو،
سوئي بحر اڀ ۾، آب سوئي،
سوئي ڪنگر اڀ ۾ ۽ ٻاري ۾ سو،
سيت رنگت وکر و سيت حسن ڏار
ڪٿي گل ڪٿي ڦل ڪٿي واس بوءِ.

شاعر گل سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ جيڪڏهن توهان ڏٺيءَ سان ملڻ چاهين ٿو تہ سڀ ۾ هڪ ڏس، هڪ ڏٺيءَ جو ئي ذڪر ڪر.

جي پائين تہ وحدت ۾ ٿيان محو گل،
تہ هڪ ڏس ۽ ڏس پيوم چؤهيءُ هؤ.

فقير قادر بخش بيدل (١٨١٢ ع) ۾ پنهنجي دور جو اعلي صوفي شاعر ۽ درويش هو. هن صاحب جي ڪلام ۾ ويدانت سوتر "تت توم اسي" جي جهلڪ ملي ٿي.

پاڻ پنهون تون آهين، ڪيڇ وڃين ڇو ڪاهين،
بيدل بندو ناهہ تون هرگز، ڇو ٿو ڪوڙ ڪمائين.

مذهب جي روايت موجب انسان بندو آهي پر بيدل سائين پاڻ کي الله سان ٺ ۾ هيڪي نٿو. هو حقيقت شناس ٿي سچ آکي ٿو. اِهو ويدانت جو اثر آهي. هڪ ٻئي بيت ۾ بيدل سائين چوي ٿو :—

آهين تون مالڪ ملڪ جو تنهن ۾ نہ ڄاڻيج عبر تون.

دریاخان دلبر سان، سدا رهن نهال،
ڌرم راءِ ڪال، ڏورون تو ڏنبوت ڪري.

سچا ساڌڪ ڪايا مايا ڪل جو تياڳ ڪري آتم ساڪياتڪار ڪري ارٿات برهم جو درشن ڪري آتمڪ آنند ۾ استت رهن. ڌرمراج ۽ ڪال ٻئي اهڙن آتم گيانين کي پريانين پرڻام ڪري ٿو.

برهم نراڪار آهي. هو ساڪار ٿي جڳت ۾ آيو آهي. جدا جدا روپن ۾ پاڻ وياپڪ آهي. فقير نانڪ يوسف اهو خيال پنهنجي ڪافيءَ ۾ پيش ڪندي چوي ٿو :-

اسين حيرت هن ۾ آهيون، ٻي رنگي سڀڪ رنگ لايو
تو پنهنجو پاڻ ڇپائي، سو نالا نانءَ ڌرائي،
منجهه ويس وير پائي، سير ڪرڻ لئه آيو.

فقير غلام حيدر "تيرهو" سنه ۱۸۱۰ع ڌاري تولد ٿيو. هي صاحب به پنهنجي بيت ۾ ويدانت جي فيلسوفي سليس نموني سمجهائيندي چوي ٿو ته برهم اسان جي اکين کان به اسان کي ويجهو آهي. ۽ سڀ ۾ وياپڪ آهي سواس سواس ۾ ساڻ آهي.

اوڏو آهي اکين کان، ناهي پاڻ پري،
حاضر هر ڪنهن دم ۾، ڏس دل تي ڌيان ڌري،
جهڙو منجهه ڌري، تهڙو سڀ سماءِ ۾.

ويدانت جي فيلسوفي پراچين آهي، تصوف گهڻو پوءِ وجود ۾ آيو. انڪري صوفين جي "وحدت الوجود" جو خيال ويدانت جو فيلسوفو آهي انهن ڪٿي چئجي ته ويدانت سوتر "سروي کلوادم برهم" ارٿات سڀ ۾ برهم وياپڪ آهي. موزون سنڌي شاعريءَ ۾ خاص اهميت رکندڙ شاعر خليفو گل

سائين حسن بخش به سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته ٻيڪي تون سواس ڪڍي ٿو اِها اُن جي هستي آهه. اُهو ڏاڍي تنهنجي اندر ۾ ئي موجود آهي. پاڻ کي پڇاڻ ته توکي اندر ۾ ئي آتمڪ جوتيءَ جو دوبه ديدار ٿيندو.

سڄڻ ساهه پساهه ۾ دلبر ناهي دور،
ووڙي ڏس وجود ۾ لرمل سندو نور،
حسن بخش حضور، مري جيءَ ته ماڻين.

سائين بيڪس (١٨٥٩) به پاڻ وڃائڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. خودي يا آپي کي ختم ڪرڻ کان پوءِ ئي پنهنجي ساڪي روپ جو پاس ٿيندو. اِهو ويدانت جو ويچار آهي.

پاڻ نه ڪڍج پاڻ سان پاڻ سڃاڻج پاڻ،
آ ساجن توهي ساڻ، تون ڳولهين ٻئي طرف.

برهم کان سواءِ جيو جي ڪا هستي ڪين آهي. اُهو برهم اسانجي اندر ۾ ئي آهي. ويدانت جو اِهو ويچار پيش ڪندي سائين بيڪس آکي ٿو:-

ساهئون ويجهو سپرين، پرين ناهه پري،
جنهن ريءَ ڪيم سري، ساعت هڪڙي ساهه کي.

شاعر حاجي امام بخش "خادم" (١٨٦١) به ادوئتواد جو سمرٿن ڪندي چوي ٿو:-

هيڏانهن هوڏانهن آهه اِهوئي نر تون نيڻ نهار،
واحد هڪڙو سمجهه صحيح ڪر ناهي دوئي درڪار.

سائين بيدل فقير (١٨٦٥ع) ويدانت جي فيلسوفيءَ کان متاثر نظر اچي ٿو. اسلام جي روايت موجب بندو الله ٿي نٿو سگهي پر بيدل فقير سالڪ کي پاڻ پڇاڻڻ جي تاڪيد ڪندي چوي

ويدانت سوتر ” ايڪو اهم بهو سيام “ جو خيال بہ بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ نظر اچي ٿو :-

عشق جو ڏس اسرار، سڀ صورت ۾ يار سمايو
يا ريگانو ڪاٿ ظهوري، سوين ڪري سينگار
پاڻ پرين ڪثرت ۾ آيو .

بيدل سائين سڀ ۾ سائينءَ جو ديدار ڪري ٿو :—

مڙيوئي محبوب آهہ ، تنهن ۾ ناهہ فرق

شاعر خواجہ غلام فريد (سنہ ١٨٣٨) جدا جدا روپن ۾ هڪ ئي محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو :

هر دل جو ديدار يار منهنجو سهڻو جو سردار يار منهنجو ،
پاڻ ڇپائي راز حقيقي ، پاڻ ڪري اظهار يار منهنجو ،
ڪٿ بلبل ڪٿ گل جي صورت برک ڪٿي خار يار منهنجو

شاعر محمد سليمان (١٨٤٤) پڻ هڪ ڏڻيءَ جو ذڪر ڪندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ هڪ حق جو سبق ياد ڪر .

هيڪڙائيءَ جي حق جو، سبق پڙهہ ساري .

”هيڪڙائيءَ جي حق جو“ ارٿات برهم ست آهہ اهوئي چيتن آهي مرزا قليچ بيگ (١٨٥٣) پنهنجي دور جو اعليٰ شاعر هو . هي صاحب پڻ پنهنجا دارشنڪ ويچار ظاهر ڪندي چوي ٿو تہ ڏڻي هڪ آهي پر اُنجا انيڪ روپ رنگ آهن :-

روشني سج جي هڪ هزارين گهر ، ٿو ڪري اختلاف در ديوان ۾
ٿيو عدم اصل هڪ ڳڻٽ ۾ فقط، پر ٿئي سو شمار ۾ .

هنن مصراعن ۾ ويدانت جو ئي ويچار سمايل آهي . شاعر قدرت جي ڪٽ ڪٽ ۾ هڪ ئي پرينءَ کي پسي ٿو :

واهہ وحدت سندي الاهي آ

ويھي وجود ۾ ڏس، پر تون پاڻ ۾ پس،
آھي اصل اتي ڏس، پيھي پاڻ ۾ وياسين.

درويش سائين قطب شاھ منهنجي مصراعن ۾ پنهنجو آتمڪ انڀو پيش ڪيو آھي.

شاعر احمد بخش جتوئي (١٨٩٢) ادوئيتواد جو سمرٿن ڪندي پاڻ کي آکي ٿو:-

گم گروھ جي گيان ۾ اٿئي پھر غرق،
اسان مڙيوئي اسين ھؤ نہ ڄاڻي فرق،
تھان پوءِ ترڪ، ڪر جتوئي ھي ھو سان.

محمد جمن ھالو (١٩١١ع) ھر چيز ۾ جانب جو جلوو جمال پسي ٿو.

ھرھڪ ۾ آ تنھنجو جلوو، ڪوئي ان ۾ ڪوئي قيد

برھم پرڪاش روپ آھي، سويم پرڪاشي آھي؛ اسان ۾ بہ اُن جوئي نور آھي، خاڪ جو پتلو شرير خاڪ ٿي ويندو؛ آتما روپي پرڪاش برھم روپي پرڪاش سان ملي ھڪ ٿي ويندو. برھم سرو وياپي آھي. شاعر اِھو خيال پيش ڪندي چوي ٿو:-

نور منجھان ئي نور ٿياسون نيٺھن اسانجو نور ئي نور،
خاڪ جو پتلو خاڪ ۾ ويندو، اسين وينداسين ھوت حضور،
آدم اندر اُحد جو جلوو ھر ھنڌ آھي ظاھر ظھور.

شاعر غلام نبي اُداسي (١٩١٤ع) بہ ويدانت جو خيال پنھن جي ڪلام ۾ پيش ڪندي چوي ٿو تہ جدا جدا روپن ۾ مالڪ موجود آھي:-

احد انسان جي صورت اندر اسرار ٿي آيو،
بڻائي روپ بيحد بر سر بازار ٿي آيو،
ڪٿي عابد، ڪٿي عارف ڪٿي ابرار ٿي آيو،

ٿو ته تون پاڻ کي آدم چئو ٿو سڏائين ۽ تون ته خود خدا آهين. بيدل پنهنجي ڪافيءَ ۾ ”تت توم اسي“ جو سنديش سڻايو آهي:-

پنهنجو ڳولهي ڏس تون پاڻ

آدم ڪڏن ڪوٺائين تون - رنگ الهي آهين تون ۽
پاڻ گهمائين، پاڻ گهٽائين - بازي آپ بڻائين تون.

سيد هادي بخش شاهه مسڪين (١٨٧٩ع) درويش دل ۽ شاعر هو. سندس ڪلام جو مجموعو مسڪين نامو شايع ٿيو جنهن ۾ سندس سنڌي ۽ هندي ڪلام گڏ ٿيل آهي. سائين مسڪين صاحب جي ڪلام ۾ ويدانت سوتر ”تت توم اسي“ جي جهلڪ ملي ٿي. شاعر اگيان جي ننڊ ۾ ستل جيون کي جاڳرت ڪندي چوي ٿو:-

آهين تون در درياءِ، جلائي جوش جو جائي ۽
نٿو ڄاڻين نٿو ڄاڻين، آهين تون پاڻ برباري.

فقير مسڪين صاحب هر جيو ۾ ۽ هر هنڌ هڪ ڏٺيءَ جو انڀو ڪندي چوي ٿو:—

هر جاءِ حق موجود ڇا ڪان آءٌ ساهه سڻايان ۽
هم تم تم هم هڪ ٿيوني غير ٿيو نابود.

جيو اگيان اوديا سبب ڏٺيءَ لاءِ ٻاهر ڀٽڪي ٿو مگر مالڪ من جي محلات ۾ موجود آهي. سائين مسڪين صاحب آکي ٿو:—

مسڪين ڳولهج من ۾ سين آهي محب تنهنجي محلات
طالب! تون ٻئي طرف نه تاڻ ۽ پهي پاڻ پروڙج پنهنجو.

سائين قطب شاهه به سالڪ کي ساڳي صلاح ڏيندي چوي ٿو:—

سنڌي شاعريءَ ۾ ويدانت

(شاهه سچل - ساميءَ جي حوالي ۾)

قيمت هري سنگهاڻي ،

جهوليلال ڪرپا گوبند ڀوان، نيو مارڪيٽ ، ڀوپال - ٢٣

مني :

سڀ ڪان اول ان ڳالهه کي خلاصو ڪيو وڃي ته آخر ويدانت آهي ڇا؟ ويد چار آهن. رگ ويد ۾ پرڪرتيءَ پرميشور جي سروپ ۽ انسان جي آچار وچار تي ڳوڙهي ڇنڊ ڇاڻ ۽ وگيان جي وسيلي سنسار جي پدارٿن ۽ اُنهن جي گڻن جي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. يجر ويد ۾ ڪرتار جي قدرت ۽ سندس ڪرامت جي ساراهه اهڙي نموني ڪئي ويئي آهي جو هڪواري ناستڪ به پنهنجن وچارن کي ڦيرائڻ ۾ دير نه ڪري. سام ويد ۾ وري پرميشور جي استتي اتيئنت سندر ۽ منوهر روپ ۾ ڪئي ويئي آهي. اٿر ويد ۾ روز مره جي عام رواجي سنساري ڳالهين جي وياکيا ڪئي ويئي آهي. پروفيسر مئڪسمولر چوي ٿو :— "ساري سنسار جي اتهاس ۾ هندن جا ويد اها جڳهه والارين ٿا جا اڃا ته ڪي به نشا پري سگهن" يوروپ جي فيلسوف گوگالٽ جي چواڻيءَ موجب : "رگ ويد ۾ جن اوچ ۽ پوتر وچارن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪيل آهي تن سان سنسار جو ٻيو ڪو به گرنٿ مقابلو نه ڪري سگهندو." يجر ويد جي وشيه ۾ يوروپ جو مشهور ودوان والٽيئر چوي ٿو :— "انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته آمريڪا ۽ يوروپ کي ڀارت اهڙو ته انمول خزانو ڏنو آهي جنهن جي قرض کان آمريڪا ۽ يوروپ آجا نه ٿي سگهندا."

ڪٿي سرمست ميخاني اندر ميخوار ٿي آيو.

مذڪور سنڌي مسلم شاعرن کان سواءِ ٻيا به ڪي اهڙا سنڌي مسلم شاعر هوندا جي اسلامي روايتن جي اثر جي باوجود تصوف جي اثر هوندي به ويدانت جي ويچار ڌارا کان پرڀاوت هوندا.

اڄ جڏهن ڌرم ۽ مذهب جي نالي فساد ڦٽنا ٿي رهيا آهن! ڪٿي خون جون نديون به وهن ٿيون! اشانتيءَ جي فضا آهي. انسان جي زندگيءَ جو قدر ڪونهي تڏهن ويدانت جي فيلسوفيءَ جي سنسار کي سخت ضرورت آهي. ويدانت انوسار وسديو ڪٽنبڪم سارو وشو اسانجو پريوار آهي. اسين سڀ اُن پريوار جا ڀاتي آهيون، پوءِ وير وروڌ ڇا جو؟ ويدانت جي فيلسوفي وشال درشٽيڪوڻ واري آهي. سڀ ۾ هڪ برهم وياپڪ آهي، اُن کان سواءِ ٻُي ڪنهنجي سٽا ڪانهن آهي. ويدانت ادوئيت واد جو سمرٿن ڪري ٿو. جڏهين سڀ ۾ هڪ برهم آهي ته فرق ڇا جو؟ ويڇا ڇا جا؟ نفرت ڇو؟

ڊاڪٽر ديال آشا

پرنسيپال، چانديءَ ٻائي ڪاليج، سنڌو نگر - ٣

ويدانت جي دائري اندر گهيريا ويا آهن. وقت به وقت وشو جي ڪلياڻ واسطي ڌارمڪ ويچارڪن ۽ رشين منين - آچارين هندو ڌرم جي گرنٿن جي آڌار تي پنهنجون ٽيڪائون پڌي پڌريون ڪيون آهن سو اُنهن ويچارن کي به ويدانت ۾ سمائڻ نا انصافي نه ٿيندي. هونءَ به روحاني گفتا ۽ تجربا ڪنهن هڪ جي ميراث نه ٿيندا آهن. انسان ذات جي خير خواهي چاهيندڙ ڏاها ۽ ڪامل پرک ع الله لوڪ ”**حقيقت ڪل**“ جي کوج ڪندڙ مختلف رستا ڳولهيندا ۽ وانگان ڪندي شاهي راهون روشن ڪري وجهندا آهن. سو اُنهن جو سار به ويدانت جي سيمائن ۾ سوگهو ڪيو ويو آهي. هندن جا مکيه ارڙهن پراڻ به، پارکو نگاهن کان جائزو وٺندي پاسيرا نه ڪيا ويا آهن. انهن ته **پرم تتو** جي نشچت دائري اندر سيمت لفظن ۾ وياکيا ڪرڻ ممڪن ڪونهي. اُنکي انرو چنيه/آکٿ Indescribable ڪري نيتي نيتي روپ ۾ دهرايو ويو آهي پر پوءِ به ويدانت جا ڪي مهاواڪيه هن ريت ڏسيا ويا آهن:-

برهم ستيم ۽ جگن مٿيا ۽ جيو برهميو ناپره،
اهم برهم اسمي ۽ ايم آتما برهم، پرگيانم برهم،
تتوم اسي، سو اهم وغيره وغيره.

ارٿات برهم سچ آهي، جڳت ڪوڙ آهي، جيو آتما ۽ پرم آتما ٻئي هڪ آهن، سڀ ۾ ايش آتما جو واسو هئڻ ناتي تو ۾ ۽ مون ۾ ڪو فرق ڪونهي وغيره برهم ڪائنات جي خلقت کان اڳ جاڻ کان پري اگيات اوستا ۾ نرگڻ - نراڪار ۽ غيب جي حالت ۾ هو پر پوءِ پنهنجي سڃاڻ ڪرائڻ واسطي سرشٽي جوڙيائين يعني شونيه مان وحدت ۽ ان بعد ڪثرت (گهڻائيءَ) ۾ آيو. اهو مايا وي سنسار اهڙو منوهر جوڙيائين جو منشيه ان مايا وي منڊ ۾ موهت ٿي ان فنا کي بقا سمجهي. اُن ۾ ڦاسي

اُپنشد : ويدن جو نچوڙ اُپنشدن ۾ پيل آهي. جيڪي ڳڻپ ۾ اٽڪل ١٠٨ آهن پر مکيه طور مشهور ٻارهان آهن. اُپنشدن تي ٽيڪا ڪندي **پروفيسر گولڊ اسٽڪر** لکي ٿو :- "دنيا ۾ اهڙو ڪو به گيان ٻچيال نه آهي جو اُپنشدن ۾ نه هجي." **پروفيسر ڊيوسن** موجب — "اُپنشد دنيا جي هر انسان لاءِ هڪ عجيب خزانو آهي." جرمنيءَ جو فيلسوف شوپنهيئر اُپنشدن جي ساراهه ڪندي لکي ٿو - "ساري سنسار ۾ سواءِ اُپنشدن جي ٻيو ڪو به گرنٿ نه آهي جنهن مونکي اهڙو آتم-آنند ڏنو. اُهي ئي منهنجي زندگيءَ جو آنند آهن ۽ منهنجي موت جو پڻ آنند ڏيندا."

سمرتيون :- هنن ۾ هندن جي ريتن رسمن، پنگتيءَ ۽ راڄنيتي هلت ۽ سنساري جيون سان لاڳاپيل ڳالهين تي تمام باريڪيءَ سان ويچار اظهاريل آهي. مکيه طور چار سمرتيون مشهور آهن. جيڪي آهن :- (١) **منو سمرتي** (٢) ياڳوالڪيه سمرتي (٣) پاراشر سمرتي ۽ (٤) ديول سمرتي. جيئن ويدن جي رچنا سنڌوءَ جي ڪناري تي ٿي اهڙيءَ طرح ديول سمرتي جو رچيتا ديول رشي پڻ سنڌ جو نواسي هو.

درشن شاستر :- مکيه ڇهه درشن شاستر مڃيا ويا آهن جي آهن :-

(١) گوتم رشيءَ جو **نياءِ شاستر**، (٢) ڪڻاد منيءَ جو **ويشيشڪ** شاستر، (٣) ڪپل ديو جو **سانکيه شاستر**، (٤) پاتنجليءَ جو **يوگ شاستر**، (٥) جئمنيءَ جو **پورو ميمانسا** ۽ (٦) ويد وياس جو **اُتر ميمانسا**.

رواجي طور اُپنشدن جو گيان ئي ويدانت مڃيو ويو آهي پر پوءِ به اُپنشدن جي آڌار تي اُسريل سمرتيون، درشن شاستر به

وانگا کيا ويـا آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ اهـو ويدانتي سچ، ڏاڍي سهڻي ۽ سليس نمونـي ۾ سايو ويو آهي.

سچل سرمست چوي ٿو:—

پاڻ وڃائي پـاڻ، گولهي لهج پاڻکي،
پاڻ منجهان ئي پاڻکي، پوندي ڄاڻ سڄاڻ.

يـا

پهرين وڃائڻ پاڻ، پوءِ پسڻ پرينءَ کي.

پـاڻکي برهم کـان جدا مڃڻ ئي انسان کي حق کان ڌار کري ڀرم ۾ ڦاسائي وجهي ٿو.

عالم "آئون" ساڻ، ڀريو ٿو ڀيـر کري
"پاڻ" نه آهي ڄاڻ، مانديءَ منجهه پکيڙيـو

ويدانت ۽ تصوف مطابق واحد خالق ئي خلقت کـي خلقيو آهي.

يعني: وحدتان کثرت ٿـي، کثرت وحدت کل
حق حقيقـي هيڪڙو بولي ٻـي م ڀـل
(شاهه)

قدرتي نيم انوسار کثرت (گهڻائي) واپس اُن ۾ ئي سمائجي ٿي جنهن وحدت جي واديءَ مان آئي هئي. جڏهن ڀـنهنجي الڳ هستي آهي ئي ڪانه، ته پوءِ الڳ نجپڻي جو ڀيد ڇو؟ سامونڊي پاڻيءَ جو ڦڪر ٻاڦ بڻجي مٿي وڃي بادل بڻيو ۽ برسات جي روپ ۾ واپس زمين تي اچي ساڳئي سمنڊ ۾ اچي. سمايو ـ ڇي:

"بحر اُتان جا لهر اُڀي ٿي، موٽـي ٿيو مهراڻ"
(سچل)

چوراسيءَ جي چڪر ۾ جڪڙجي ويو. اوديا ۽ اگيان ڪارڻ هو برهم کي پاڻکان جدا جاڻي اڀيد جي اوستا مان ڀيد جي اوستا ۾ پهچي ويو. ابناسي آتما بجاءِ ناشوان ديهي کي ئي آتما سمجهي اُنجي موهه ۾ جڪڙجي ويو ۽ ان دوئيت ناتي ”برهم ۽ جيو آتما“ ”تون ۽ مان“ ۾ فرق اچي ويو. ان ڀيائيءَ جي ڀاونا ئي ”اهم“ ارٿات خوديءَ کي جنم ڏنو. بس گراوٽ شروع ٿي ويئي. جيئن **ڪينو اُپنشد** جي اڏيايه. ٽئين جي شلوڪ ا کان ١٢ تائين* سلوڪن انوسار جڏهن ديو - دانو سنگرام ۾ ديوتائن دئتن تي وجئه پاتي ته هرڪو فتح جو سهرو پاڻ مٿان سينگارڻ لڳو ۽ هرڪو ڦونڊ ۾ ڀرجي ويو. اُنهنجو اهم مارڻ خاطر برهما هڪ کيل جو نرماڻ ڪيو يکش جي روپ ۾ اڳيان آيو. جڏهن اگني ديوتا هام ڀڃي هنئي ته مان جنهنکي چاهيان پل ۾ ساڙي ڀسم بڻائـي وجهندس. يکش هڪ ڪک اڳيان رکيو ۽ هنکي چيائين هنکي ڀسم بڻائـي ڏيکار ۽ هنجا مڙيئي حيلا ناڪام ويا. ان بعد وايو ديوتا جو وارو آيو جڏهن اهو پيئي دم ڀريو ته ڪک کڙي وٽ آهي ۽ مان ته طوفان آڻي پرلئه آڻي سگهان ٿو. سو هنجو به هٿ هيٺ ٿيو ڪک کي اڏائي ته ڇا پر ترماتر چوري به نه سگهيو. مطلب ته جڏهن برهما جي شڪتي هنجي پوئتان هئي ته هو سڀ ڪجهه هئا پر جڏهن برهما پنهنجو پل واپس ڪسيو هو شونيه ٿي ويا.

جڏهن پراڻيءَ جو پراڻ هڪ پل لاءِ به هنجي وس ۾ ڪونهي ته پوءِ اهم ڇا جو؟

سو ان خوديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ **پاڻ** سڃاڻڻ ضروري آهي. اهو پاڻ ڪيئن سڃاڻي سگهبو تنهن لاءِ ويدانت ۾ اهم برهم اسمي تتو مسي“ جي سڌانت جي سهاري سان واڌ - وسيلا

---

*ब्रह्म ह देवेभ्यो....किमेतद् यक्षमिति (श्लोक 1 से 12 खण्ड 3 केनोपनिषिद)

پنهو ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا"
(شاهه)

جيستائين مون ۾ سسئي ۽ پنهونءَ جو الڳ وجود هو، تيستائين ڏونگر ڏوراڻا پيم، ڪيچين کي مهڻا ڏنم ۽ سور سختيون سٺم. جڏهن پنهنجي سسئيءَ جي هستي غائب ڪيم تڏهن سسئي ۽ پنهون ۾ ڪو فرق نه ڄاتم. چي :-

پنهون پنهون ٿي ڪيان، پنهون ٿيس پاڻ،
اديون هيس اڄاڻ، جو ڪو نه پروڙيم پاڻ کي.

سو خود شناسي ئي سڀني ڏکن - تڪليفن کي دور ڪرڻ جو تدارڪ ثابت ٿيو. مومل کي به جيستائين پنهنجي الڳ هستيءَ جو گمان هو ته راڻي جي تلاش ۾ ڏکي پئي گذاريائين. جڏهن حق جي هيڪڙائي حاصل ڪيائين ته خوشيءَ جو ڪو ٺڪاڻو نه رهيس چي :

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ ڇو ڏس ڇناڻو!
مونجهس ڪاڪ ڪڪوري، مونجهس لڌاڻو
راڻو ۽ راڻو، رءِ راڻي ٻيو ناهه ڪو!!
(شاهه)

سامي به چوي ٿو :

پرچي لڌو جن پنهنجو - انيڪ گهر اصلي
سڪي ٿيا سامي چئي - مٽي ڪلپ ڪلي
سهتا جي صدلي پائي وينا پد ۾ (سلوڪ ۸۷۴)

اهو ويدانت سنڌي شاعريءَ اندر ڪيتري قدر، ڪهڙي نموني ۽ ڪهڙي نالي سان اُڀري بيٺو آهي اُنجو مختصر جائزو ورتو وڃي ٿو. اِن کي ٻه رايا ڪونهن ته هندو سناتن ڌرم سڀ

جڏهن صوفي درويش منصور هلاج جا ٻه هٿ ڪپيائون تڏهن هن نه ڪا شڪايت ڪئي ۽ نه ئي ڪو منهن ۾ گهنجه آندائين "عاشق زهر پياڪ وهه پسي وهسن گهڻو" (شاهه) ٻه پير وڍيائونس ته ٻه ساڳيو سرهو، چيو ته "سوري آهه سينگار، اڳهين عاشق جو" (شاهه) ماڻهن پٿر ٻـئي هڻيس ٻـر هي درويش شانت — "سور سينگاري اصل عاشقن کي" (شاهه). ٻـر جڏهن مريد شبليءَ ڏانهس هڪ ننڍڙو پٿر اُڇليو ته ارمان ٿيس ته جن ٻين ڏانهس پٿر اُڇليا اُنهنکي حقيقي حق جي ڄاڻ ڪونه هئي پر شبلي ٻه هنن جهان اڻڄاڻ ثابت ٿيو ۽ پاڻ تي افسوس ٿيس ته هو پنهنجي مريد جي اڳيان جو پڙدو لاهڻ ۾ پوريءَ طرح ڪامياب نه ويو ۽ هنجي سکيا اَڌوري رهي.

شاهه عبداللطيف ٻه سسئي کي سجاڳ ڪندي چيو:

"جو تون ڏورئين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تـو"

×

"هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوه پيئي؟"
(شاهه)

"سوئي ڪڍيو ساڻ، سوئي ڏورئـين سسئي!"
(شاهه)

تنهنڪري: "وڃين ڇو وڻڪار، هت نه ڳولين هوت کي
لکو ڪين لطيف چئي، ٻارو ڇو ٻيءَ پـار
ٿي سٽي، ٻڌ سنڌرو، پريت پنهونءَ سين پاڙ
نائين نمڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جـو"
(شاهه)

محض اندر اوڙو آهي:

"پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهـاڻ
ته نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نکا ڪيچن ڪاڻ

جاڏي پورب پڇ - تاڏي آئون نہ وڃو
هيءَ هدن جو هند مهنجو هند هنگلاج ۾.

هر فرقي پنهن جي پيدائش واڌ ۽ وڪاس واسطي ويدانت سان ڪي مفيد گهيون سهيڙيون پر مذهبي ڪٽرتا، پادرين ۽ ملا مولوين جي جدون، ويڇا ۽ ونجوڻ پيدا ڪري هڪ ٻئي لاءِ نفرت جو نانگ ڪڙو ڪري وڌو، جنهڪري هڪ وشواس ڪي مڃيندڙ پنهنجي ٻل ٻڌيءَ سان ٻين تي حاوي پنهنجي زور ظلم ڪرڻ لڳا. هڪ انسان جو ٻئي انسان تي اڻٽڪ ظلم سڌمعه درويشن جي من کي دکي ڪرڻ لڳو.

سورهينءَ صدي ڌاري جڏهن هندن ۾ اسلام جي پوئلڳن هندن تي بيپناهہ ظلم ڪيا تہ خود اسلام کي مڃيندڙ درويش اسلام جي شريعت خلاف آواز اُٿاريو چي - اسلام جي برپا ڪندڙ حضرت محمد، سماج ۾ سک، شانتي صلاح استاپت ڪرڻ لاءِ رڳائنتي پاڪ زندگي گهارڻ لاءِ جيڪي شريعت جا نيم نشچت ڪيا هئا اُنهنجو اُلٽو اُپيوگ ڪيو ويو. ڪٽر ملا مولوين جي ڌرم انڌتا ڪارڻ قران شريف جي ظاهري لفظن کي ڳنڍي ٻڌي، الله لوڪن جي روحاني حقيقت خلاف ڪفر جون فتوائون جاري ڪري انهن ڪامل پرکن کي انيڪ قسمن جي مانسڪ ۽ شاريرڪ عذابن سان تنگ ڪيو ويو ڪيترن کي شهيدي جامو پهرايو ويو، رومي، عطار، منصور هلاج وغيره انجا مثال آهن.

بقول آصف خان جي - ”هر عالم توڙي اديب پنهنجي دور جو ترجمان هوندو آهي. جڏهن ڪنهن سماج ۾ انساني رت بي رحميءَ سان وهايو ويندو آهي. تڏهن منشيہ جي خير خواهيءَ خاطر اديب قلم جي پناهہ وٺندو آهي. تاتارين ۽ تيمور جي تعصبي سنگدلي ۽ قومن جون قومون ۽ انيڪ بادشاهتون تباهہ ڪري وڌيون، بغداد برباد ٿي ويو. پنجاهہ سٺ لک موت

کان آڳاٽو آهي. اسلام ۽ عيسائي مت پوءِ جي پيدائش آهن
جيڪي ڀارت ۾ ويدانت جا سڌانت سهيڙي ناميارا ٿيا آهن.
اسلامڪ عربڪ ڊگري ڪاليج ڪرنول آنڌرا پرديش ڀارت جو
پرنسپال پروفيسر سعيد فقير پاشا قادري پنهنجي

Critical Survey of Sufism its Origin and Expansion
" Muslim Sufis unfolded the basic truth : لکيو ته
in Hindu Books which are common to all religions. They have identified the concept of Ishwar in Geeta which is exactly the concept of Allah in Islam. The Muslim Sufis of 12th Century. Shaikh Mohinuddin Ibn Arabi writes - 'Do not look at Allah as anything apart from his creation and do not look at creation as anything apart from Allah. "

اهو ئي ته اوائلي ويدانت جو ادوئيت آهي جنهن لاءِ شاهه عبداللطيف ۽ سچل سرمست ڪئي ڪيڏو نه صدق هو. شاهه چويٿو:

لنگهه ڪيڏيائون لانگهه، مونئي ڪن نه مسڪو
جا اسلامان اڳي هئي، سا سڻائون ٻانگ *
ساميءَ ڇڏي سانگ، ڳڌيا گورکناٿ کي
(سر رامڪلي)

×

سنڌ جي ٻرپان هنگلاج تيرٿ آهي جتي هندن جي آدي شڪتي ديويءَ جو مندر آهي ان لاءِ سچل سرمست جي شردا صدق هن ريت پڙهڻ لاءِ مليو آهي:

* جو اسلام کان اڳ ۾ هو اهو ئي ويدانت جو ٻڌن سڻايو.

تہ رب مڙني ۾ ھڪڙو - جنھن ۾ ڦند نہ ڦير

سا ڪاڏي ڪندي پير - جا سڀني ڪعبي الله ۾ .

فرقيپرست جذون ڪي ختم ڪرڻ لاءِ ھندو مسلم سنت - درويشن ويدانت جو ئي سھارو ورتو پوءِ چاھي ڪن اُنکي تصوف جو نالو ڏنو . ويدانت جي پوئواري ڪندڙ ھندو ڌرم ، وشو ڌرم رھيو آھي ڇو جو ھن ڪل ڪائنات جي خير خواھيءَ جي ئي پڌي ڪامنا ڪئي آھي .

सर्वे भवन्तु सुखन: ....

ھن ڪڏھن بہ وستار وادي نظريو نہ اپنايو آھي .

صوفي سنتن - درويشن جون درگاھون ھندو مسلم ٻنھي لاءِ ساڳي مناسبت پڌي رکنديون آيون آھن . ھر ڪو ساڳي عزت احترام وچان اُنھن اوليائن جي مزارن تي سجدو ڪندو آيو آھي . پوءِ چاھي اجمير واري حضرت غريب نواز جي درگاھہ ھجي خواھہ دھليءَ جي حضرت محبوب الاھي جي درگاھہ ھجي . حضرت خواجا بندا نواز گلبرگ خواھہ حضرت قادر ولي ناگور جي درگاھہ ھجي . سنڌ جي ڀلاري ڀٽ ڌڻي شاھہ لطيف جي مزار ھجي خواھہ درازن ۾ سچل جي مزار يا بلاول جي مزار . سيئي دعاگو درن تي ھندو بہ سڪ شرڌا وچان سر جھڪائي ٿو . ھونءَ بہ ويدانت انوسار ھندو - مومن ٻنھي ۾ ان ئي محبوب جو الاھي نور نمايان آھي .

ساري جڳتر جو چرخو ھنجي ئي چوري چري ٿو . انسان جي اکين جي ڇا مجال جو ھن الاھي نور ڪانسواءِ ڏسي ڏيکارين! ڪيني اُپنشد انوسار * انسان جي اکين کي ڏسڻ جي توفيض

---

* यच्चक्षुषा न पश्यति येन चक्षू ×षि पश्यति । तदेव ब्रह्म त्वं विद्धि नेदं यदिदमुपासते ।। -के. उ श्लोक-6 प्रथम खण्ड,

جي گهاٽ لاٿا ويا. خراسان کان شام تائين ماڻهن سانت ڇانڊجي ويئي. چؤ طرف ڌاڙيلن پنهنجو قبضو ڪري ورتو. ان بعد سچل جي دؤر اندر ٻي سنڌ جي سرزمين تي خوني درياهه وهايو ويو. * سنڌ جي بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهي هنجو انت آندو ويو ۽ شاهه عنايت کي ۱۸ جنوري ۱۷۱۸ع تي شهيد ڪيو ويو. مطلب ته زور ظلم جي تاري ٿي ويئي.

انيڪ سنتن درويشن ۽ ڀڳتن فرقيپرست جنون خلاف قلم کي جنبش ۾ آندو. هندي ساهتيه جو ڀڳتي ڪال اُنجو زنده مثال آهي. ڪبير (۱۳۹۹-۱۵۱۸) ۽ سورداس (۱۴۸۳-۱۵۷۳)، ميران (۱۴۹۹-۱۵۴۷) ۽ تلسيداس (۱۵۵۲-۱۶۲۳)، تڪارام (۱۶۰۸-۱۶۴۹) سمرٿ رامداس (۱۶۰۸-۱۶۸۱)، شاهه لطيف (۱۶۸۹-۱۷۵۲) ۽ سچل (۱۷۳۹-۱۸۲۹)، سامي (۱۷۴۳-۱۸۵۰)، روحل (۱۷۵۴-۱۸۰۴).

هندو مسلم ايڪتا سنڌو شعر رچيو. مسلم شاعرن هندو ديوي ديوتائن ۽ ڪرشن جي مرليءَ جو مڌر آواز آلاپيو. سنڌ ۾ شاهه لطيف سر رامڪلي، سر ڪاهوڙي ۽ سر مومل راڻو ۾ هندو جوڳين جي ثنا ۾ سوين بيت ۽ ڪلام چئي پاڻ کي هڪ هندو رشيءَ جيان ثابت ڪيو. سچل به "سر جوڳ" ۾ هندو جوڳين کي ساراهي ويدانت کي وائکو ڪيو. چي —

"پوڄاري جي پار کو – مهاديو تن من"

يا

"پورب سندا ء پير سي لاهوتي لڏي ويا."

مسلم درويش روحل به چيو :-

ڪفر ۽ اسلام ۾ ء ٿا پرين اُڀتا پير

هڪ هندو ٻيو مسلمان، ٻنهي وچ وڌائون وير

انڌن اوندهه نه لهي – تنکي سڄ چوندو ڪير

ته روحل راهه پرين ۾ – جان گهڙي ڏنوسين گهير

وید لکائن وانگ - آتم پد اپار جي

×

وید ڪئي واد - جيئون ڪانگ سروپ جي

×

ویدن جا مهاواڪيه - سڀ لکائن سمتا

×

ویدانتي سڀ واڪيه - ڀولن بيحد ڀوڳ جا

وغيره وغيره

اهڙيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته سنڌي شاعريءَ اندر ويدانت تمام سهڻي نموني سليو ويو آهي. ۽ **صوفي مت هو بهو ويدانت جي ڪاپي آهي**. پاتنجليءَ جي يوگ **شاستر** مطابق جيڪڏهن ڪو جگياسو يوگ ابياس / ڌيان ۾ ٻاهرين گوڙ - شور يا ٻئي ڪنهن باجي يا گاني بجاني ڪارڻ من جي ايڪاگرتا کوهي وهي ٿو ته اها هن جي ڪمزوري / ڪچائي آهي. اسلام جي شريعت مسجد اڳيان ٻئي ڪنهن باجي جي خلافت ڪري ٿي پر صوفي درويش ويدانت جيان چوڻڪي، سماع - سنگيت جا شائق آهن. شاهه لطيف جو رسالو سرن سان سر تار آهي. ٻيجل - راءِ ڏياچ واري سر سورٺ ۾ ته سنگيت مٿان سر جو سودو ٿيو آهي. سچل سرمست به سنگيت - سماع جي سرمستيءَ سان سرشار ٿي هٿ ۾ تنبورو کڻي مستيءَ ۾ ڳائيندو ۽ جهومندو ۽ وتندو هو. وشنو ڀڳوان به نارد منيءَ کي چيو ٿو:

ना श्रहं वसामि वैकुण्ठे योगिनाम हृदये न च
मदभक्ता यत्र गायन्ति तत्र तिष्ठामि नारद

ارٿات مان نه ويڪنٺ ۾ وسان ٿو ۽ نه ئي يوگين جي هردي ۾ بلڪ جتي سنگيت جا شائق ڀڳت ڀڄن ڪرتن

ڪنهن ٻيءَ چيتن اڪين ڪارڻ ئي ملي آهي ۽ مري وڃڻ بعد پلا انسان جون اکيون ڪجھ ڏسي ته ڏيکارين! مطلب ته اکين ۾ ڏسڻ جي توفيق ايشوري تتو جي حڪمراني ڪارڻ آهي ساڳيو سچ سامي هنن لفظن ۾ مليو آهي :-

اکين منجھ اکيون ۽ تنهن ۾ اکيو ن انهنئي

(سامي)

انساني اکين پٺيان انهنءَ پرڪ جون اکيون آهن ۔

شاهه ۽ سچل - سامي جي نموتي ويدانت سندو انمول خزانو سندي سماج کي نذر ڪيو آهي ۔ شاهه واتان اظهاريل سندي پريم لوڪ ڪهاڻيون عشق جسمانيءَ مان اُڀري ۽ عشق حقيقيءَ ڏي اُسرندي ويدانت جو ن تمثيلون بڻجي پيون آهن ۔

سچل انهن ڪهاڻين کان سواءِ ويدانتي - لاڪوفي - صوفي ويچار وڏي واڪي پڌري پٽ انقلابي آواز ۾ اُچاريا آهن. ساميءَ جو ويدانتي ذخيرو پنج هزارن سلوڪن تائين وسيع آهي ۔ هن ويدانت جي اُها گيان گنگا وهائي آهي جو سالڪ اُن ۾ ترڳي نت نوان ملهائتا موتي پيو پائي ۔ پاڻ ئي ته سامي چيو آهي - " ويدن جي واڻي سنڌيءَ ۾ سڻايان ۔ " لڳيتو هن ويدڪ ڌرم جي چئني ويدن ۽ ڇهن درشن شاسترن ۽ ارڙهن پراڻن جو اڀياس ڪيو آهي ۔ چوي ٿو :

"ڇهه ، اٺارهه ، چار ڳالهه چون ٿا هڪڙي"

ويدڪ ڌرم وشو ڌرم هي ساکشي ڏنيئو :

ويد پراڻ قران ڪوي - سڀني ۾ هڪ سوت

×

ويد چون هڪ واڪيه - سمتا سڪ ساکيات جو

×

(الف) **ايڪو برهم** : رگ وید ۾ هڪ ايشور واد جو اظهار ٿيل آهي :

'पुरुष एवेदं सर्वम् जगत' (ऋ. वेद म. 10, अ-7 सु-10-2)

برهم هڪ آهي ٻيو ڪجهه به ناهي، ورهدارڻيڪ اپنشد ۾ ملي ٿي :

'एक मेव सत् नेह नानास्ति किंचन' (वृहदारण्येकोपनिषद् 4,4,19)

سنڌي شاعريءَ ۾ پڻ هڪ ايشور واد جو ذڪر مليٿو. سنڌي شاعريءَ جو شروعاتي آغاز سورهين صديءَ ڌاري قاضي قادن (١٤٦٢-١٥٥١) کان ٿيو. هو ايڪو برهم ۾ وشواس رکي ٿو. هر هنڌ هو هن ئي هڪ سروپ کي پسي ٿو:-

"لا" لاهيندي ڪن کي - "لا" مورهين ناهه
بلا ريڌ پريان، ڪٿ نه ڏسي ڪو ٻيو.

(قاضي قادن تذڪره لطفي ص ١٢٧)

شاهه عبدالڪريم بلڙي (١٥٣٧ - ١٦٢٧) واري به وڏي واکي پڌرو ڪيو :

تون چئه الله هيڪڙو - واڻي ٻي نه سڪ
سچو اکر من ۾ ، سوئي لکيو لک.

(شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو تذڪره لطفي ص ١٩٦)

ڪٺو اپنشد ۾ به ملي ٿو ته برهم جدا جدا روپن ۾ سڀني ۾ هڪ ئي آتما جي صورت ۾ سمايل آهي :

'एकस्तथा सर्वभूतानान्तरात्मा रूपं प्रति रूपो बहुश्च' (कठोपनिषद-2-2-9)

اهڙو ئي نظريو ورهدارڻيڪ ماندوڪيه اپنشدن ۽ پاتنجليءَ يوگ شاستر ۾ ڏسجي ٿو جنهن موجب آتما جي چئني اوستائن - "جاگرت ، سکپت ، سپنو ۽ تريا" ۾ هڪ ئي برهم آتما وسيل

ڪندي ڳائين ٿا مان اُنهن وٽ وسان ٿو اچي نارد !

هاڻي سوال ٿو اُٿي ته جڏهن صوفي مت ويدانت مان نڪتو آهي ۽ اُنجي ئي پوئواري ڪري رهيو آهي ته پوءِ ويدانت "تصوف" يا "صوفي مت" جي الڳ نالي سان ڇو ناميارو ڪيو ويو آهي؟ اسان پاڙ کي ريٽي ۽ اُنجي اُپج - پن - پنکڙي، ڦل - ڦول جي رنگ روُنق کي روشن ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري رهيا آهيون ! آخر ڇو ؟ باقي ڪامل ٻرڪن/الله لوڪن جي نظرن ۾ احسانمندي ۽ احسانفراموشي وچ ۾ ڪو فرق ڪونهي. "دوست - دشمن هڪ ڪيو گود ڙيا کڏجن"

ٻلهي شاهه ته ايتري قدر چيو آهي :

نه خدا مسيتي لڀدا - نه خدا وچ ڪعبي
نه خدا قران ڪتابان - نه خدا نمازي

هاڻي پيش آهي سلسليوار چاڻ :

اها منصوري مستي ۽ عطاري تنوار سچل واتان هن ريت اُڀري نڪتي :

قاضيا ڪهڙي مسلي ڏسيندئين - عشق شرع ڪيا لڳي
ملان دي دوڙ مسيتين تائين - عشق دي منزل اڳي .
(سچل)

اڃا وڌيڪ وائع ڪندي چويٿو :—

عاشق، عشق ۽ معشوق اهوئي ڏانءُ ڏايو ڪيو ڏاهي
پنهنجو پاڻ پسائڻ ڪارڻ - ناهه ڪڏهن ٿو ناهي
اُهو اندر، اُهو ٻاهر - ڪٿي چوان ائين ناهي
(سچل)

١. برهم جو سروپ

سهڻن سڄڻ اُپري، چوراسي چنڊن ۽
ٻا الاه ري پرين ۽ سڀ اونداهي پانڌيان.

(سر ڪنڀات)

ڪينو اُپنشد اَنوسار سواءِ هنجي ڪرپا جي هڪ ڪک ٻه نه سڙي سگهيٽو ۽ نه ٽُــي اُڏامي سگهيٽو (هنجو خلاصو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان) ٺيڪ اُن نموني شاهه لطيف ٻه چئي ٿو ته الله جي مهر ڪان سواءِ ڦڪيون ٻه فرق نه آڻي سگهنديون:

تون حبيب، تون طبيب، تون دارون ڪي دردن،
تون ڏيڻ ۽ تون لاهين، ڏاتار ڪي ڏکندن،
تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن اَمر ڪريو اُنڪي.

(سر يمن ڪلياڻ)

ارڏات: " ليلا ٽي نه لهين تـــه پي ليلا ٽيجه " (شاهه سر ليلا چنيسر) اُنڪانسواءِ ٻي ڪا واهه ڪونهي هنجي آڏو ناز نه بلڪ نياز گهرجي.

ساميءَ ٻه ايشور جي سونهن ۽ شڪتي اپرمپار مڃي آهي. چي:-

سچٽ جي سوڀيا چئي وڃي نه مک مان،
سوريه ۽ چندر، چراغ لک ۽ لڇا مان ٿيا،
سامي موهيا سورما ۽ جن ديـــدار ڪيا،
لنگهي پار پيا، اوديا جي اوڙاهه کـون.

(سامي)

ايشور جي مهر مها سان:

گونگو گيان ڪري ۽ ٻڌائي ٻوڙن کي،
پنگو چڙهيو پربت تي، انڌو ڏسي نري،
سمنڊ سماڻو بوند ۾، جل ۾ جوت ٻري،

آهي. ساميءَ به ساڳيو سچ هن ريت ظاهر ڪيو آهي :

جاڳرت ۾ جوئي، سپني ۾ سوئي
سهمي سکپت ۾ ڪري، آنند اُهوئي
ترپا سان تدروپ ٿيءِ، ٿو ساک ڏئي سوئي
آتم اهوئي جو چئني کي چيتن ڪري
(سامي)

(ب) برهم جو انگ آڪار ۽ هستي : ورهدارڻيڪ اُپنشد انوسار برهم نه اسٿول آهي، نه سوکيم، نه ننڍو آهي نه وڏو :

'अस्थूल मन वह्स्वम दीर्घम् – (वृहदारण्येकोपनिषद 3,8,8)

برهم سرو شڪتيمان آهي : ساري برهمانڊ جي قابضي ڏور هن جي ئي هٿ ۾ آهي

هو آدي انت کان نيارو آهي سو هنجي گڻن ۽ شڪتين جو ورڻن انساني لفظن کان ٻاهر اندر چئبيو آهي. شاهه عبداللطيف پنهنجي رسالي جي شروعات برهم جي وڏي وڏائيءَ سان ڪئي آهي :

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي، واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.
(سر ڪلياڻ ١-١-١)

شاهه لطيف ايشور ڪانسواءِ سرشٽيءَ ۾ اونڌه تو مخصوص ڪري :-

هندو ڌرم جي يوگ ساڌنا مطابق انساني شرير اندر پراڻ شڪتيءَ جا ست مرڪز آهن* جنکي چڪر به سڏيو آهي. هي چڪر گديا کان ڪاپار جي پرڪٽيءَ ڏانهن اُپرن ٿا ۽ يوگ پراڻايام وسيلي يوگي اُنجو آڌار وٺندا آهن. پهرئين مرڪز کي "مولاڌار چڪر" چيو ويندو آهي جو گديا جي ويجهو هوندو آهي ۽ رواجي طور نانگ وانگر گول ڪنڊلني ماري ٻي سرت سمهيو پيو هوندو آهي ۽ يوگي اُن ڪنڊلني شڪتيءَ کي پراڻايام ذريعي جاڳائيندا آهن جو آهستي آهستي سلسلي وار گديا، ڌن، هردي، نڙي، ناسڪا، اکين جي ڀرن وچان نرڙ وغيره کي پار ڪندي ڪاپار پرڪٽيءَ ۾ "برهم رنڌر" نالي ڏهين دروازي مان نڪري وڃي پرم آتما سان ملي ٿي. اوم سان پاڻ ساڪشاتڪار ٿئيٿو. شو سان وڃي ملي ٿو. ان يوگ ساڌنا جو ورڻن ٻه ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ ڪيو آهي:

"ماڙيءَ ست دريون - سيڻي ۾ ڏس سوجهرو"
(چونڊ سلوڪ ص 154)

ڌرتي چڙهي آڪاس تي، ڪليو دسم دوار
اچي جاڳيو پاڻ هي لونءِ لونءِ جو اونڪار،
ساڪي سرجڻهار، سامي ڏسي سڀ ۾.
(سامي)

جنهن برهم کي ڄاتو ۽ سمجهو هو پاڻ برهم ٿي ويو. منڊڪو اُپنشد ٻڌائي ٿو:

‘स यो हवै तत्परमं ब्रह्म वेद ब्रह्मैन भवति’ - (मुण्डकोपनिषद3,2, 9)

ديوان دلپت به چيو آهي:

---

* سوکيم سرير ۾ يوگ جا ست چڪر آهن: مولاڌار، سواڌستان، مڻي پور، اناهت، وشڌ، اجڻيه ۽ سهسر.

سمجھي اجر جري، **ساميَ** چئي سو ستگرو.
(سامي)

(ب) **برهم جو ورڻن**: برهم محض ٻاهرين اکين سان ڏسي نه سگهبو ۽ نه ئي اُنجي پورڻ سروپ جو صحيح صحيح ورڻن ڪري سگهبو. هنجي مهما ۽ مهانتا محصوص ضرور ڪري سگهبي. سو به ستگيان ۽ ڌيان وسيلي. اهڙي ڄاڻ مُنڊڪ اُپنشد ۾ هن نموني مِلي ٿي:

'न चक्षुषा गृहते नापि वाचा नान्यै देवेस्तपसा कर्मणा वा
ज्ञान प्रसादेन विशुद्ध सत्वस्ततस्तुतं पश्यते निष्फलं ध्यायमान'
(मुण्डकोपनिषद् मु 2 खण्ड-2, 11)

ساڳيو سار ساميءَ هن نموني سمجهايو آهي:

جنهنجو روپ نه رنگ ڪو- نڪو انگ آڪار،
ازغيبي **اسرار** آهيو سمجهيو نه وڃي.
(سامي)

سامي ايشور جو گُڻ ڳان ڪرڻ ۾ پنهنجن لفظن ڪي اٿيو رو ٿو ڄاڻائي:-

سامي الک اپار- من ٻُڌي واڻيءَ کون پري،
وياپي رهيو وشو ۾- ساکشي سر جهار.
(سامي)

(پ) **برهم سان ساکشاتڪار/ مکاميلو/ مشاهدو**:-

گيتا جي گيان انوسار منشيه برهم کي ڌيان وسيلي ڌيائي، پاڻ کي اُن حقيقي حق ۾ سمائي سگهيٿو. گيتا جو اٺون اڌياءِ ڌيان جي گيان سان ڀريو پيو آهي:

अभ्यास योगयुक्तेन........पार्थानुचिन्तयन् (गीता अ-8 श्लोक 8)
प्रयाण काले........सतं पर पुरुषमुपैति दिव्यम् (गीता अ-8 श्लोक 8)

مون ۾ تو ۾ ڪهڙو سگهه هو اُنجي ساڃاههِ صرف ايشور وٽ محدود هئي:

تڪا "ڪن فيڪون" هئي، تڪو لڳهه لهم ۾
ٻٽيو هونـــ ٻـــت ۾ اڃا ڪي آدم،
مون تــوهين ۾ سگهه ۾ اُها ساڃائي سڀريـــن.

(سُر مارئي)

ديوان بيدل جي برعڪس:

ڪن ڪان اڳي ڪونه هو ۾ ظهوريءَ جو ذوق
هيڪائي هيڪ هئي، اڪو تخت نه فوق
شـــاعقن جـــو شـوق ۾ پريئن هو پڌرو.

(ب) **سرشٽيءَ جي جوڙ**: جڏهن ايشور کي "ايڪو ٻـرهم ٻهو سيام" ارڻـات هيڪڙائيءَ مان گهڻائي، احمد مان واحد يعني پـــاڻ سڃاڻڻ جـي آرزو ٿي ته هن جڳت جـــو جنسار ڪيو:

الله عـالمين، سارهايان صبحان
جنهن قادر "ڪن فيڪون" سان جوڙيو سڀ جهان.
(شاهه لطيف)

خلقت جـــي تخليف کان اڳ، خالق جي منزل کي سچل سرمست **معشوقي مام** ڪوٺيو آهـي جو پوءِ عاشق جي منزل نرماڻ ڪري اُڀريو. چويٿو:

هيس معشوقي مام ۾، عاشق ڻي اُڀـاس،
اڇط نه هو هت منهنجو، خواهش هڪ ڪنياس،
حسن سندي هوس هئي ۾ جنهن هت هيرياس،
وچان آءٌ وياس، سچو ساڃهو سچهه ٿيو.

(خود شناسي ب- 12)

"پاڻ وڃائي پرين ۾ - پرين پاڻ ٿيا."

مالڪ سان مشاهد ماڻيندڙ ڪامل پرک پنهنجي واتان ڪجهن هڪ حرف بہ نہ، پر ٻاروهي مهر سنڌي صدامي مهراڻ ۾ موجون ماڻين :

"جنين ڏٺي سچ، تنين ڪچهو ڪينڪي."

(سامي)

مسلم صوفي درويشن ڌيان کي فڪر جو نالو ڏنو آهي. فڪر جي فقيرن جڏهن مالڪ سان مشاهدو ماڻيو تہ هنجي واتان ازخود آواز نڪتو : "اناالحق" "اهم برهم اسمي" ارٿات: مان حق آهيان / مان سچ آهيان.

٢. سرشٽيءَ جو سرجن

(الف) **سرشٽيءَ جي سرجن کان اڳ برهم جو سروپ**: سرشٽيءَ جي سرجن کان اڳ ايشور اڪيلات ارٿات شونيہ يا غيب جي حالت ۾ اڻاڻ هو. صوفين ان حالت کان پري نراڪار، بي رنگي - ايشور کي **الما** جي منزل ڄاڻايو آهي. ۽ سنڌي شاعريءَ اندر انکي **هيڪائي هيڪ** (هڪ ڪرائي ۾ معشوقي مام، غيبي اسرار "لا"، انهد (सम अवस्था) وغيره سڏيو ويو آهي. شاهہ لطيف ان منزل جو بيان هن ريت ڪيو آهي :

نڪا "ڪن فيڪون" هئي، نڪا صورت ماهہ،
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناهہ،
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت جي واهہ،
لڪيائين لطيف چئي، اُت گجهاندر گاهہ،
اڪين ۽ ارواح، اُها ساڃاهہ سپرين.
(سر مارئي)

انسان برهم سندي بقا کي پلائي ، ناسوان سنساري مايا جي ممتا - موهہ ۾ ڦاسي ، ھڪي چوراسيءَ جي چڪر ۾ ترڦندو رهي ٿو. مدبڪو اُپنشد انوسار انسان **اگيان جي انڌڪارڻ** ئـي دنيوي مايا جار ۾ ڦـاسي وڃي ٿـو. اهو سڀ ساميءَ هن ريت سليو آهي :

" انڌن ڏي آئي ، مايا بڻي موهڻي " يا

" ڪئي خلق انڌي ، مايا موهي ممت سان ."

ان مايا کي سامي تمام اڻو ڻندڙ اُڳرن لفظن ۾ اُچاريو آهي*
جيڏن انسان پنهنجو من اُن مان ڪڍو ڪري برهم سان لنو لڳائي .
فقط مايا تـي ئي هن ١٠٦ سلوڪ چيا آهن سلوڪ ٢٧٥٦ کـان ٢٨٦١ تائين پاڻو نيون جنمان کي مثالي سلوڪ پيش آهن :

مايا منبي مانباڻ ، موهي ماري سڀ کـي ،
ڪنهنکي ڇڏي ڪينڪيء خالي خوشيءَ ساڻ.

—

رولو وڏو رن ، جدائيءَ جو جڳ ۾ ،
ماري منجهائي سڀ کي ، ڏاري نانا ون .

—

مايا سڀ موهي ، جيءَ کيا وس پـانهنجي ،
وڌائين چـل ول سان ، انڌا ٻنڌي ٽوئـي ،
پٽي ڏيئي پاٽ کـي ، ڪن هوئي هوئـي ،
آتم ڏن کـوهي ، مـورک ويٺـا من ري .

شنڪر آچاريہ جي پاشيہ انوسار — رجو سرپ وت ، سوين سنسار وت مرگہ مريچڪا وت ، سامي بہ چوي ٿو:-

---

* مثلن: ڏن ، ڪتي ، ڇهڙي ، نانـگڻ ، بري بلا ، ٺڳہ ، ڏاڪو ، جادوگرڻي ، موهڻي ، ڏائڻ .

سچل سارو سچ، تنهن منجهان ڪثرت ڪل،
الف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل.
(وحدت ب - ١)

پاڻ ئي جامو جميعت جو، آيو منجهہ جهان.
(وحدت ب - 8)

ساميءَ اها ڳالھ هن ريت ڏني آهي:

"بيکہ ڌري آيو، خاوند پاڻ خلق ۾"

٣. برهم ۽ سرشٽيءَ جو سنبنڌ

برهم مايا سان سرشٽيءَ جو سرجن ڪيو:

'माया सृजते विश्वमेतत्' (श्वेताश्वतरोपनिषद 4.9)

'ब्रह्म सत्यम् जगन मिथ्या' برهم بقا ۽ سرشٽي فنا آهي

سرشٽي ايشور جو اُپجايل مايا وي منڊاڻ آهي. سنساري وستن کي اسان ڏسي، ٻڌي، پرکي، ڇُهي ۽ ڀوڳي ضرور سگهون ٿا پوءِ ڀلا اهو طلسمي ماياوي منڊ ڪيئن ٿيو؟ انجو جواب اهو آهي سنسار جي هر وستو جي عمر آهي، پوءِ ڪاڪي پل هجي، ڪا سال يا صديون پر سنساري هر وستو مٽيءَ ۾ ملي ناس اوس ٿيڻي آهي. جيئن ڪو جادوگر پنهنجي طلسمي مايا ۾ ڪي چند گهڙيون يا ساعت پل درشڪن کي ڏيکاري ٿو ته ٺيڪ اهڙي نموني ايشوري جادوگر جو جادو سنساري ماڻهن لاءِ وڏو عرصو پل پاسندو هجي پر ايشور جي نظرن ۾ سندس کيل ڪن گهڙين لاءِ ئي قائم آهي. جنهن جادوگر ماياوي کيل رچيو هو، اهو واپس هن ۾ ئي سميٽجي ويو سو برهم بقا آهي سرشٽي فنا. روحل ان حقيقت کي هن ريت ظاهر ڪيو آهي:

چيٽن ايڪ اکنڊ هئن ۾ سڀ گهٽ وهيو سماءِ ۾
مايا سون مل جڙ ٿيو، شڌ سروپ اسہ ڀاءِ.

नैनं छिन्दन्ति शस्त्राणि नैनं दहति पावक: ।
न चैनं क्लेदयन्त्यापो न शोषयति मारुत: ।। 23 ।।

ساڳيو سچ ساميءَ پنهنجي سلوڪ ۾ چيو :

ڇيد ڀيد پيو نہ وڃي ، پون نہ سڪائي
جل نہ ٻوڙي ، ڌرتي نہ دٻي ، اگني نہ جلائي .

(ب) **برهم آتما - جيو آتما:** جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ آتما اجنما، انادي ۽ امر آهي پر جيو آتما بہ تہ ساڳي امر هستي رکي ٿي سو اُن ناتي جيو آتما ۽ برهم آتما **هڪ ٿي** تہ ٿي . ارجن جي شنڪا سماڌان واسطي ئي ڀڳوان ڪرشن هنکي ٻڌايو تہ جيو آتما امر آهي . تون مرڻ مارڻ وارو ڪير آهين ؟ هيءُ تہ منش جو سرير ناس ٿئي ٿو، جو ناسوان آهي جو اڄ نہ سڀاڻي اوس مرندو . ها باقي جيو آتما ۽ برهم آتما جي ڀاڱ ۾ سمانتا ڪهڙي آهي ان بابت ويدانت ۾ معمولي ڀيد / اڀيد جو متڀيد آهي . ويدانت جي **دوئيت مت** مطابق، ساري سرشٽي ايشور خلقي آهي ۽ سرشٽيءَ جي واڳ ڏور هنجي ئي هٿ ۾ آهي **سوڇيو آتما** هن جي قبضي ۾ هئڻ ناتي ٻنهي وچ ۾ **وڏ - ننڍائيءَ جو ڀيد** آهي . ان ڀيد ناتي ئي **دوئيت** آهي . تصوف موجب ان دوئيت کي **وحدت شهود** جي نالي سان سڏيو ويو . انجي ويپريت برهم آتما ۽ جيو آتما هڪ ئي مڃڻ واري مت کي ويدانت ۾ ادوئيت مڃيو ويو آهي اهو سڀ ٻنهي جي **اڀيد** ناتي آهي . تصوف مت ۾ **ادوئيت** کي **"وحدت الوجود"** جي نالي سان اُچاريو ويو * ادوئيت کي مڃيندڙ ويدانتي ويچار ڪن /

---

* صوفي مت جو دوئيت ۽ ادوئيت ٽن نالن سان نامياڙو آهي. (١) **اجاديا** : الله جي هستي ڪائنات کان بنهہ الڳ، اڻ فاني آهي ار ٿات دوئيت . (٢) **شهوديا** : انسان ۽ ڪائنات الله نہ بلڪ اُنجو عڪس آهي . (٣) **وجوديا** : انسان ۽ ڪائنات ۾ ايشور جو انسي تتو سمايل آهي .

ڏرين ڪوه ڀيار، سامي مايا موه سان ؟
اُنءَ سڀ اوديا سمدو، اٿ هوندو اسرار
جيئن ناڻگهہ نوڙيءَ ۾، سپني ۾ سنسار
ڪر نہ جيءَ خوار، مرگھہ ترشنا جي جل ۾.

مراد فقير بہ سنساري مايا منڊ ۽ ڪٽنيگر تا بابت ٻڌائي ٿو :

جو تو هاري ڀانئيو هار، سو تان مٺيو مڪر جو
هن ڪنڌُ رونءَ ڏوتيون ڪيتريون، ليلا لکہ هزار،
موهي منصوبي سان، نر وني ويئي نار.
ثابت ڪر سچ ڪي، ڪوڙ نہ ايندءِ ڪم
ڪايا - مايا، مال - ڌن، دام نہ هوندءِ دم
تر نہ نيندين تنهن مون، جو جوڙي ڪيرءِ جم
پوءِ غافل کائيندين غم، نت ساجهر سمجهہ مراد چئي.

۴. برهم آتما ۽ جيو آتما جو لاڳاپو :

(الف) **آتما** : آتما امر آهي اهو سچ شريمد ڀڳوت گيتا جي ٻئي اڌياءِ ۾ سلوڪ ١٢ کان ٣٠ تائين وڏي وستار سان سمجهايو ويو آهي . سلوڪ ٢٠ هن ريت آهي :

न जायते म्रियते वा कदाचिन्नायं भूत्वा भविता वा न भूय: ।
अजयो नित्य: शाश्वतो ऽयं पुराणो न हन्यते हन्यमाने शरीरे ।।20।।

سامي چوي ٿو :

نڪي جيءَ مري، نڪي اچي ڳرڀ ۾
نڪي ٻڏي جل ۾، نڪي اُگن جري.

گيتا جو شلوڪ ٢٣ آهي :

آهيان، أنا الحق، مان برهم آهيان، جيو ۽ برهم ٻئي بلڪل هڪ آهن. **ان ڪيول** ادويت جو ذڪر ساميءَ ڪهڙي نه سهڻي نموني پيش ڪيو آهي:

”جيئن **وڄڻيءَ** ۾ واءُ - تيئن ساڪي وسي سڀ ۾،
”جيئن ننڍن ۾ نور، ”جيئن گهٽن ۾ آڪاس،
ساڪي رهي ساڻ - سو نظر اچي ڪينڪي
حيرت ۽ هاسي اچي هڪ اچرج تسي
سائي ڦولهي آتما - **ڪنڌ ڪي ڀڻاسو**
گهٽو ٻڌو لڏي سون ڪي - **مٽيءَ ڪي ڪاسو**
پاٽي پياسو - ساميءَ رهي نت نير جو.

سچل سرمست به ”أناالحق“ جو نعرو هڻي شنڪراچاريه جي ڪيول ادويت جي ٻونواري ڪري ٿو:

تون ئي سي مالڪ ملڪ جو - پانهو پاڻءِ ۾ پاڻ
قطرو پاڻ نه پاڻئجه عاشق - سار وئي تون بحر سڌاءِ.
سچو آهين سر سبحاني - ظاهر جو تون ناڻءُ وڃاءِ.

مراد به ساڳيو منطق اظهاريو:

”تون آهين تيئن پرينءَ سان - جيئن پاڻيءَ ۾ ماڪ“

۵. برهم سڀ ۾ سمايل آهي، ٻاڻ ئي ڀوڳيندڙ ۽ ڀوڳيه آهي.

مٿيون ذڪر شويتا شورو اپنشد ۾ هن ريت آيو آهي:

‘भोक्ता भोग्यं प्रेरितारंच मत्वा, सर्वं प्रोक्तं त्रिविधं ब्रह्ममेतत्’
(— श्वेताश्वरोपनिषद् 1, 12)

(الف) ايشور ٻاڻ ئي ڀوڳيندڙ ۽ ڀوڳيه آهي.

آچارين برهم ۽ جيو جي **اڀيد** جو تصور هيٺين ڇهن قسمن ۾ ورڇي وڌو آهي.

(١) رامانج آچاريه جو **وششٽا ادوئيت** چوي ٿو ته برهمانڊ ۾ سڀني گڻن جو ڀنڊار ايشور آهي ۽ جيو آتما ۾ واسو ڪندي ڪيس ڪجهه گڻ عطا ڪندي انسان جي استول شرير کي چيتنتا بخشي سرشٽيءَ ۾ موڪلي ٿو. اهو مت جڙ پرڪرتي ۽ جيو آتما جي جوڙ کي ايش آتما سان ڳنڍي اڀيد ناتي ادوئيت ٻڌائي ٿو

(٢) نمبارڪ جو **دوئيتا ادوئيت** انوسار سروپ ليکي جيو آتما ۽ برهم آتما هڪ آهن پر هستيءَ ليکي ٻئي الڳ آهن. ٻين لفظن ۾ انهن ڪٽي ڇنجي هستيءَ ليکي ٻنهي ۾ ڀيد ارٿات دوئيت آهي. پر سروپ ليکي سمانتا هئڻ ڪارڻ **اڀيد** ارٿات **ادوئيت** آهي. اتي ٻي ادوئيت ۽ دوئيت اُپري ٻڌو آهي.

(٣) ولڀ آچاريه جي **شڌ ادوئيت** مطابق جيو آتما جو ٻي **انش** آهي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ اڀيد ناتي ايڪاتمڪتا آهي. باقي جڙ پرڪرتي ايشور جي خلقيل مايا وي شڪتي آهي.

(٤) شنڪر آچارين جو **ڪيول ادوئيت** مٿين ٽنهي کان نيارو آهي. استول شرير اندر چيتن جيو آتما ۽ ايش آتما جو نه واسو نه انش ۽ نه ٻي ٻنهي جي علحدا هستي آهي بلڪ جيو آتما ۽ برهم آتما ٻئي اڀيد ناتي نس پس هڪ آهن.

شنڪرآچاريه جي ان ڪيول ادوئيت جي ٻي اڪثر هندو ڌرم جي اُپنشدن ۾ مچتا نظر اچي ٿي. "اهم برهم اسمي، تت توم اسي" ان جو ٻي پڙاڏو آهي. سنڌي شاعريءَ جي ويدانتي ۽ صوفي گفتن ۾ اڪثر اُنجوئي عڪس پسجي ٿو. شاهه سچل ـ ساميءَ جي نموَرتي تي ان منطق تي بيشمار بيت، ڪهترا ڪلام ۽ سوين سلوڪ سرجيا آهن. مان سچ آهيان، مان حق

" جڳت ڏسي جانيءَ ۾ - جڳت ۾ جاني "

—×—×—

آهو ناگر نت - ٻهڪ ٿري بازار ۾
ڊانڀڻ ڇوي ڀيائيءَ ري - ڪيڏي ويٺو هٽ
ڀاڻ وپاري وڻج ٿيو - ڀاڻ تارازي وٽ
رعيت راجا ڀاڻ ٿيو - ڪانڌر سور سيٺ
ڀاڻ قول قل پتر ٿيو - ڀاڻ ڏار ڀنجه ڀت
اندر ٻاهر ڏهه ڏسا - ڪيلي ڳيت پرگهٽ
پرچي ڪولي پت ڀاڻ لڪائي ڀاڻڪي .

ديوان دلپت ٻه چيو - " ايڪو پورڻ وشنو مراري - آڀڙو **ڀوڄي آپ ڀوڄاري .** "

(ب) برهم سڀ ۾ سمايل آهي

مٿيون رهسيه ساميءَ هن ريت سليو آهي .

" جنهن ۾ وسي وس - سو وياپڪ ڏسي وس ۾ "

(سامي)

ساميءَ جي هن سٽ ۾ مٿين الف ۽ ب ٻنهي جو سنگم مليو ٿو .

ايشور جي وياپڪتا **ساميءَ** ڪيترا مثال ڏيئي پرگهٽ ڪئي آهي :

پرميشور پورڻ وياپي رهيو وشو ۾ ،
جئن مناڻ ڪنڊ ۾ - اگنيءَ مڌجهه اوشڻ .

ٻيا

ويد پران قران ڪوي - سڀني ۾ هڪ سوت ،
سمجهي ڏس سامي چوي - لائي من مظبوط ،
جئن آڪاس گهٽن ۾ - تئن سڀ ۾ ساکشي ڀوت .

شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري ان راز کي ھنن لفظن ۾ سليو آھي.

پاٺھي سلطان، پاٺھي ڏٺي سيھڙا،
پاڻ ڪري پاڻ لھي، پاڻ سڃاڻي پاڻ.

(شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو تذڪرہ لطفي ص ۲۰۱)

شاھ عبداللطيف ساڳيو سچ ھن ريت سڻايو آھي.

پاڻھين پسي پاڻ کي، پاڻھين محبوب
پاڻھين خلقي خوب، پاڻھين طالب تنھجو
سو ھي، سو ھو- سو اجل سو الله
سو پرين سو پساھ- سو ويري سو واھرو

(سر ڪلياڻ ۱-۱۸)

سچل سرمست بہ ان رھسيہ کي گھڻن ڪلامن ۾ بيشن ۾ اظھاريو آھي. مثلن:

پاڻ پو ڄاري پانھنجو، پنھنجو پو ڄائي پاڻ
ڄاڻ انھيءَ جي ڄاڻ، ڄاڻ نہ ڄاڻي ڄاڻ کي

سچو سائين ھيڪڙو- ناھي شڪ گمان
پنھنجو تماشو پاڻ ڏسيٿو- صورت منجھ سلطان
ڪاٿي پڙھي پوٿيون ڪاٿي پڙھي قران
ڪٿي عيسوي ڪٿي احمد- ڪاٿي ھنومان
حيرت ۾ حيران- پنھنجو وڌائين پاڻ کي

(وحدت ب- ۳ ص- ۳۷ چونڊ ڪلام)

پيش آھن ان سچ جا ساکشي ڪجھ سلوڪ جيڪي سامي جي مک مان نڪتا آھن:

پاڻکي يار نہ ڄاتم، ڀنئر ڀلي آهيان،
ٻڌيس ٻيائيءَ ۾، جو پاڻ نہ سڃاتوم.

انسان جي خوديءَ ڪارڻ ئي حقيقي هڪ مان - "تون ۽ مان" پيدا ٿي پيا. ان ٻنهي کي ڀلائڻ لاءِ سچل سرمست "لا" (ناٿھ) جي منزل تي آڻي ڪڙو ڪريٿو:

"تون" سان "تون" لڳن، "مون" لڳان "تو" ساڻ
"تون" ئي "آءٌ" سڀئي - "لا" ۾ موجودات ٿيا.

سچل انکي اڃا خلاصو ڪندي ايتري قدر چئي ڏئيٿو:-

نالو آدم جو رکي - هن حيرت هلايوم،
"ناٿھ" منجھاران "آٿھ" ٿي - هت سڃو ٿي آيوم.

شاھ لطيف بہ سر معذوريءَ ۾ چئو آهي تہ جن خودي ختم ڪري اھم کي ماري ڇڏيو آهي سي جسماني موت بعد بہ مرن نٿا، بلڪ اڳي کان اڳرا ٿي امر ٿي وڃن ٿا ۽ جڳہ جڳن تائين جيئرا بڻجي مخلوق پاران دم دم ياد ڪيا وڃن ٿا. چي:

مرڻا جي اڳي مئا، سي مري ٿين نہ مات
هوندا سي حيات - جيئڻا اڳي جي جيئا.
جيئڻا اڳي جي جيئا - جڳہ جڳہ سي جيئڻ
اوئي موئي ڪين مرن - مرڻا اڳي جي مئا.

(سر معذوري دا - ٣ ب - ٧ ۽ ٨)

ساميءَ بہ چئو تہ ماياوي مانداڻ ڪارڻ انسان ۾ خوديءَ اچي جڳھ والاري آهي. اھو سڀ اوديا ۽ اگيان پاڻ سڃاڻڻ ۾ ڀولو آهي. چي:

مايا ڀلايو، ساميءَ جي سروپ کون
ديھي مڃي پاڻکي - سنسي ۾ آيو.

روحل اهو راز هنن لفظن ۾ ظاهر ڪيو:

ايڪ اُسي ڪي نور سون - ديسٽ سارو نور،
روحل ايڪو دم رهيو - تمام نوم پرپور.

مراد ڪي به سچل جيان هر هنڌ پريوءَ جو پسار پسجي ٿو:

تن پرين ۾ من پرين - چت پرين، دل يار،
اندر ٻاهر سپرين - وٺي نه آهي وار،
اکين منجهه مراد چئي - ٻيو ڪونه ڪريان ڌار،
جاڏي ڪريان نهار - تاڏي سڄڻ پسان سامهان.

(ڪنڊڙيءَ واري جو ڪلام)

٦. پاڻ سڃاڻڻ

(الف) خودشناسي ۾ خلل وجهندڙ خودي

سائين ڪشنچند بيوس جو بند آهي:

سڀ پراڏو آهي ساڳيو - پر ٻڌڻ ۾ ڇو ٻه ٿيا؟
سمجهه سان سوچي سهي ڪري - آهه وائيءَ ور ڪٿي؟؟

جواب حاضر آهي:

"پاڻ نه ڪٽيج پاڻ سان - پاڻ سڃاڻج ٻاڻ"

(ديوان دليپت)

پاڻ سڃاڻڻ سان ۽ حقيقي حق سان هڪ ٿي وڃڻ ڪري تون ۽ مان جو ڀيد نٿي ٻوي ٿو. ته پاڻ سڃاڻڻ ۾ مکيه رنڊڪ ڪهڙي آهي؟ شنڪر آچاريه جي ڀاشيه انوسار اها مکيه رنڊڪ اُپاڌي ارٿات اهم آهي اها خودي ئي دوئيت / ڀيائيءَ کي جنم ڏيندي سنڌو (सन्धो) نرماڻ ڪري وجهي ٿي. سو جداپڻي جي ٻنڌڻجي هستيءَ کي فنا ڪرڻ تمام ضروري آهي. تنهنڪري سچل چوي ٿو:

سنت ڪبير ٻـــ، سائيو سچ هن ريت پنهنجي دوهـي ۾
چيو آهي .

جل ۾ ڪنڀ ، ڪنڀ ۾ جل هئي - ٻـاهر ڀيتر پاڻـــي
ڦوٽـا ڪنڀ ، جل ۾ سمايـــا - ايهت ڪهيو گياني .

(ڪبير)

ٻنهي پاڻين وچ ۾ محض مٽيءَ جي مٽڪي جو پڙدو آهي
جو آخر مٽيءَ ۾ ملي ويندو ۽ اندريون ٻاهريون پاڻي ملـي هڪ
ٿي ويندو .

خوديءَ جو پڙدو ، جيڪو مايا وي آهي اُنـڪي هٽـائڻ لاءِ
ساميءَ انيڪ سلوڪ چيا آهن :

"ٻن جي ڪانهي جاء - ساڪشي سوکيم پد ۾
سمجهي تون ساميي چئي - وڃون ٻاڻ وڃـاء
لونءِ لونءِ منجهه لـڪاء - مورت محبوبن جي"

(سامي)

—×—

ويهي ڏس پرتيت سان - دل جو کولـي در
ڪي غئر گهجر - ميلو ڪر محبـــوب سان .

(سامي)

—×—

"پاڻ" ڪڍي جو پاڻ مون - ڏيو آتم ابناسي
وچـي ٿيـــو واسي - اُنـــل جان آڪاس ۾ .

(سامي)

ٻين ٻه ڪيترن سڳورن سنـڌي سنتن - درويشن ساڳـــي
نشان ڏهي ڪئي آهي .

ٻهائي ٻولي ڪري - پوري پرم نـ پـل

ارڌات برهم ۽ جيو جي آپيد ۾ ڀيد ڪري / پاڻ پلائــــي ۽
اَبناسي امر آتما ڪي ناسوان سرير ۾ قيدي وڌائين. ان ڀيد ڪـي
وڌيڪ واضع ڪيو اٿائين:

حيرت اَئون هاسي، اچي هڪ اچرج تي،
مهي ويٺو پاڻکي - ابناسي، ناسي.

×

مايا پلائي وڌو جـــيءَ ڀـــرم ۾
پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، ويٺو وڃائي.

—×—×—

مايا مت ڪسي - سڀ جـي وتي ول سان
سامي انڀئہ آتما - ڏيهون ڏور ٿيسي.

برهم ۽ جيو وچ ۾ جو مايا وي پڙدو آهي اهو طلسمي آهي. ڪٺپتگر آهي ۽ منجهائن ئي پيدا ٿيو آهي ۽ ان منجهہ ئي سمائبو. سامي ءَ انهيءَ ڪي مثال پيش ڪيا آهن:

جيئن **گهاگهر لوڻ جي** - پرٽ هلي پاڻي
سنڌوءَ ۾ ساماڻي - موٽي مونءِ ڪيئن ڪي.
(سلوڪ ۳۳۱۸)

يـــا

سامي سمايو **جل ۾ پو ٿو** جل ۾

لوڻ سمنڊ جي پاڻيءَ مان بڻبو آهي. سو لـوڻ جـــي گهاگهر به ته پاڻي ئي چئبي. گهاگهر جو آڪار مايا وي پڙدو آهي ٺيڪ ان نموني پاڻيءَ جو بدبدو به پاڻيءَ مان ئي جنم پائي ٿـ ۽ ڦٽڻ بعد پاڻيءَ ۾ سمائجي وڃيٿو. بدبدو به محض مايـا وي پڙدو آهي. شنڪر آچاريہ جي وويڪ چو ڙامڻي صفحہ ۳۹۱ ۾ به ساڳيو ذڪر اچيٿو- ”ترنگ، نين، پرم ۽ بدبدا ڏيهي سروم سر و پيٺ جل پيئا تٿا“

زهر - امرت سڀني حالتن ۾ هنجي من جي ورتي هڪجهڙي قبضي ۾ رهندي. سڀني سان هنجو ورتاءُ هڪجهڙو بنا ڀيد ڀاو جي رهندو. اهڙو انسان اهو ئي بڻجي سگهندو جڏهن پنجن ئي من اندرين ۽ پنجن ئي ڪرم اندرين تي قبضو ڪري وس ۾ آندو هوندو. پوءِ ظاهر آهي ته هنجي من مان تو مان جو فرق ڦٽا ٿي ويندو، ڀيائي ڀڄ ٿي ويندي، خودي ختم ٿي ويندي، مندائي مٽجي ويندي ۽ من جي آندر ڪو غبار نه هوندو پوءِ نرمل سيتل من شانتيءَ سان سڀ ڪي "ست" ڪري مڃيندو. هن وقت ڪنهن لاءِ شڪوو - شڪايت نه رهندي ڇو جو هڙيوئي حالتون خود هنجون ئي نرماڻ ڪيل پائيندو. اهڙيءَ طرح هو وحدت جي واديءَ ۾ سم اوستا ۾ پهچي. ساميءَ جي سخنن جيان -

"پنهنجي پرائي تات مٽي تڏ روپ ٿيو"
(سامي)

"سامي لڌائون سم ٿي- گهر مون گهر ڏٺي"
(سامي)

"جپي وٽ جاڳي ڪري - ڀيد بنا ڀڳوان"
(سامي)

سچن سالڪن جي ڳڻن جي ساراهه سچل سرمست هيئنئين ڪلام ۾ ڪري ڪيئن وحدت جي واديءَ ۾ پهچايو آهي:

مرڻ ڪنان جي اڳي مئا - مان ڪي ڪين مڃين
دشمن دوست هڪ ڪيو - گودڙيا ڳڌ جن
وحدت جي واديءَ ۾ - داناه دم ڀرين
"تون مان" وڃائي وڃان - پنهنجو پاڻ پسن
هادي مريد هڪ ڪيو - تفاوت نه ڪن

هوت تنهنجي هنج ۾ - ناحق روح نه ول
پڇي ڇڏ پنهور کي - ڪاهي ڪيچ نه چل
هيءَ هنگامو هل - دلپت هڪ حبيب جو
(ديوان دلپت)

ماحر ٿي معلول ۾ - ڇڏي جسماني
تو ۾ سر صبحان جو - عين آل اياني
خودي ڪر فاني - ته پسين باغ بقاءَ جو
(ديوان بيدل)

ديوان بيڪس ۾ ساڳيو ڏڳ ڏسي ٿو:
ڀائي نه ڪٽجه پاڻ سان - پاڻ سڃاڻج پاڻ
آ ساڄن توئي ساڻ - تون ڳولهين ٻئي طرف
(ديوان بيڪس)

سو محبوب جو مشاهدو ماڻڻ خاطر مٿي ڄاڻايل مايا وي پڙدا: لوڻ جي ڳهاڳهر - پاڻيءَ جو ڦونو، مٽيءَ جو مٽڪو، پاڻ (روپي هستيءَ) ڪارڻ ٻن جو ٻيد، غمُر - گنجر، ٻيائيءَ جو سنڌو پيدا ڪندڙ پنهور ۽ ڪيچ، خودي ۽ پاڻ. ڇيري حقيقي حق سان هڪ ٿيڻو آهي. هنن پڙدن کي چيرڻ ۾ منشيه جي من جي حالت سم هئڻ لازمي آهي جيئن ڪرشن ڀڳوان ارجن کي ڳهانوان بڻائڻ لاءِ گيتا جي اڌيايه ٻارهين جي سلوڪ ١٢ کان ٢٠ سلوڪ تائين ذڪر ڪيل گڻن هئڻ لاءِ زور ڀريو آهي: (स्थिति प्रज्ञ)

अद्वेष्टा सर्व भूतानां मैत्र करुण एव च····भक्तस्तेडतीव मे प्रिया:

(अध्याय- 12 श्लोक 13 से 20)

ارڳات سچو ڳهاني اهو آهي جو سنسار ۾ انسان جي ٻنهي وپريت حالتن ۾ هڪ ڪرو سم آهي. سک - دک، پاپ - پڻيه، فائدو - نقصان، خوشي - غم، شپ - اشپ ڪرم، دشمن - دوست مان - اپمان، سردي - گرمي، نندا - ساراهه، غريبي - اميري،

تون ئي عابد آهين - تون ئي آهين معبود
هيڏي هوڏي نہ ڏسين - تون مڙيوئي مقصود
سچو سمجھہ ڳالهڙي - محب آهي موجود .

×

پاڻ پنهنجو پاڻهي - صورت منجھہ سڃاڻ
الله الله ڇو چوين - پاڻ ئي الله جاڻ
تون ئي ٻڌندڙ ۽ تون ئي ڏسندڙ - شاهد آهي قران
نہ آهي شڪ گمان - سچو سائين هيڪڙو
(وحدت ب - ۲)

ديوان دلپت بہ ساڳي حام هڻئي :

اندر پرين ، ٻاهر پرين - پرين مون ئي ساڻ
ويجھو آهي ونين ڪون - ويڙيچل وٿاڻ
(ديوان دلپت)

حقيقي حق ۾ هڪ ٿيڻ بعد سالڪ جي موجن سندي مهراڻ جو ڪو ماپو ئي ڪونهي : ولايت جي واديءَ جو تصور سچل سرمست هن ريت پيشيو آهي :

نڪا صورت اُتهين - نڪا تار تنوار
نڪو ڏسڻ وارهو - نڪا سرت سنڀار
تن تي چڙهي آئيا - بيخوديءَ جا بار
ڪين ڏنائون ڪاڻهين - روءِ نڪا رخسار
لٿا شور شمار - همہ تا حق ٿيو .

ساميءَ جگياسوءَ کي انحد جي ديس جو ديدار هن نموني ڪرايو آهي :

گرمکہ جي گادي - انل جان آڪاس ۾

نـائين ڏس نيڻن - صورت مورت هڪ ٿـي
(وحدت - ب - ١٨)

روحل به صحبت هلائي انسان کي اپيد اوستا ۾ آڻڻ لاءِ هيءَ راهه ڏسيئو:

جي صحيح سچائي پاڻ - آئي قيمت سندو قطرو
کوري کيو قلوب مان - منبائيءَ جو ماڻ
پري نهارڻ پر کي - سندو جڻن چاڻ
نت سائين توئي ساڻ - راتيان ڏينهان روحل چئي.

(ب) آتم درشن جو آنند

محبوب جي مشاهدي ماڻڻ کي ويدانتي اوم جو ساڪشاتڪار جي پاڻ کي به برهم سمجهن ٿا ۽ وڏي واڪي دعوو ڪن ٿا - "اهم برهم اسمي" ويدانتي لفظن ۾ اهو نڪتو اُيري ٿو: 'स:ब्रह्मैव भवति' ته وري صوفي درويش ان منزل کي "هاهوت" جي نالي سان سڏين ٿا ۽ نعرو هڻن ٿا "اناالحق". ان "هاهوت" جي منزل تي رسڻ لاءِ به پهرين جگياسن کي گيتا ۾ ورڻن ڪيل سم اوستا واري منزل تي پهچڻو پوندو آهي جنهنتي رسڻ لاءِ شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت سدا چار ڏاڪا چڙهڻا پوندا آهن. ان سم اوستا واري منزل کان پوءِ به سالڪ کي ناسوت، ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت جون منزلون پار ڪرڻ بعد وڃي "هاهوت" جو اوچ پد پراپت ٿيندو آهي.

پاڻ ۾ پريو درشن بعد ۾ سالڪ جي همت، سچل واتان هن ريت اُيري بيٺي آهي:

ڪر پاڻ کي سجود - تون آهين جاءِ سجود جي

صوفي مت ۽ ويدانت

سنڌي سماج رتن پرنسيپال ايڇ. اي. شاهاڻي
ڊاڪٽر آف ٿيالاجي ۽ جوتش مهارٿي
بئرڪ ١٣٥١ روم نمبر ١ الهاس نگر 421004

ٿلهي ليکي ويد جا ٻه حصا ٿي سگهن ٿا، هڪ ڪرم ڪانڊ ٻيو گيان ڪانڊ. ڪرم ڪانڊ کي پورو ميمانسا چون ۽ گيان ڪانڊ کي اُتر ميمانسا. يوروپي ودوانن جو چوڻ آهي ته فيلسوفيءَ جي شروعات عجب اسرار مان ٿي آهي (Philosophy begins with wonder)

سنڌ ۾ صوفي مت جي شروعات **دنيوي عشق** مان ٿئي ٿي پر ويدانت جو آرنڀ سنساري دکن وچان ٿئي ٿو.

ويدانت لفظ جي معنيٰ آهي ويد جو متو. اها فلاسافي جڳت ڀارت جي مُلڪ جي هڪ مڻي آهي. ويدن جي واڌيءَ جو اُپديش رشي مني پنهنجن ششن کي پنهنجي ويجهو وهاري ڏيندا هئا، ان ڪري انهن جي اُپديشن جو نالو ئي اُپنشد (اُپ= پرسان، نشد = وهڻ) پئجي ويو. ڪٿي ڪٿي انهن رشين جو اُپديش علحدو ٿي نظر آيو تنهن ڪري شري ٻاداراين رشيءَ برهم سوترن جي رچنا ڪري ثابت ڪيو ته سڀني رشين جو هڪ ئي متو آهي. شريڌر سواميءَ (13:4) جو چوڻ آهي ته شري مد ڀڳوت گيتا ۾ ٻه برهم سوترن وارو ئي گيان ڏنل آهي.

(ब्रह्म सूत्र पदैश्चैव हेतुमदिर्भविनिश्चितै:)

مهاڀارت ۾ چيو ويو آهي ته شري ڪرشن ڀڳوان اُپنشدن روپي ڳانءِ کي ويهي ڏُهو آهي يعني ان ۾ اُپنشدن جو ئي سار سمايل

هار - جيت ، دک - سک کون پري - اگم علادي
چڙهي تنهن چوُکيءَ تي - ٿيو سهجي سماڌي
لڌائين آدي - سامي سک سروپ جو ۰

×

کنهنکي کريان حال - پورب ديس ملهار جو
جتي اُج بک ناهہ کا - نکي کائي کال
نکو ڏينهن نہ رات - نکو آکاس پاتال
خاوند جو خيال - سم ورتي سامي چئي

×

نگهن لايو نينهن - نور محل جي نانءَ سان
جتي سور نہ چندکو - نکو رات نہ ڏينهن
بنا بادل مينهن - سامي سدائين وسي

(سامي)

۾ مگن رهندا هئا. انهن کي هندي، اُردو ۽ فارسيءَ جو به گيان هو ۽ ساڳئي وقت شاعر به هئا. انهن جو چوڻ هو ته جنهن تي هي رنگ چڙهيو اُهو جتي ڪٿي پرماتما جو ديدار ڪندو.

(۱) اونهين هن اسرار جو، جن تي کليو در،
جاڏي ڪن نظر، تاڏي ڏسن پرينءَ کي.
(۲) نهون ڪر نظر، جو مڙيوئي محبوب آ.

(بيدل)

انهن جي ان عشق کي شريمد ڀڳوت گيتا جي ڀڳتي يوگ سان ڀيٽي سگهجي ٿو. گيتا جي ٽن مارگن (گيان، ڪرم، ڀڳتي) مان ٻارن، زالن ۽ عام ماڻهن لاءِ گيان جا پستڪ پڙهي گيان پرائڻ يا نشڪام ڪرم ڪرڻ ڏکيا مارگ آهن پر ڀڳتيءَ وسيلي پريوءَ سان ملڻ تمام سولو آهي، انڪري نرسي، نامديو ۽ گيانيشور وغيره سنتن ڀڳتيءَ جو پرچار ڪيو، جڏُن شري تلسيداس پنهن جيءَ پتنيءَ مان پريم هٽائي رام سان نينهن ڳنڍيو ۽ سورداس (بلو منگل) چنتامڻيءَ جو تياڳ ڪري شري ڪرشن سان پريم ڪيو، تڏُن بيدل سائين به ڪرمچند تي عاشق ٿيا ۽ سندن فرزند بيڪس ڪنئيعي تي. جڏُن گوپين کي وڻ جي پن پن ۾ ڪرشن ٿي نظر آيو تڏُن اُنهن صوفي فقيرن کي به پرماتما نظر ايندو هو.

(۱) هر صورت ۾ آپ سماوي، سمجهي مام مجازي سو،
(۲) ايڪائيءَ ۾ ايڪ ٿيو، بي رنگيءَ ۾ رنگ،
وحدت ۾ زائل ٿيو، ڏُئائيءَ جو رنگ،
ملا ۽ ملنگ، حقيقت ۾ هڪ ٿيا.

(بيدل)

ويدانت جي مت موجب جيو ۽ برهم ۾ ڪو به ڀيد ڪين

آهي (सर्वोपनिषदो गावो दोग्धा गोपालनन्दनः) .

سوتر (Aphorism) تمام ننڍا جملا هوندا آهن ۽ اُنهن جي معنيٰ تمام اونهي هوندي آهي. تنهن ڪري انهن جي سمجهائڻ لاءِ جدا جدا آچارين ويهي انهن تي ڀاشيه لکيا آهن جنهن وسيلي هنن پنهنجي پنهنجي سڌانت جو وستار ڪيو آهي. سوامي شنڪر آچاريه جو سڌانت آهي ته برهم ست، چت ۽ آنند آهي ۽ هي سنسار ڪوڙي مايا آهي.

(ब्रह्म सत्यं जगन्मिथ्या जीवो ब्रह्मैव नापरः)

هي مايا روپي چار ناسونت آهي ۽ مڪتيءَ ڪانپوءِ آتما برهم ۾ لين ٿي وڃي ٿي. سوامي شنڪر آچاريه نرگڻ ۽ نراڪار برهم جي روپ جي اُپاسنا تي زور ڏنو آهي ته وري وشنشٽو آچارين (رامانج، مڌو، ولڀ ۽ نمبارڪ) سگڻ برهم (مورتي پوڄا) تي زور ڏنو آهي. جنهن ڪري ويدانت جو ڌرم سان گهرو سنٻنڌ رهيو آهي. هرهڪ هندوءَ جي رڳ رڳ ۾ ويدانت جو گيان ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سمايل آهي پر يورپي لوڪن جي فلاسافي فقط عالمن جي من بهلائڻ جو ساڌن آهي.

سنڌ ۾ مسلمانن پنهنجي راڄ ۾ ڪيترن هندن کي مسلمان ڪيو ۽ سنڌن اُتي ڪيترا ورهيه راڄ رهيو. ان ڪري هندن ۽ مسلمانن جو هڪ ٻئي سان گهاٽو سنٻنڌ رهيو. هندو ويدانتي ويچارن جا هئا ان ڪري مسلماني درويشن مٿان به انهن جو گهرو اثر ٿيو. جن ويدانت جو اونهو اڀياس ڪيو چاڪاڻ ته اهي ڪٽر مذهبي ڪين هئا. اُهي هندو ڌرم ۽ پنهنجي مذهب کي هڪ نظر سان ڏسندا هئا. اُنهن پنهنجي ڀڳتيءَ جي زور تي ڪي ڪرشما به ڪري ڏيکاريا، ان ڪري ڪيترا هندو به انهن جا شش بڻيا. اهي فقير دنيوي عشق ڪري پوءِ روحاني عشق ڏانهن وک وڌائيندا هئا ۽ خوديءَ کي ماري پرماتما جي ڌيان

لاھوتي ٻي لانگھ، عدم کان اڳي ويا.

(روحل)

روحل جي ٻيتن مان معلوم ٿو ٿئي ته ھن سانکيه، يوگ ۽ ويدانت جو پورڻ گيان حاصل ڪيو ھو. سانکيه فلاسافيءَ موجب پرش ۽ پرڪرتي جي ميلاپ ڪري پرڪرتيءَ جي ٽن گڻن (ستو، رجو، تمو) ۾ ھلچل پيدا ٿيئي ٿي. تڏھن سُشٽيءَ جي شروعات ٿي ٿئي. ان کان پوءِ مھت جو جڳت روپي وڻ جو ٻج آھي اھو پيدا ٿو ٿئي جنھن کي ٻڌي به چئي سگھجي ٿو جا جڙ ھوندي به پرش جي ويجھو ھئڻ ڪري چيتن وانگر نظر اچي ٿي. جنھن کانپوءِ اھنڪار (مان ۽ منھنجو) جنھن کي کٽي چت به چئجي پيدا ٿئي ٿو. اھڙيءَ طرح ساتوڪ اھنڪار مان پنج گيان اندريون (ڪن، چمڙي، اکيون، جيڀ، نڪ) پنج ڪرم اندريون (وات، ھٿ، پير، گدا لنگ يا يوني) ۽ من پيدا ٿين ٿا.

बुद्धीन्द्रियाणि चक्षुः श्रोत्रघ्राणरसनस्पर्शन कानि ।

वाक्पाणिपाद्पायूप्रस्थान् कर्मेन्द्रियाण्याहुः ॥ (सो. का. 26)

پر تامس اھنڪار مان پنج تنماترائون (آواز، ڇھڻ، روپ، رس ۽ بوءِ) ۽ پنج مھاڀوت (آسمان، ھوا، اگني، پاڻي ۽ پرٿوي) پيدا ٿين ٿا. جئن ڪنھن ڪپڙي ۾ تندون ھونديون آھن تئن مٽيان تت پرڪرتيءَ ۾ سمايل آھن ۽ (ساکي) پرش انھن جي پوئڻ وارو ھوندو آھي. روحل به ساڳي ڳالھ "من پربوڌ" ۾ سمجھائي آھي. من چت جو چيو نٿو مڃي ان ڪري چت پنھنجيءَ ماءُ ٻڌيءَ کان صلاح ٿو وٺي جا کيس ساکيءَ سان ملائي ٿي جو کيس يوگ جي ستن چڪرن جو اُپديش ڪري ٿو ۽ چويس ٿو ته ھو انھن وسيلي ئي من کي روڪي پرماتما سان ملي سگھندو.

آهي . ساڳي ڳالهه انهن صوفين به چئي آهي .

(١) تون ته اهوئي ساڳي آهين ، ڀل نه ٻئي ڪنهن ڀول ،

(٢) ڳولها ڪرين جنهن جي ، سو تون آهين پاڻ ،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ ، تون ته ناهين آدمي .

(بيدل)

(١) آتم گيان ڀيو جن کي گهٽ ، اور نه ديکت دوجا ،
آپ ۾ آپ لين ڀيو ، پن آپڻي سيوا آپني پوجا .

(٢) خالق دا خيال جنهينڪو ، متي لڳي نه مايا ،
سي عاشق وحدت وچ ، رونڌي ، وسري سندر ڪايا ،
عشق چراغ ڪتي روشني ، ميٽا سڀ انڌيرا .

(روحل)

هڪ ڀيرو سوامي شنڪر آچاريه ڏٺو ته هڪ جهور ٻڍو گرامر
جو "ڊڪرڻ" سوتر ويٺو رٽي. ان کي ڏسي هن چيس تـــه
ائين سوتر رٽي مري ويندين تنهن کان ته رام سمرڻ ڪر.

प्राप्ते सन्निहिते मरणे नहि नहि रक्षति डुम्कृञ्च करणे
भज गोविन्दं भज गोविन्दं गोविन्दं भज मूढ़मते ॥

ساڳيءَ طرح بيڪس سائينءَ به چيو آهي :-

(١) اڙي مـلان ! نـه ڪر بڪ بڪ
نـه اتنا مار ، تـم جڪ جڪ
وهـم ڪا ورق ڌوءِ يڪ يڪ
پڇي هـن نـجهن ڪا نـارا .

(٢) ڇڏيائون سڀ سانگ ، ڪندا ڪوه نماز ڪي ،
جهڏانهن عالم آسرو ، تيڏانهن ڪن نـه تانگ ،
نڪي ڀرن قلمو ، نڪي ٻڌن بـانگ ،

پڇاڙيءَ ۾ اوم جو مڌر سر ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. انهن آلاپن جي گڏجاڙ سشمڻا ناڙيءَ رستي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. ان آواز کي صوفي انهد جو ناد چوندا آهن.

"انهد جي آواز مان بيدل - لڏو لڏو ليهون نچي."

(۵) وشد چڪر — هن جو استان ڪنٺ آهي ۽ ان جي ديوي سرسوتي آهي جا ايشور سمرڻ جو وردان ڏيندي آهي.

(۶) آگيا چڪر — هن چڪر جي جاءِ ڀرُون جي وچ ۾ هوندي آهي. انجو ديوتا ساڪي روپ آهي جتي يوگي عجيب روشني ڏسندو آهي. ان کي صوفي رنگ محل يا امرپوري به ڪري چوندا آهن.

(۷) سهسرار — هن چڪر جو استان برهم رنڌر يعني تارون آهي. انجو ديوتا خود پرماتما آهي جتي يوگي برهم سان لين ٿي پرم پد حاصل ڪندو آهي. تڏهن روحل چيو آهي.

(1) سات سن سي شونيه پري هٿن، تانهين منجهه استان.

(2) ڪٽ چڪر ڪڙ ديوهڙن ۾ رهتي آپون آپ،
بن پوجا ڇانڊي نهين، مانگي اجايا جاپ.

يوگ شاستر ۾ يوگيءَ جي هيٺين اوستائن جو به بيان ڪيل آهي.

(1) جاڳرت — هن اوستا ۾ جيو ۽ برهم جو ڀيد نظر ايندو آهي.

(2) سوپن — هن اوستا ۾ يوگيءَ کي گيان ايندو آهي ته هي جڳت ڪوڙ آهي.

(3) سشپتي — (योगी स्वयमेव व्युत्तिष्ठते) هن اوستا ۾ يوگيءَ

يوگ - من جي ورتيءَ جي روڪڻ کي ئي يوگ چئبو آهي. (योगास्चित्तवृत्ति निरोधः) من جي روڪڻ سان ئي آتم گيان ملندو آهي.

چنچل من نسچل ٿيو، اب چل نه سگهي ٻي ٺور،
(روحل)

روحل سائينءَ يوگ جي ڇهن چڪرن جو هيٺينءَ ريت بيان ڪيو آهي.

(١) مولاڌار — هن چڪر جو ديوتا گڻيش آهي ۽ ان جو نشان گدا جي اڳيان هوندو آهي جتي يوگي پنهنجي ڪري رکي گڻيش ڀڳوان کان آسڻ پڪي ڪرڻ جو ور وٺندو آهي.

(٢) سواڌشٽان — هي چڪر لنگ جي مٿان هوندو آهي، جنهن تي يوگي ٻي ڪري رکي ڪام کي روڪڻ لاءِ برهما کي پرارٿنا ڪندو آهي.

(٣) مڻي پورڪ — هي چڪر دن جي پٺيان هوندو آهي. ان جو ديوتا وشنو آهي جو سنتوش ڏيندو آهي. ان هنڌان يوگي ساهه کي مٿي چاڙهيندو آهي.

(٤) اناهت (انحد) — اهو چڪر ڇاتيءَ وٽ آهي جنهن جو ديوتا شو ڀڳوان آهي. يوگيءَ کي اُتي ڌيان ڪرڻ سان اناهت شبد جي ڌني ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. هٺ "يوگ" پرديپڪا (٤-٦٨) ۾ چيل آهي ته پهرين ڌني ڀونئري جي گنجار مثل يا ڪنهن سريليءَ ناد جي گيت وانگر ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. ٻي ڌني مرليءَ جي سر موافق يا ڪنهن ڪٽ جي ٻاسڻ جي آلاپ سمان ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. پوءِ ڌيمي سور ۾ گهنڊ جو آواز، بادل جو آواز ۽ سمنڊ جي گرجنا جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

جي پهچاڻ آهي، ان ڪري جاڳرت اوستا ڪري ڇڏجي. ملن کي سشپتي، ڀڳوان جي سچي پريم روپي اگنيءَ ۾ سڀ جپ تپ لڪڙين وانگر جلي ڀسم ٿي ويندا آهن تڏهن ته روحل چيو آهي ته :-

جان ڪهت انهو اُپجي آءِ
تان ڪو ڪرم نه لاڳي ڪاءِ.

بيدل سائين فرمائين ٿا ته :-

سوداگريون بيون ڪر ڦٽيون، وحدت جو ڪر واپار،
بيدل بدي نيڪي ڇڏي، وڃي عشق ڪيچ اختيار.

هڪ دفعي ڪرشن ڀڳوان بيمار ٿي پيو. ونيدين ڪيس چيو ته هيءَ دوا ڪنهن جي پيرن جي ڌوڙ سان کائيندين ته تنهنجو ڏک لهي ويندو. ڪنهن به آدميءَ ڪرشن ڀڳوان لاءِ پنهن جي پيرن جي ڌوڙ ڏيڻ نه قبوليو، ڇاڪاڻ ته انهن سمجهو ته ڀڳوان کي پيرن جي ڌوڙ کارائڻ معنيٰ هميشه لاءِ نرڪ ۾ پيو رهڻ، پر جڏهن نارد گوپين وٽ پهتو ته هنن يڪدم ڪيس ڌوڙ ڏني ڇاڪاڻ ته هو ڀڳوان جي وڇوڙي ۾ ايترو ته مگن هيون جو کين پاپ ۽ پنج جي ڪابه خبر ڪين هئي ۽ نه نرڪ جو ڀپ هو. ڀڳوان به انهن جي چرڻن جي ڌوڙ سان ملائي دوا کاڌي ته نيڪ ٿي ويو.

سنسار جو ڪوبه ڪم ڪنهن آزمودگار گروءَ جي رستي ٻڌائڻ کان سواءِ سڌ ڪين ٿيندو آهي. ساڳيءَ طرح اڌياتمڪ ساڌنا لاءِ گروءَ جي سخت ضرورت پوندي آهي. اُتي ته قدم قدم تي ڪرڻ جو ڀپ رهندو آهي تڏهين بيدل چيو آهي.

”ڪاريهر جي ٻر ۾ جيڪو وجهي ٻانهن،
جي نه ڪرائي ڏانهن، ته ڪاريهر ڪئن ڇڏجي.“

کي انئين محسوس ٿيندو آهي ته جيو ۽ برهم هڪ آهن يعنيٰ مان
ئي برهم جو روپ آهيان.

(4) ڳاڙ سشپتي — (पर यत्नेन योगी व्युत्तिष्ठते) هن اوستا
۾ يوگيءَ کي ڪوئي اچي مڪ ۾ ڪاڏو ڏيندو آهي ته هو ان کي
پرارٽ جو ڪم ڪندو آهي.

(5) تريا — (केवलं ब्रह्मभूत एव भवति) هن اوستا ۾ يوگي
برهم سان ليِن ٿي ويندو آهي ۽ رات ڏينهن برهم ئي ڏسندو آهي
ان کي سماڌي به چئبو آهي.

جاگرت، سوپن ۽ سشپتي تانڪو ساکي ايڪ،
جانکي پيٺيا سک ملي، پاڇي دک انيڪ.

(روحل)

روحل وانگر ملڪ محمد جايسيءَ به پنهنجي ”پدماوت“
ڪاويه ۾ هٺ يوگ جو بيان شو پگوان دوران راجا رتن سين جو
پدماوتيءَ جي موه ۾ ڦاٿل هو انکي ڏياريو آهي. هٺ يوگ جو
مطلب هيءُ آهي. ه = سورج، ٺ = چندرما. کي وري
هٺ کي پراڻ وايو ۽ اپان وايو چون ته کي اڙا ۽ پنگلا ناڙيون
چون. يوگي انهن ٻنهي ناڙين تي قبضو پائڻ ڪالپوءِ سشمنا ناڙي
وسيلي پراڻن کي مٿي چاڙهيندو آهي ۽ هو پنهنجن اندرين
وسيلي برهم رنڌر وٽ پهچندو آهي. صوفي آتم ليڪ کي ڦنا ۽
ايشور پراپتيءَ کي بقا چون.

صوفي مت تي پريم يوگ جو به ڪافي اثر آهي. هن يوگ
۾ جڏهين جيو ڪنهن به شيءَ جي چاهنا نه رکي آنند ساگر ۾ ليِن
ٿي ويندو آهي ۽ پريم پراپتيءَ لاءِ وياڪل ٿيندو آهي ته ان کي
پريم يوگ چئبو آهي. انجون ٽي حالتون ٿينديون آهن. (۱)
پريم (۲) ملن (۳) وڇوڙو. وڇوڙو ئي پريميءَ جي پڪي پريم

(٣) هر صورت ۾ آپ سماوي - سمجهي مام مجازي سو .
(بيدل ۽ بيڪس)

(٤) چيتن ايڪ اکنڊ هئه، سڀ گهٽ رهيو سماءِ،
مايا سي مل جڙ ٿيو، شُڌ سروپ نه پاءِ.
(روحل)

2. मिथ्या माया मोह विकार मनसि विचारय वारं वारम्

اها ڳالهه هر گهڙيءَ هينئين سان هنڊاءِ ته هي سنسار ڪوڙو آهي.
(شنڪر آچاريه)

(١) پنڊ برهمانڊ رچنا رچي، پانچ تتون ڪا ميل،
سمجهيگا ڪو سنت جن، يهه اڪڙ ڪلا ڪا کيل،
(٢) جوئي پر پنچ منهن، ڪيون دل پانڌي هئه.
(روحل)

3. कामं क्रोधं लोभं मोहं त्यक्त्वात्मानं भावय काऽहम्

ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موهه کي ڇڏي آتم چنتن ڪريو.
(شنڪر آچاريه)

ڪام، ڪروڌ، پرڌان هئن، لوڀ موهه اهنڪار،
پانچ ٺڳون کي وس پريو، اِهه نت مارن مار.
(روحل)

4. माया कल्पित नानाकारं भुवनाकारम्

مايا انيڪ پرڪارن جي صورتن ۾ نظر اچي ٿي.
رنگي برنگي پانتين پانتين، نور نظارو لايو.
(بيڪس)

5. ज्ञानविहीनः सर्वमतेन मुक्तिं न भजति जन्मशतेन

گيان کانسواءِ مڪتي سو جنمن ۾ به نٿي ملي.
(شنڪر آچاريه)

گيان انهن جان کي نيتر ۾،
تانکون ڪبهون نه درسي دوءِ.

پرماتمان سان ملڻ لاءِ تہ، ڪو پهتل گرو ڪپي جو رستو ٻڌائي تڏهن تہ سامي صاحب چيو آهي تہ :—

”رکيو هٿ مٿي تي پريا نيهن نياڻ،
اچي ٻيٺا پاڻ سمک منهنجي سپرين.“

ساڳيءَ طرح روحل سائينءَ جو بہ چوڻ آهي تہ :—

”تم جئسا گرو پيئيو، ٻڙو همارو ڀاڳ،
جئسي پارس لوهہ ڪو، ترنت مٽائي داغ.“

جگت گرو شنڪراچاريہ جو چوڻ آهي تہ، هي مايا ڄار هڪ وڏو سپنو آهي جو اسين ڏسي رهيا آهيون؛ هي پرڪرتي ايتري تہ وڏي آهي جنهنجو اسين بيان نٿا ڪري سگهون انڪري هن ان کي يعني بي انت अनिर्वचनीय چيو آهي ساڳي نموني روحل بہ چوي ٿو تہ :—

(1) اگم، اڪٿ، اگاڌ، بي انت،
سو ويد پران ۾ لکيا هيءَ جي،
يهہ جگ جان جئسو سپنو،
تہ جوني کي اوٽ.

(2) تو بن اور نہ دوسرا، کيا مک سي ڪريئي بات،
جم گنگا سپنا لهي، سمر سمر پڇتاءِ.

صوفي فقيرن جا ڪيترا اهڙا بيت آهن جهڪي ويدانت جي چوڻين سان بلڪل ملن ٿا ان ڪري هم ويچارن وارين کي چوڻيون هيٺ ڏجن ٿيون.

1. सर्वस्मिुन्नपि पश्यात्मानं सर्वोत्सृज भेदाज्ञानम्

هن پيد کي ڇڏي هر هڪ ۾ پرماتما جو درشن ڪيو.
(شنڪر آچاريہ)

(١) هنيئَي ڪر هوت سان، ويهي دوح رهاڻ (روحل)
(٢) نيهون ڪر نظر جو مڙيوئي محبوب آهہ.

6. हेयाहेय-द्वंद्व विहीनं परमेकं सत्तामात्रं सर्वहृदिस्थं दृशि रूपम्

جيڪو دوائيءَ کان دور سڀني جي دل ۾ وسي ٿو انجو ٿي ڌيان ڌر . (اڌياتم رامايڻ ٦ کانڊ ١٢ سرگ)

آساجن توهي ساڻ، تون ڳولهين ٻـئي طرف .

7. नामादि भेदरहित षडभावशून्यं
संसार रोग हरमौषधमद्वितीयम्

سنسار روڳي بيماريءَ لاءِ پرماتما ئي هڪ دوا آهي. جيڪو نالي ۽ دوائيءَ کان پري آهي . (شنڪر آچاريہ)

(١) نانءُ نشان نہ ڪوئي تنهنجو ۽ سهسين نام سڏائين .

(٢) ڪوڪان ڪريان پڪاريان ۽ ٻاڌايان ٿي ٻاڪاريان ،
توکي آنکين وهاريان ، ڪنهن نہ سور سليندي .

(٣) آءُ اياڻي نيڻهن نہ ڄاڻان ۽ سوڙن ساڻ سمايو مون ،
بيڪس سان مل مترا اڄ تون ، ڏاڍو طلب تپايو مون
(بيڪس)

8. अहं ब्रह्मानन्दस्त्वमपि च तदारव्य: सुविदितस्ततोऽहं भिन्नो नो कथमपि भवत: श्रुति दृशा

برهمانند چوي ٿو تہ اسان ٻنهين جو نالو ساڳيو آهـــي ان ڪري مان توکان جدا ڪين آهيان .

(١) آءُ آهيان اسرار ، الـک ليکي آدمي .

(٢) آتم درسي آتم ديکي ۽ وان بن اور نہ ڪوئي پيکي .
سب منهن ديکي اپڻا روپ، تان ڪي مت هڏہ انت انوپ ۽
(بيڪس)

9. सुखत: क्रियते रामाभोग: पश्चाद्धन्त शरीरे रोग:

ماڻهو سکـہ سان تـــہ ڀوڳـہ ولاس ڪري ٿو پر انجو نتيجو بيماري آهي . (شنڪراچاريہ)

جام شراب رند جي هاٿون پريم پيالا منگي ۽
روحل راهہ رباني دهي وچ ۽ ڏنديان سم نہ سنگي .
(ڏسو صفحہ آخرين تي)

Special Issue of Sindhu Doot Monthly Magazine Published by Rajasthan Sindhi Akademy Jaipur 11/92 to 6/93

SINDHI KAVITA MEIN VEDANT

Collection of Papers Written by Eminent Scholars for Seminar held at AJMER on 10-11 July 1993

— Can be hand from —

RAJASTHAN SINDHI AKADEMY

J–7 Subhash Marg, C Scheme JAIPUR–302001

Price Rs. **50-00** per Copy